
شبنم
شبنم
کنول
کنول

# شبنم شبنم ڪنول ڪنول

نسيم احمد کرل

ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس
ڪراچي يونيورسٽي

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

چاپو
پهريون

تعداد
هزار

قيمت: ١٠-٠ رپيا

1978

ڇپائيندڙ: محمد سليم ميمڻ پاران ورسٽي پبليڪيشن
ڪراچي سنڌ.

ڇپيندڙ: سيد مظفر حسين
پرفيڪٽ پرنٽرس 474 صدر حيدرآباد سنڌ.

# ڪجھہ پنھنجي پاران

ورھاڱي کانپوءِ سنڌي نثر کي جيڪو مقام حاصل ٿيو آھي سو فقط افساني جي ڪري جيڪڏھين افساني جي ٿنڀ کي سنڌي ادب جي ماڙي مان ڪڍي ڇڏجي تہ سڄي عمارت اچي پٽ تي ڌو ڪندي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونھي تہ ھن جديد دور ۾ انسان بہ مشيني پرزي وانگر تيز رفتاري سان مصروف آھي. ۽ ڪيس وقت ڪونھي جو نثر جي طويل صفن جو مطالعو ڪري پر تنھن ھوندي بہ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ھزارن جي تعداد ۾ ڊراما ۽ ناول لکجن ۽ شايع ٿين ٿا، پر سنڌي زبان جا چاڻو جن ۾ ليکڪ ۽ پڙھندڙ ٻئي شامل آھن. شايد انھن ٻولين جي ڄاڻن کان بہ وڌيڪ پنھنجي ڪمن ۾ رڌل آھن. جو ڪين افساني کانسواءِ ٻي ڪنھن صنف پڙھڻ ۽ لکڻ لاءِ وقت ڪونھي. سنڌي جديد افساني بنا ڪنھن شڪ جي جيڪا ترقي ڪئي آھي، تنھن جو مثال ملڻ محال آھي. سنڌي ادب ۾ جيڪي افسانا لکيا ويا آھن، تن مان گھڻن جو معيار دنيا جي اعليٰ ترقي يافتہ ٻولين جي افسانن کان گھٽ مثانھون آھي.

سنڌس افسانن جي سڀ کان وڏي خوبي ڪڇي جي ٻولي آهي جيڪا ڪيس ٻين افسانا نگارن جي ڀيٽ ۾ اختياري حيثيت بخشي ٿي.

نسيم کرل جو هي مجموعو سنڌس ابتدائي دور جي ڪوشش آهي، هن مجموعي جي افسانن ۾ ٿي سگهي ٿو اوهان کي ڪي اوڻايون يا ڪچايون نظر اچن، پر تنهن هوندي به سنڌس افسانا فن ۽ فڪر جي خيال کان سنڌي ادب جو قيمتي سرمايو آهي.

ورسٽي پبليڪيشنس جي اينڊز ڪتابن ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جو روح رهاڻ ۽ محترم نسيم کرل جي افسانن جو ٻيو مجموعو "چوٽيهون در" شامل آهن.

محمد سليم ميمڻ
سيڪريٽري
ورسٽي سنڌي پبليڪيشن

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١- | ڪافر | ١ |
| ٢- | شبنم شبنم ڪنول ڪنول | ١٧ |
| ٣- | زماني جي گردش | ٤١ |
| ٤- | گتس | ٧٤ |
| ٥- | ڪجهه رنگ | ٩٣ |
| ٦- | گذريل واردات | ١١٣ |
| ٧- | زر ۽ زور | ١٢٧ |
| ٨- | ڳڻ | ١٤٣ |
| ٩- | ڪني آگر | ١٥٤ |
| ١٠- | پٺت | ١٦٤ |

# ڪافر

جنهن ڏينهن سيتل آوڏ ۽ سندس گهرواريءَ ڪي مسلمان ڪرڻو هو، ان ڏينهن مسيت ۾ نماز تي ايترا ته جماعتي آيا جو قبائين ڪوٺي ته پرجي وئي پر ٻاهر پٽر ۾ به ٻه ٽي صفون ٻيهجي ويون. هن کان اڳ ايتري جماعت يا ته عيدن تي ٿيندي هئي يا جڏهن ڪو سرندڙ ماڻهو پنهنجي مئل پيءُ يا ماءُ کي ثواب ڏيارڻ خاطر ختمي جي ديگ لاهيندو هو. ڳوٺ واري مسيت جي پيش امام، مولوي اميد عليءَ، به ان ڳالهه جي چڱي مشهوري ڪئي هئي ۽ اوطاق ۾، قرآن شريف ۽ حديث جي روشنيءَ ۾، هن موقع جو عيدن کان به وڌيڪ مبارڪ هجڻ ثابت ڪيو هئائين. ڳوٺ جا ماڻهو به هرو ڀرو ايترا بي دين ڪونه هئا ۽ جنهن مڙس پڳ جو وَڙ ورايو هو سو اچي حاضر ٿيو هو. مولوي صاحب پاڻ به هن موقعي تي چڱي شان مان سان آيو هو. مٿي تي موڳي سائي دستار، بدن تي هرڪ جا ڪورا ڪپڙا، پيرن ۾ سيم جي نئين جتي، ۽ هٿن ۾ جنڊيءَ جي عصا جنهنجي هيٺين چيڙي ۾ لوهي ڪلي لڳل هئي ۽ جا محراب جي ڀرسان ڪچي فرش ۾ ائين ڪوڙي

هئائين جيئن دين جو جهنڊو کوڙيو هجيس. ان ڏينهن هن جيڪو خطبي جو ڪتاب آندو هو سو ٻه نئون هو. هو جڏهن آيتون پڙهي سنڌي ابيات جي ان حصي تي پهتو جتي چئن اصحاب سڀني جي ثنا هئي-

پهريون يار هو صديق اڪبر
يلارو پر جهلو صديق اڪبر
رفيق - غار هو صديق اڪبر
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان
ٻيو يـــار عادل عمر هو
سدائين ڪفار جو قاتل عمر هو
شجاعت ۾ قوي ڪامل عمر هو
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان
نبي جو دادلو عثمان اعلي
جمع قران ڪيو عثمان اعلي
سخاوت جو صاحب عثمان اعلي
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان
جياريـو دين ۽ ايمان حيدر
پيغمبر تان سدا قربان حيدر
خدا وا ڪاڻيو هر آن حيدر
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان

ـــ تہ جماعتين جو اڪيون اهڙا سريلا ابيات ٻڌي ٻوڙجي ويون ۽ هر ڪنهن جي دل گهرڻ لڳي تہ اهو خطبو هلندو رهي. فرض ۾ ٻہ مولوي صاحب ننڍين

آيتن بجاءِ سورت الرحمان شروع ڪئي، جنهن ۾ ”فبايّ الاءِ ربکما تکذبان“ جي تڪرار نماز ۾ وڏيڪ سواد پيدا ڪري ڇڏيو. نماز کانپوءِ مولوي صاحب ٿوري تقرير ڪئي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي اهڙي مبارڪ موقعي ۾ شريڪ ٿيڻ جي مبارڪ ڏنائين. پوءِ هڪ پنج - وقت نمازيءَ کي موڪلي سيتل ۽ سندس گهر واريءَ کي گهرايائين، جي غسل ڪرڻ کان پوءِ نون ڪورن ڪپڙن ۾ اوطاق ۾ ويهاريا ويا هئا. جڏهن سيتل مسيت ۾ ويٺو تڏهن مولوي صاحب بلند آواز ۾ سيتل کان پڇيو، ”بابا، تون ۽ مائي تلي دين محمدي قبول ڪرڻ گهرو ٿا؟“

”ها مولبي صاحب.“

”پنهنجي رضا خوشي سان يا زور زبردستيءَ سان؟“

”پنهنجي رجا سان، سائين.“

”تون ۽ مائي تلي؟“

”ها سائين.“ هڪ نويڪليءَ ڪنڊ ۾ ويٺل مائي تليءَ جواب ڏنو. مولوي صاحب اهو ٻڌي ڏاڍيان جماعتين کان پڇيو، ”ٻڌو ٿا برادران؟“

”ها ٻڌون ٿا.“ گهڻن جماعتين جواب ڏنو.

مولوي صاحب اشهد آگر چت ڏانهن ڪنئي ۽ ٽي پيرا بلند آواز سان چيائين، ”اي الله تون شاهد هججانءِ. اي الله تون شاهد هججانءِ. اي الله تون شاهد هججاءِ.“ ائين چئي مولوي صاحب وري سيتل کان

پڇيو، "روزا به رکندين ۽ نماز به پنج وقت با جماعت پڙهندين؟"

"ها سائين روجا به رکندس نماج به پڙهندس."

"سونهاري به شرعي حد تائين رکائيندين؟"

"رکائيندس،" سيتل صدق سان چيو.

اوچتو مولوي صاحب جي نظر سيتل جي ڪنن تي پئي جن ۾ سونيون ڪيوٽيون پيون هيون. مولوي صاحب هڪدم کيس چيو، "اهي سونيون ڪيوٽيون لاهي مائي کي ڏي؛ اسلام ۾ مردن کي سون پائڻ حرام آهي."

سيتل تڙ تڪڙ ۾ ڪيوٽيون لاهي مائي کي ڏنيون جنهن اهي وٺي رئي جي پلاند ۾ ٻڌيون. مولوي صاحب اڳلو سوال پڇيو،

"جوا نه کيڏندين، دارون نه پيئندين؟"

"نه سائين."

"مسلمانن وانگر ختنو به ڪرائيندين؟"

"ها سائين،" سيتل انهيءَ صدق سان چيو.

"جزاڪ الله، جزاڪ الله!" مولوي صاحب کيس شابس ڏني. وڌيڪ ٻين سوالن پڇڻ جي به ضرورت نه سمجهيائين ۽ کيس چيائين، "ڏورو سري منهنجي ويجهو اچي ويهه."

سيتل رڙهي وڃي سندس پرسان ويٺو ته مولوي صاحب کيس چيو، "چئه: لاالٰه."

سيتل چڱي طرح چئي نہ سگھيو ۽ چيائين، "لائيلاہ."
"ائين نہ، چئہ: لا_ا_لا ھ." مولوي لفظ هوريان هوريان ائين چيو جيئن ڪتابين ڪي پڙهائيندو هو.
"لا_ا_لا ھ." سيتل چيو، هن پيري برابر.
ا_لل_لا ھ،" مولوي صاحب اڳتي وڌيو.
"ا_لل_لا ھ."
"م_حم_د ر."
"م_حم_د ر."
"رسول الله."
"رسول الله."
"هاڻي چڱي طرح سڄو ڪلمو ائين پڙهہ جيئن سان پڙهان."
"ها سائين."
"چئہ: لااللہ الا اللہ محمد الرسول اللہ."
"لااللہ الا اللہ محمد الرسو اللہ." سيتل چڱي طرح چئي ويو. سڀ جماعتي هڪ بي دين ڪي اللہ ۽ انجي رسول تي ايمان آڻيندو ڏسي خوشيءَ ۾ ڀرتي ويا ۽ مولوي صاحب ڪي مبارڪ ڏئي وري سيتل ڪي مبارڪون ڏيڻ لڳا. هڪ ديندار تہ تڪبير جو نعرو هنيو، جنهن جو جواب جماعتين ايترو تہ زور سان ڏنو جو ڪي گهڙيون مسيت جي قبائين ڇت ۽ ڀتيون، اهي اڪر ورجائيندي رهيون. ان ڪانپوءِ مائي تليءَ ڪان بہ ساڳي ريت ڪلمو پڙهايو ويو. انکي بہ مبارڪون مليون. پوءِ مولوي صاحب سيتل ڏانهن منهن ڪري چيو،

”اڄ ڪان تنهنجو اسلامي نالو عبدالله ٿا رکون.“
”ها سائين.“
وري مولوي صاحب تليءَ ڏانهن منهن ڪري چيو،
”۽ مائي، تنهنجو نالو فاطمه.“
”ها سائين.“
ڪي جماعتي اٿڻ لڳا ته مولوي صاحب کين هٿ جي اشاري سان جهليو ۽ چيائين، ”ترسو اڃا هنن جو نڪاح پڙهڻو آهي.“ اها ڳالهه ٻڌي هرڪو پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو. مولوي صاحب ٻنهي کان رضا پڇي، آمنت بالله پڙهڻ شروع ڪئي.

هو ڏانهن ڳوٺ جي ٻاهران اڏيل اوڏن جي پکن ۾ ٻاگهياڙو متل هو. زائفن زنبن جدا ٽولو ٺاهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏاڙ گهوڙا ڪئي ته مرد وري پنهنجي مکيءَ ڦگڻ مل جي ڪٽ جي چوڌاري وڏي بحث مباحثي ۾ هئا. مکيءَ ڦگڻ مل ٻه ڪڏهن کڏهن خار ۾ سٿرن تي زور سان هٿ هڻي پئي ان ڳالهه جو ارمان ڪيو. هنکي ٻهرين پهرين اها خبر پئي هئي ته هن سيتل کي ايلاز منٿون ڪيون هيون، ڳيتا جا واسطا وڌا هئا، ۽ آخر ۾ سڄي پنچات جي سامهون پنهنجي مکيائپ جو ڪيسري رنگ جو پٽڪو به سندس پيرن

تي رکيو هو پر سيتل کيس کليي پلو جواب ڏنو هو، ۽ چيو هو، ”مکي، تون ڪٿي چا بہ ڪريں، مان مذهب ضرور مٽائيندس.“

”پر تون مذهب چو تو مٽائين؟“

”منهنجي مرضي.“

”نيٺ بہ؟“

اتي سس سس سيتل کليو هو ۽ چيو هٺائين، ”مونکي پنهنجو مذهب نٿو وڻي.“

”گهوڙ ياري، توکي چو نٿو وڻي پنهنجو مذهب؟“

”چڱو مکي، ٻڌاءِ اسين ڪير آهيون؟“

”اسين هندو آهيون.“

”پلا هندو لاش چتا تي چاڙهيندا آهن، اسين چو پوريندا آهيون؟“

”اها اسانجي رسم آهي.“

”چڱو اسان چيلو چو حلال ڪرائي کائيندا آهيون؟“

”اها بہ اسانجي رسم آهي - ابن ڏاڏن کان.“

”پر اهي تہ مسلمانن جون رشمون آهن.“

”انهن جون بہ آهن تہ اسانجون بہ آهن.“

”پوءِ ڪيئن تو چئين اسين هندو آهيون؟“

”نہ تہ چاهيون ڙي؟“

”اڌ هندو اڌ مسلمان. ڌڙ ريڊو سسي پاکري.“

مکي ڦکڻ مل ان سوال ۾ لاجواب ٿـي ويو ۽ـر هن ڳالهہ بدلائي چيو، ”ڪٿي چا بہ هجون پر مذهب چو

بدلا يون؟"

"سونکي مسلمانڪو مذهب وٺي ٿو."

"اسانجو مذهب ڪوڙو آ؟"

"ها ڪوڙو آ،" سيٺل دليريءَ سان چيو هو.

ان ڳالهه تي پنچات ۾ ويٺل اوڏن جي رت ڦري وئي. سوتي ۽ ٻيا ٻئي ڄڻا ترڪيس تڪ چنبي هڻڻ لاءِ اڳتي وڌيا، پر مکيءَ هٿ ٻڌي کين جهليو ۽ چيائين، "پنهنجو مارڻ ڪنهن سان ڪجهه نه ورندو، هنکي مسلن تاويج پيارڻيا آهن."

اها ڳالهه سندن دل ۾ ائين کپي وئي جيئن سندن تکي ڪوڏر آلي زمين ۾ کپي ويندي هئي. مولوي برابر تعويذن لکڻ ۾ مشهور هو ۽ پري پري کان سوالي پنڌ ڪري ڪانئس تعويذ لکرائي ويندا هئا. اٿي بيٺل اوڏ پنهنجن پنهنجن جاين تي ويهي رهيا ۽ اها ڪاوڙ حقي سان زور سان وزم هٽي لاهڻ لڳا. مکي سيٺي کي ساٿ ۾ ڏسي وري سيٺل ڏانهن منهن ڪيو ۽ کانئس پڇيو، "توکي مسلمانڪو مذهب چو ٿو وٺي؟"

"مسلمان پاڻ ۾ ڀائرن وانگر گڏجي کائن. اسان هندن ۾ ڪي اوڏ ته ڪي اڇوت، ڪي برهمڻ ته ڪي کتري؟"

مکيءَ کي ڪو جواب نه سجهيو. اها ڳالهه ته برابر هئي ته برهمڻ اڇوتن ۽ اوڏن کي پنهنجي ويجهو به اچڻ نه ڏيندا آهن، هڪ ٿالهي ۾ کائڻ ته پري رهيو. مسلمان ته اهڙو ڪو ويڇوئي نه ڪن. اتي مکيءَ ٻي طرح ڏارو اڇليو:

”سيتل، توں مسلو ٿيندين تہ پوءِ اسان سان ڪو واسطو ڪونہ رهندءِ!“

”ڀلي نہ رهي.“

”اسين توکي ڀاڻ وٽ اچڻ بہ ڪونہ ڏينداسين. ولر وٽ بہ ڪونہ!“

مکيءَ سيتل کي دڙڪو ڏنو. ولر جي گهر واري سيتل جي سڳي ڀيڻ هئي.

”ڀلي نہ اچڻ ڏجو. مان مسلمان ڀائرن سان اٿندس ويهندس. ڀيڻ بہ سٺي سهايم.“

هن مهل تائين مکيءَ ٿڌو ٿي ڳالهايو. هنکي پڪ هئي تہ سيتل ڪٿي نہ ڪٿي پوندو ۽ سندس دام ۾ ڦاسي پوندو؛ پر هن جو ڪنهن بہ ڳالهہ کي چخي نہ ڪئي ۽ ڀيڻ کي بہ جيئري ماري ڇڏيائين تہ مکيءَ کي جڪ اچي ويا. ٿورو گرم ٿي چيائين، ”ياد ڪجانءِ سيتل، گڏهن کي ڪٿي پنج سنجيون ڀارائي گهوڙن سان ٻيهاربو تہ بہ گڏهہ ٿي هوندا گهوڙا ڪونہ ٿيندا.“

پنچات جي اٿڻ کان پوءِ مکيءَ ولر کي سمجهايو هو تہ سيتل کي پنهنجي سنهن پٽڪا ميڙيون ڪري سمجهائيندو رهي. پر سيتل ولر ۽ ڀيڻ جي ايلازن تي بہ ڪونہ مڙيو، ۽ مولوي اسيد علي سان ٻڌل موقع موجب، جمعي جي ڀلاري ڏينهن، گهرواريءَ کي وٺي سڌو مسيت ۾ ويو ۽ ڪلمو پڙهيائين. پوئتان اوڏن ۾ ٻاگهياڙو مچيل هو. زائفن زبين جدا ٿولو ٺاهي پنهنجي ٻولي ۾ ٿي ڏاڙ گهوڙا ڪئي تہ مرد، پنهنجي مکيءَ جي ڪٽ جي

چوڌاري، وڏي بحث مباحثي ۾ هئا. مڪي ڦڳڻ مل ٻ، ڪڏهن ڪڏهن خار ۾ ٻئي هٿ زور سان سٿرن تي هٽي پئي ان ڳالهہ جو ارمان ڪيو.

مسلمان ٿيڻ کان پوءِ سيتل هڪدم بدلجي ويو. اڳي ٻئي ٽيئن ڏينهن ڏاڙهي نہ ڪوڙائيندو هو تہ آرام ئي ڪونہ ايندو هوس، پر پوءِ باقاعدي سونهاري ڇڏي ڏنائين، جا روز بروز وڌندي سندس منهن جي نور کي جرڪائيندي پئي وئي. نماز ۾ ايندو تہ مولوي کان بہ اڳ هو، پر جي دير ٿيندي هيس تہ بہ ايتري جو مولوي بانگ ڏئي اچا ڏڪيءَ تان لهندو تہ سندس هڪ پير مسيت جي در جي چائٺ ٽپندو. مسيت جي سيوا، ٻهاري، نڪن ويڙهڻ ۽ ستين پرڻ ۾ بہ سڀني جماعتين کان اڳرو هو. قرآن شريف پڙهڻ ۾ اهڙو شوق رکيائين جو مهيني ڏيڍ ۾ باب نامو پڄائي وچي سيپارو شروع ڪيائين. پنهنجي گهر ۾ اسر جو ۽ سومهڻي جو وڏي سر سان پيو ذڪر ڪندو هو. مطلب تہ خدا کيس اهڙي هدايت ڏني هئي جو شل ساري جڳ جهان کي ڏئي. مولوي صاحب کي بہ اڳ ڪنهن بي دين کي مسلمان ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪانہ ٿي هئي، انڪري کيس پنهنجي آخرت جو توشو سمجهي ڏسي پيو ٺرندو هو ۽

آئي وئي سان هنجي تعريف ڪندو هو، ” ابا، هي اسانجو عبدالله ڪنهن ڏکي منزل نه رسي ته سونکي ڏئي نه ڪيڪارجو!“

ڪڏهن ڪڏهن مولوي صاحب ڪن بي نمازين کي خدا، رسول ۽ آخرت جا ڊپ ڏيندو هو ۽ هنجو مثال ڏئي کين چوندو هو، ” اڙي نماز پڙهو، دور ڪيو، نه ته قيامت جي ڏينهن هي اوڏ توهانکي شڪي ڪندو.“ عبدالله جو نماز، صلوات ۽ دور ۾ شوق ڏسي مولوي صاحب کيس دلداري ڏيندو هو ۽ چوندو هو، ”عبدالله، نه گهبرائجانءِ. رب سائين تنهنجا سڀ گناه معاف ڪندو. پهلو پهلو پاڻ ايندو آهي ته پهلو نه چئبو آهي.“

عبدالله وري ان ڳالهه تي عاجزي سان مولوي صاحب کي عرض ڪندو هو ته، هو خدا جي پيارن پانهن مان آهي، ان ڪري خدا جي دربار ۾ عرض ڪري ته سندس اڳيان گناهه معاف ٿين، قبر جي عذاب ۾ آساني ٿئي ۽ قيامت سوچاري ٿئي. مولوي صاحب هڪدم هٿ کڻي دعا گهرندو هو ۽ پهرين صلوات شريف ۽ ٻئي آيتون پڙهي وڏي سر ۽ عاجزيءَ سان هي دعا پڙهندو هو:

عرض سڻ عاصين اسانجو مصطفيٰ جي واسطي
هٿ کڻڻ آهي شرم پر وس نه توريءَ واهه ٻي
سوال سڻ صديق اڪبر دل صفا جي واسطي

سخت آ سرڪار تنهنجي اسان ڏوهي ٿا ڏڪون
فضل ڪر فاروق اعظمؓ ٻي ريا جي واسطي
نفس واري جنگ ۾ تون اسانکي فتح بخش
حل ڪر مشڪل اسانجي مشڪل ڪشا جي واسطي.

ان وچ ۾ عبدالله هڪ ٻند ڪانپوءِ آمين چوندو ويندو هو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڳڙي سندس سونهاري ۾ جذب ٿيندا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ٽپهري جي نماز کان ٿورو اڳ ولر جو پٽ ٻاٻهو وٽس پڇي اچي پهتو ۽ پنهنجي ساهه جي بيماريءَ ۽ ڪيس ياد ڪرڻ جو ٻڌايائين. عبدالله کي اڳ ۾ هن هن جي واتان اها خبر پيئي هئي، پر مکيءَ ڏکڻ مل سان ڪيل فيصلي موجب هو ڪونه ويو هو. پيڻ جي بيماريءَ جو ٻڌي. هنکي جهڙو تہ گهٽو آيو پر ٻاٻهي کي چيائين، ”مان اوڏانهن ڪونہ هلندس، مکي ڪاوڙ ڪندو. تون ڳاڏي تي هيڏي ڪٺائي اچينس.“ ٻاٻهي ماسي جو اهو عذر ٻڌي ڪيس چيو، ”ماما، تون ان ڳالهہ جي ڳڻتي نہ ڪر، بابي مکي جي پيرن تي پٽڪو رکي تنهنجي ٿوري گهڙي کن لاءِ موڪل ورتي آهي.“

ان موڪل ملڻ ڪانپوءِ عبدالله کي ٻيو ڪهڙو

اعتراض هو. هو ٻاپيهي سان گڏجي اوڏانهن هليو ويو. ٽپهريءَ جي نماز تي جو مولوي صاحب عبدالله کي نہ ڏٺو تہ حيران ٿي ويو ۽ جماعتن کان پڇيائين. هڪ جماعتيءَ جنهن ٻري کان عبدالله کي ٻاپيهي سان گڏ ويندي ڏٺو هو، تنهن اها ڳالهہ مولوي صاحب کي ٻڌائي. مولوي صاحب پريشان ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، "کيس وڃڻ نہ گهربو هو. جيتري دير ڪافرن جي صحبت ۾ ويهندو، سندس ايمان ۾ ڪتر پوندي. ڪو وڃي کيس وٺي اچي."

مولوي صاحب جو حڪم ٻڌي فتح ناريجو اٿيو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندي وڃي اوڏن جي پکن وٽ پهتو. اتي لوڙهي جي ٻاهران بيهي سڏ ڪيائين، "عبدالله، او عبدالله!"

مکي ڦگڻ مل جو پکو لوڙهي جي ڀرسان هو. هن ان وقت ٻاهران آيل مزمانن سان چوپڙ راند پئي ڪئي. هو سڏ ٻڌي اٿيو ۽ پکي کان ٻاهر نڪري فتح کان پڇيائين، "چاهي فتح؟" "اسانجو عبدالله توهان وٽ آيو آهي انکي مولوي ٿو سڏي." مکيءَ کي ان ڳالهہ تي ٿوري چڙ آئي. عبدالله جو سندن هڏ، رت، پٽ مان هو ۽ جو سندن پکن ۾ ڄائو نپنو هو سو وري فتح وارن جو ٿي ويو هو، پنهنجي بيمار پيءُ کي ڏسڻ آيو هو تہ پوئتان ماڻهو پڳو آيو. مکيءَ شوخائي سان پڇيو، "عبدالله توهانجو آ فتح؟"

”ها، اسانجو آ.“

”توهين هنجا وارث آهيو؟“

”ها، اسان جو مسلمان ٿيڻ آهي، اسين هنجا وارث آهيون.“ ان وچ عبدالله کي ٻه ڪنهن سڏ جو ٻڌايو ۽ هو پيٽ جي پکي مان نڪري اچي وٽن بيهي رهيو. مکيءَ فتح کان پڇيو: ”چڱو، فتح، هڪ ڳالهه ٻڌاءِ. سيان جو هي سري وچي ته جوٽس کي ته لوڏي ڪيندؤ نه؟“

”چو لوڏي ڪيندا سونس.“

”توهين مسلمان ساٿس نڪاح ڪندؤ؟“

”جي مالڪياڻي راضي هوندي ته ان ۾ ڪو عيب ڪونهي.“

”گريان نه ايندو؟“

”چو ايندي گريان مسلمان کان!“

عبدالله مکيءَ کي سوالن جوابن ۾ سئل ڏسي مشڪڻ لڳو. مکي ڦڪڻ مل، کيس پاڻ تي کلندو ڏسي، پنهنجي دماغ کي ائين ڦقوليو جيئن هو راند ۾ ڪنهن جي ڳوٽ مارڻ لاءِ ڏاري کي گهڻي ديرتائين ڪڙڪائي ڪڙڪائي گهربل داءُ وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اوچتو هن پڇيو: ”چڱو، فتح، جي جوٽس مري وڃي ته کيس پاڻ وٽان پرڻائيندؤ؟“

مکيءَ جو سوال ٻڌي فتح جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اکيون لال ٿي ويون. هڪ خسيس اوڏ

ڪيس ڳار ڏني هئي، حالانڪ ڪي اوڏ ڪي خبر هئي
ته ٻهراڙي ۾ ڪو پنهنجي ذات ڪان ٻاهر سنگ نه
ڏيندو آهي. ناريجا ناريجن ۾ ڏيندا آهن ته ڪلهوڙا
ڪلهوڙن ۾ ڏيندا آهن. فتح ڪاوڙ مان مڪيءَ ڪي
دڙڪو ڏيندي چيو، "مڪي، زبان سنڀال. اڳتي حرف
نه ڪڇجانءِ نه ته ..." پر مڪي هيسجڻ بجاءِ رهندو
سرڪڻ لڳو ۽ فتح کي چيائين، "اهو ڪهڙي قانون
۾ لکيل آهي جو توهان وٽندؤ باقي ڏيندؤ ڪونه.
توهانجي مذهب ۾ ته سڀ مسلمان ٻائر آهن ۽ ڪو
ويڇو نه ڪونهي."

"اها اسانجي رسم آهي ابن ڏاڏن ڪان،" فتح
ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو.

مڪي ڦڪڻ مل پنهنجو ڳهربل داءُ وٺي سرڪيو
عبدالله جي منهن مان رت چڙهي ويو. هنجا چپ ڏڪڻ
لڳا. اکين جي الائي ڪهڙين ڪندن مان ڳوڙها
نڪتا جن سندس ماڻڪيون آليون ڪري ڇڏيون. جيسين
اهي ڳوڙها ڇپرن ۽ پنبڻين جو بند ٽپي ڳلن ڏانهن
وڌن، هو مڪي جي ڇنبي ۾ ڇنبو ڏيئي، مسيت ڏانهن
وڃڻ بجاءِ، پنهنجن ابائن پکن ڏي موٽيو.

ٻئي ڏينهن هيڏانهن عبدالله ٻئنجات ۾ ڏنڊ ٻري
رڪايل ڏاڙهي ڪوڙائي ۽ سوڌيون ڪوٽيون ڪنن ۾

پائي، سائو گهاري ۽ وهنجي، پاڙکي اوڏن جي رسم موجب 'پاڪ' ڪيو ته هوڏانهن ڳوٺ واري مسيت ۾ ٽپهري جي نماز ڪان پوءِ، هڪ جماعتيءَ مولوي صاحب کي چيو: "مولوي صاحب ڪتو ڇا ڄاڻي ڪڻڪ جي مانيءَ مان."

ٻئي چيو، سائين، گڏهن کي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان بيهاريو ته ڪو گهوڙا ڪونه ٿي پوندا!"

آخر ۾ مولوي اميد علي پنهنجي سونهاري کي هٿ سان سنواريندي چيو، "ها ابا، سچ ٿا چئو، ڪافر نيٺ ڪافر!"

# شبنم شبنم، ڪنول ڪنول

هن اسپتال جي هر شيء ۾ سونهن موهيندڙ آهي. ڪمپائونڊ اندر وڏا وڏا، ساوا ساوا، اڪين جي جوت وڌائيندڙ لان. وچ ۾ اسپتال جي ڳاڙهي اوچي عمارت ۽ پاسن کان مٿي وڃڻ لاءِ ريلنگ واريون ڏاڪڻيون، جن جي مٿان ۾ شاندار قباوان برج. اندر پٿريون ڪير جهڙيون اڇيون ۽ پيلي سيوزيڪ جا ترڪڻا ۽ چلڪڻا فرش. ڊگها ڊگها، ٿڌا ٿڌا، ڪاريڊر ۽ روشن روشن ڪمرا، وڏيون وڏيون فرينچ ڪٽ دريون ۽ جن جي فلاوربيڊز ۾ ٽڙيل ڳاڙها پيلا گل. ان سهڻي ماحول جي سونهن سنهنجي ساهيڙي سسٽر پال آهي، جنهن جو رنگ گلاب جهڙو، جنهن جون اکيون سهڻي ڊنڊ جهڙيون، جنهن جا چپ نارنگي جي ڦار جهڙا آهن ۽ سفيد يونيفارم ۽ سفيد ڪلف دار رومال جي تاج ۾، برفاني ڊنڊ ۾ ٽڙيل ڪنول جيان لڳندي آهي. اڇين جيتن ۾ سندس پورا پير، ان ترڪڻن فرشن تي هلڻ لڳندا آهن ته ڪنهن آرڪيسٽرا جون مڌم مڌم ڌنون معلوم ٿينديون آهن. بي خوابي جا مريض، سندس آڱرين جي ڇهاءَ سان

ئي اُگهور ننڍ ۾ پئجي ويندا آهن ۽ سندس هٿان زهر جهڙيون ڪوڙيون دوائون پي، ائين مرڪڻ لڳندا آهن جيئن هنن ڪو سٺو شراب پيتو هجي. هوءَ هن اسپتال ۾ مقرر ٿي هئي ته جوان جماڻ ڊاڪٽر، مريضن جون دليون ٽپاسينديون ٽپاسينديون، پنهنجون دليون به ٽپاسڻ لڳا هئا، جي سندس موجودگي ۾ نارمل ڪان ٽپي ويندڙيون هيون. ڊاڪٽر آفتاب ته هڪ پيري وجهه، وٺي پنهنجي دل جي ڌڙڪن ڪيس به ٻڌائڻ گهري هئي، پر هن اکيون ڪرڙيون ڪري، سنهن ۾ سونڊ وجهي ڪيس چيو هو.

”سر، مان اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ نه آئي آهيان پر وارڊفور جي امپروومينٽ ٻڌائڻ آئي آهيان.“

ڊاڪٽر آفتاب منڊ ۾ اهڙن جوابن ٻڌڻ تي هريل هو. ٻهرين سٽ مان ڪو جهول ۾ نه ڪرندو آهي. هن همٿ ٻڌي وري ڪيس چيو هو، ”في الحال انهن ڳالهين کي ڇڏ پال، سنهنجي ڳالهه جو جواب ڏي.“

”جي اوهان هن وقت موڊ ۾ نه آهيو ته وڏي ڊاڪٽر کان پڇان؟“ پال جو اهو جواب ٻڌي، ڊاڪٽر آفتاب کي مجبوراً پيار جون ڳالهيون ڇڏي بيمار جون ڪرٽيون پيون. هن سياٽپ ڪري، هيٺائين وٺي چيو، ”چگو سئبم، تون ئي ٻڌاءِ ڪيترو بخار آ ڪيس.“

”نارمل سر.“

”ته پوءِ ڊسچارج ڪري ڇڏيوس.“

”اهو ڪيئن سر، هنڪي تہ پيشاب جي بہ تڪليف آهي. پورو پاس ئي نہ ٿو ٿئي.“

”ڏيڪار ڪيس؟“

سسٽر پال ڪيس وارڊ نمبر فور جو فائل ڏيکاريو سڄي ڏينهن جي ڪوانٽٽي، ڇهہ سؤ سي سي هئي ۽ نيسٽ ورتي وئي هئي تہ ڇهہ سؤ سي سي بيلڊر ۾ بہ رهيو پيو. ڊاڪٽر فائل تي اڌ اکري ۾ لکندي ڪيس چيو، ”يوريڊو نال پيارپوس ڏينهن ۾ ٽي دفعا.“

”بليڊر جو ايڪس ري نہ ڪيدرايونس سر؟“

”ڪهڙي تڪڙ آ، سياٽي اسپروسيمنٽ پڌائجان پوءِ ڏسنداسون.“ ڊاڪٽر وٽان سوٽي، ڊيوٽي روم ۾ آئي هئي تہ سڄي ڳالهہ پڌائي هئائين، مان ڪيس خبردار ڪندي چيو هو، ”پال پري پڇجانءِ، وڏو فلرٽ اٿئي.“

”هان! اڳيون رڪارڊ چا اٿس؟“

”رڪارڊ ٿوڙيل اٿس سمورا. هن وقت بہ ٻن سان ناتا اٿس. زرينہ سٽرنٽي واري ۽ پاڻ واري روزي، مهيني، ٻي پيو ماڊل سٽائيندو آهي.“

”آئون هو ڏاڪٽر عسڪري؟“

”سي نور آهن، چا پڌائي چا پڌايانءِ.“

”ڪجهہ تہ پڌاءِ، خبر تہ پوي.“

”اهو ڊاڪٽر عسڪري وري اهڙو اٿئي جو ڏينهن ڏٺي جو بہ نٿو مڙي، هڪ پيري جو اوچتو

سندس آفيس ۾ وڃان ته پارٽيشن پويان سسٽر رضيه جي چپن جي حرارت پيو معلوم ڪري."
"پوءِ."
"پوءِ ڇا، مان ته وڃي پوئتي پڪس پر ٿوري دير کان پوءِ گهرائي، ليلهائي چيائين، 'سسٽر، پليز، ڪنهن کي خبر نه پوي.'"
"اها رضيه وري ڪهڙي آ ؟"
"ڪانه ڏٺي اٿئي؟ سانوري، عينڪ سان، اڄڪلهه نائٽ ڊيوٽي تي آ."
"ها، ها،" پال ياد ڪري چيو.
"بس اها ڳالهه نه پڇ ته هتي ڇا ٿيندو آ. سڀ ڊاڪٽر ڪنهن نه ڪنهن نرس پويان اٿئي."
"پوءِ اها خبر وڏي ڊاڪٽر کي نٿي پوي؟"
"هون، سڀ خبرون هوندس، ڪو اهي ڳالهيون لڪن ٿيون."
"ڇمبو ته اهڙا ڪيس جام آهن هتي."
"ڪيس؟ موسٽ ڪامپليڪيٽيڊ ڪيس چئو."
"وري سٽڊ." پال افسوس ڪندي چيو، ٿوري دير ماٺ ۾ رهي پوءِ مون کان مشڪندي پڇيائين، "تنهنجو ڪهڙو حال آ ؟"
"مان؟" مون کان ٽهڪ نڪري ويو، "مونکي نه رنگ، نه روپ، مان ته تو جهڙين سهڻين ڇوڪرين لاءِ، بچاءُ آهيان، پر ڪو بچاءُ گهري ته."

”اهو وري ڪيئن؟“

”ڪو ڊاڪٽر جهلڻ تي نه مڙئي ۽ ڏيگهه ڪرئي ته مونکي ٻڌائجان، ائين ڪنٽرول ۾ اچي ويندو، جيئن انسلين ڪانپوءِ شگر.“

”هان؟“

”ها، توسان گڏ هونديس ته ڪا نظر نه لڳندءِ، مونکي ائين سمجهه جيئن سهڻي ٻار کي نظر کان، نرڙ يا ڳل تي ڪارنهن جو داغ.“

”توکي ڪير ڪارو چوي، تون ته اندر ۾ ڪير کان به اڇي آهين.“

”اندر کي ڇڏ ٻاهر جي ڳالهه ڪر.“

”ٻاهر کي ڇڏ اندر جي ڳالهه ڪر.“

” خير ان بحث کي ڇڏ، ڇڙي اها ڳالهه ياد ڪجانءِ ته منهنجون خدمتون تنهنجي بلي آهن.“

” اڳي به تنهنجون خدمتون ڪنهن جي ڪتب آيون آهن؟،“ پال کلندي پڇيو.

”گهٽو ڪري نه، يا ته مون جهڙيون هيون جنکي خدمتن جي ضرورت ئي ڪانه هئي، يا وري تو جهڙيون سهڻيون هيون، جن کي وري، ڊاڪٽرن جي خدمت جي ضرورت هئي.“ مان به کلندي چيو.

ڏهن ٻارهن ڏينهن ڪانپوءِ مونکي پاسي تي گهلي چوڻ لڳي، ”هاڻي مان ڇا ڪيان؟“

”ڇو ڪا اهڙي ڳالهه آ ڇا؟“

”نہ تہ توکي چو چوان ها.“
”ڪيس هسٽري ٻڌاءِ؟“

”هن ڪيس جي هسٽري هيءَ آهي تہ ڊاڪٽر آفتاب سنهنجي پچر نٿو ڇڏي، مان جڏهن وٽس وڃان ٿي تہ مونکي گهوري ٿو ۽ ائين ڏو گهوري جو سندس نظرون، هن ڦلهي يونيفارم ڪان بہ ٽپي اندر ٿيون نهارن.“
”اڪيون ڏسڻ لاءِ ئي آهن، سئڊم،زبان جي ڳالهہ ڪر.“
”ان ۾ بہ گهٽ ڪانهي، اها بہ هر وقت پيار جا ٻول ئي ٻولي.“
”چئبو تہ ڪيس سيريس آهي.“
”نہ تہ وري چا، هو مونکي سسٽر بجاءِ مادام ٿو سڏي،“ پال معصوميت سان چيو.
بي‌اختيار سون کان کل نڪري وئي، سس مس کل روڪي چيم، ”ڪهڙو بد ذوق، تو جهڙيءَ کي سسٽر سڏيندو. اهو لفظ تہ سون جهڙين ڪارين ڪوجهين لاءِ آهي.“
”وڏي ذلالت آهي!“ پال خار ۽ ڏک جي گڏيل لهجي ۾ چيو. ”يلا، هن پرابلم کي ڪيئن حل ڪجي؟“ مان ڳالهہ بدلائيندي پڇيو. ”توئي ڊاڙ هنئي هئي، تون ئي ٻڌاءِ“ هوءَ وري چيڀي وانگر ڇهڪڻ لڳي.
”چا پڇڻو اٿئي ڪائنس؟“
”وارڊ اٿين بابت پڇڻو هو. هن کي بلڊ پريشر آهي ۽ ڏينهن بہ ڪيس، ٽي دفعا سرياسل ڏيندي آهيان.

پر اکِهون جو تمپريچر ڏسانس ته ١٠٣ ڊگريون بخار
اٿس. هيٺئر ڊوز گهٽايان يا اهو ئي ڏيندي رهان."
"نسخو ڏيان، يا مان وڃان تنهنجي بدر؟"
"تون وڃ، مان ڪونه ويندس."
مان سڌو ڊاڪٽر آفتاب وٽ هلي ويس. ڪيس سچي
حقيقت ٻڌائي هدايت پڇڻ لڳس پر ڊاڪٽر منهنجي
ڳالهه ڪي ڪو وزن نه ڏنو. رهندو مان کان پڇڻ لڳو،
"اهو ڪيس ته ٻال جي چارج ۾ آهي، تون ڪيئن
آئين سسٽر؟"
"سر، مونکي ٻال رڪيسٽ ڪيو ته توهان کان پڇان"
"هوءَ ٻاڻ چونه آئي؟"
انهن اجاين سوالن تي مونکي خار اچي وئي. اشراف
هجي ته مانڻ ڪري چوي ها: مينءَ ڪر يا هونءَ
ڪر، پر هن ته ٻاڻ کي ٻاڻ خوار ڪرڻ ٻئي گهريو،
مونکي ڪهڙي ضرورت هئي ڪيس ڏيکڻ جي، مان به
رڪٽي ڪانه رکي، "سچ ٻڌايانو سر؟"
"ها ها."
"هنکي اوهان مان وڏي شڪايت آهي." مون
ڦتاڪي کي باهه ڏيندي چيو.
ڊاڪٽر آفتاب چرڪ ڀري ڪرسيءَ تان اٿين ڪڙو
تي ويو جيئن ڪنهن اوچتو هنجي ٻنڪس ۾ ڀهرئين
نمبر جي سئي هنئي هجي. هو واٺڙو تي ويو ۽
هيڪي چوڻ لڳو.

پنهنجي ڏينهن پال سون کي پڏايو ته ڊاڪٽر آفتاب ان نوري ڊوز ۾ نئي ٽيڪ تي ويو هو. هو ۽ ڪنهن ڪم سان ورتس وٺي ٿي ته آڳي وانگر ڊيگهه ڪرڻ بجاءِ، صرف مطلب جي ڳالهه ڪري، جند پئي ڇڏايائين. سندس گفتگو مان به اهائي نرمي غائب ٿي وئي هئي ۽ ساڻس ائين پئي ڳالهايائين جيئن ڪو باس پنهنجي زبردست سان ڳالهائيندو آهي. پر پال کي اڃا هڪڙي شڪايت هئي جو هن چيو، ”باقي هڪڙي ڳالهه.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“

”هو مونکي اڃا سسٽر نٿو سڏي.“

”اهو سرطان وانگر لاعلاج مرض آهي، جنهن جو هن ملڪ ۾ ڪو علاج ڪونهي.“ مان کلندي چيو.

”پر ڏس نه، سسٽر ڪيڏو نه پيارو لفظ آهي. ۽ ڪيڏي نه وڏي مقصد ڪري اسان لاءِ چونڊيو ويو آهي.“

”ويري ساري، ويري ساري.“

”خير“ پال قناعت ڪندي چيو، ”نه سڏي ته وڃي ڏوڙ پائي.“

”ٺيڪ آ، وڃي ڏوڙ پائي.“ مان به ٽيڪو ڏيندي چيو.

هن اسپتال ۾، مريضن کي رهائڻ لاءِ ڪوڙئي ڪمرا آهن، جن ۾ بي داغ سفيد بسترا وڇايل هوندا

سڄي ڳالهه ٻڌائي وري سڌڪن ۾ پئجي وئي،
مان کيس سمجهايو: "پال، ايترين ڳالهين تي روئندين ۽
ته سڄي عمر پئي ڳوڙها ڳاڙيندين ۽ موت سيار ته ڪونهي."

"پر سستر ههڙو موت، جو مرڻ وقت ڪو اکيون
نه وٺي ڪو عضوو نه ڌاهي. ڪو قرآن نه پڙهي،
ڪو بائبل نه بخشائي. او خداوند تون رحم ڪر."
ائين چئي هوءَ نرڙ ۽ ٻنهي ڪلهن کي جهلي صليب
ڏاهڻ لڳي.

"رضيه ڪاڏي وئي هئي؟"
"هن ته الائي ڪاٿي پئي ڊوڙ پاتي پر ڪنهن ٻيءَ ۽
ڏاڍونڊ نه هنيو!"
"ٻي پرائي وارڊ جو ڇو هئي؟"
"پر هتي ائين ڇو آهي؟"
"اهو ضروري آهي فرض کي چڱي طرح نڀاهڻ لاءِ،"
مون کيس سمجهايو.
"پلا رضيه تي ڪو انڪشن ڪنندا؟"
"ڇو، هن ڪا غلط دوا ڏني؟"
"پر ڪين رحم ٿي ڪونه ايندو اهڙي موت تي؟"
مان سمجهو ته هوءَ هان ۽ جي ڏاڍي ڪونئري هئي
۽ کيس باقاعدي سمجهائڻ جي ضرورت هئي. مان پال
کي ڳراٽڙي پائي چيو، "پال، سياڻي ٿي ۽ سمجهڻ
جي ڪوشش ڪر. هتي گهڻا مريض شفاياب ٿين ٿا

ته ڪجهه مري به وڃن ٿا. هڪ سردي تي ويهي روئون ته ڪو ڪم ٿهندو؟"

هن ڪو جواب ڏيڻ گهريو پر مان ڪيس اشاري سان روڪي وري پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي، "ڪاسائي روز ٿا جانور ڪهن ۽ ماس وڍين ٽڪين پر هنن کي ڪا سيسراڻي ڪانه ايندي آهي ڇو ته اهو هنن جو ڌنڌو آهي ۽ موت ۽ حيات هنن لاءِ نارمل ڳالهه آهي."

مان مثال ته ڏنو پر پڇتايم پوءِ، جو هن منهنجي مثال جي پڪڙ ڪئي ۽ چيو، "چئبو ته ڊاڪٽر ۽ ڪاسائي هڪڙي ڳالهه آهن؟"

"مان ته چڙو مثال ڏنو. انڪي هرو پرو چڪ ته نه!"

پر منهنجي ڳالهه جو مٿس ڪو اثر نه پيو. ڏٺم ته سندس اکيون، ساوڻ جي منڊ ۾ نديءَ وانگر، آلي پيون ۽ ڳوڙها جهر جهر ڪري وهڻ لڳا.

هن اسپتال ۾ ڪي مريض اهڙا به داخل ٿيندا آهن جن پيار جي چانو ۾ ڪي گهڙيون ڪونه گهاريون آهن ۽ ڪي اهڙا به ايندا آهن جي ڪنهن ناڪام پيار جي چوٽ کاڌل هوندا آهن. هن اسپتال ۾ به ٽي ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ ڪين ڪانه ڪا پوري، سانوري ۽

ٻانوري نرس وڏڻ لڳندي آهي. هو سندس انتظار ۾ ڪيون وچايو ويٺا هوندا آهن ۽ سندن ڪن پنهنجي نرس جي سهڻن پيرن جي ڪڙڪي ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا آهن. هو اندر ايندي آهي، سندن ويٺي ڪي پنهنجي سهڻين آڱرين ۾ جهلي، پلس ڏسندي آهي، سندن ميرا ڪپڙا بدلائي اڇا اجرا ڪپڙا پارائيندي آهي. سندن مر لڳل جسمن کي گرم پاڻي سان ڌوئي، اجرو ڪندي آهي ان وچ ۾ هوءَ ساڻن ڳالهيون به ڪندي آهي ۽ رکي رکي هلڪا هلڪا ٽهڪڙا به ڏيندي آهي. پوءِ ان ٿوري گهڻي گهاٽائپ ڪان پوءِ ، ڪڏهن ڪڏهن ، ڪنهن مريض کي سندس جدائي ڏکي لڳندي آهي ۽ هو ساڻس پيار ڪرڻ لڳندو آهي. هو ڪو موقعو تاڙي پنهنجون بيمار ۽ اداس اکيون ڏانهس کڻي، سڪل چپن کي زبان سان آلو ڪري، پنهنجي پيار جو اظهار به ڪندو آهي . وارڊ نمبر ١٢ ۾ رهندڙ هڪ دل جي مريض به ، پال کي ڏسي ، پنهنجي سرءُ جهڙي پيلي رنگ ۾ بهار جا جهوٽا محسوس ڪيا هئا . هڪڙي ڏينهن جڏهن پال ڪيس شيو ڪري، اسفنج هڻي، اڇو اجرو ڪيو هو تڏهن هن ڪيس چيو هو، ”نرس، تون ڏاڍي سهڻي ۽ مهربان آهين.“

”ٿئنڪس مسٽر نذير،“ پال ان قدرداني تي سرڪي چوڻ لڳي.“

”پال تنهنجي ڪيتري ڊيوٽي آ روز ؟“

”اٺ ڪلاڪ.“

”تون ايندي آهين ته مان خوشي سان دوا پئندو آهيان پر تون ڪونه هوندي آهين ته دل چوندي آهي ته گوريون وٺڻ بدران لڪائي رکندو وڃان ۽ جڏهن تون اچين ته سڀ تنهنجي هٿن سان وٺان.“

”ائين ته فائدي بدران الٽو نقصان پهچندو.“ پال گهٻراهٽ ڏيکاري چيو.

”واقعي ائين ته سان مري ويندس ۽ مان هاڻي مرڻ نٿو گهران.“

وري هڪ ڏينهن، جڏهن هوءَ شيشي جي ننڍڙي گلاس ۾، هڪ اچي دوا کٽي ڪيس پيارڻ وئي ته نذير منهن گهنڊائي چيو:

”اڇاڻ، اڇاڻ. اڇا بسترا، اڇيون گوريون، اڇي دوا ۽ اڇي يونيفارم ڏسي مان ڪڪ ٿي پيو آهيان. تون هن يونيفارم ڪانسواءِ ٻيو لباس به پائيندي آهين؟“

”ها نذير، مان ساڙهي به پائيندي آهيان.“

”رنگين ساڙهيون؟“

”ها رنگين ساڙهيون - پنڪ، آرينج، ليمن، سڀ رنگ،“ پال ڏانهس دوا جو گلاس وڌائيندي چيو.

”پليز، ڪڏهن ته ڪا رنگين ساڙهي پائي اچ،“ هن هڪ گهُٽ ۾ دوا پي چيو.

”ڊيوٽيءَ واري وقت ته ڏاڍو مشڪل آ.“ پال ٽارڻ چاهيو.

”پلي ڊيوتيءَ ڪانپوءِ ٿي پر سونڪي ساڙهي پائي ضرور ڏيکار.“

”ڪوشش ڪنديس پر پرامز نٿي ڪري سگهان.“

”نہ پرامز ڪر.“

”چڱو پلا پرامز.“

ستت ٿي هڪ شام جو ليمن جارجٽ جي ساڙهي پائي ۽ وڏو ڪارو پرس ہانهن ۾ وجهي، وچي سندس سامهون بيٺي. هو ڪيس نئي لباس ۾ ڏسي خوش ٿي ويو ۽ ڪيس چڱي طرح ڏسڻ لڳو: ”پال، ڪاڏ ابئو، توکي هي ڪپڙا ڏاڍا نهن ٿا. تنهنجي سونهن نکري پئي آهي. توکي هر رنگ نهندو.“

”هن!“ پال ائين عجب ڪائڻ لڳي ڄڻ ڪيس خبر ئي ڪانہ هجي.

”ها، ها، توکي هرلباس، هر رنگ نهندو.“

”پوءِ تہ مان رنگين ڪپڙا پائينديس.“

نذير ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جهٽ کن رکي چوڻ لڳو، ”پال هڪ ڳالهہ پڏايانءِ؟“

”پڏاءِ“

”پال، مان پانيان ٿو تہ توسان پيار ٿي ويو اٿم ۽ پيار بہ روز بروز وڌون وڃ.“

پال ٿوري گهبرائجي وئي پر يڪدم پاڻ تي قابو پائي چوڻ لڳي:

”پلڻي؟“

”ها پال اهو ڪوڙ نہ آهي.“
”اها تہ منهنجي خوش قسمتي آ نذير،“ پال ٿورو سوچي چيو.
”سچ؟“
”سچ.“

نذير اهو جواب ٻڌي وڏو ساهہ کنيو، ڄڻ سندس سيني مان ڪو وڏو بار لهي ويو. هن پال کي پيار سان نهاريندي چيو:

”تون ۽ مان شادي ڪنداسون.“
”ممي جو اعتراض ڪري تہ؟“
”مان پاڻهي ممي کي راضي ڪندس، ڪيس ايلاز بہ ڪندس ۽ پيرين بہ پوندس. هوءَ اهڙي نامهربان نہ ٿيندي.“
”پوءِ تہ ٺيڪ آ، پر هاڻي تون آرام ڪر.“
”نہ تہ مونکي ننڊ ڪانہ ايندي،“ نذير ضد ڪرڻ لڳو.
”تون ننڊ نہ ڪندين تہ مان توسان عمر نہ ڳالهائيندس.“
”چڱو مان ننڊ ڪيان ٿو پر پهريون مونکي ڪس ڪر.“

پال ان خواهش تي گهٻرائجي وئي پر جلد ئي هن پاڻ سنڀالي نذير جي پيشاني تي پنهنجا چپ رکيا. سندس چپن جي ڇهاءَ سان ئي نذير جون اکيون ٻوٽجي ويون ۽ هن ننڊا ڪڙي آواز ۾ چيو، ”تون هاڻي پلي وڃ مونکي ننڊ ٿي اچي.“

پال مونکي اهي احوال ڏنا تہ مان حيران ٿي ويس. هوءَ مونکي سمجهائيندي چوڻ لڳي، ”ڏس نہ، اسانکي

مريضن جي ڪيڏي نه خدمت ڪرڻي ٿي پوي. ڪين ڏوئاريون ٿا، وهنجاريون ٿا، پر سندن فضول وار به صاف ٿا ڪيون، اتي جي دل رکڻ لاءِ، ڪين ڪس به ڏيون ته کهڙو عيب. مقصد ته ساڪيو آهي."

سون ڪجھ ڪين ڪڇيو. سونکي ماٺ ۾ ڏسي چيائين: "توکي ڳالھ نه وڻي ڇا؟"

مان ڪيمس ڳراٽڙي پائي چيو: "نه نه تون بلڪل ٺيڪ ڪيو، پر جي ڪيس حد کان ٽپندو ڏسين ته سونکي ٻڌائجانءِ."

"گهٽو ڪري ته تنهنجي ضرورت ڪانه پوندي،" ڀال مشڪندي چيو.

هن اسپتال ۾ نرسن جون ٽي شفٽون آهن ۽ پيون بدلبيون آهن. جيڪي نرسون صبح جو ڊيوٽي ڏينديون آهن سي وري منجهند جو ڏينديون آهن. منجهند واريون ٿري وري رات جو ڏينديون آهن. ڊاڪٽرن جون ڊيوٽيون به ائين پيون ڦرنديون آهن. ڊاڪٽر سڄي رات ڪونه ويهندا آهن پر ٿورڙي گهڙي ويهي هليا ويندا آهن. گهٽو ڪري سندن ضرورت ڪانه پوندي آهي پر جي ضرورت پوندي آهي ته ڪين گهرائي وٺندا آهيون. ان

رات جڏهن ڊاڪٽر ناصر مونکي ٻڌائي پڪچر ڏسڻ هليو ويو تڏهن ڪا غير معمولي ڳالهه ڪانه هئي. سڀ مريض ڦرنا ستا پيا هئا پر پال تڏهن به چڙي ويئي ۽ مونکي چيائين، ”تو اهو ڪم چڱو نه ڪيو.“
”پر اها نئين ڳالهه ته ڪونهي. مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان ها!“
”پر جي ڪجهه ٿي پئي ته اسان ته ڇٽيون ڇا ڪري سگهنديون سين؟“
”ڪجهه ڪونه ٿيندو، اڊائي ڪلاڪن جي ته ڳالهه آهي.“
”اڊائي ڪلاڪ ته وڏا آهن، هتي ته منٽن ۾ به ڪجهه ٿي سگهي ٿو.“
”اها! ته وائي نه ڪر، خدا سڀني جو نگهبان آهي.“
خدا جو نالو ٻڌي ڪيس آٿت اچي ويو ۽ چوڻ لڳي ”بيشڪ هو سڀني جو نگهبان آهي.“
”چڱو تون هاڻي رائونڊ هڻي آءُ ته مان تنهنجي لاءِ فرسٽ ڪلاس چانهه ٺاهيان، پوءِ گڏجي پيئنداسون.“
”او ڳڊ!“ هوءَ خوش خوش رائونڊ تي ويئي.
روم کان ٻاهر نڪتي ته ڊگهي ڪاريڊر ۾ سندس هلڻ جو سريلو آواز، منهنجي ڪنن ۾ وڄندو رهيو. مان ٻن ڪوپن جو پاڻي اسٽوو تي رکيو. ڪوپ ڏوئي ٽيبل تي رکيم. ڪيتليءَ ۾ پاڻي ابرڻ لڳو ته انکي لاهي اچا رکيو هوم جو ڪاريڊر ۾ اگهاڙي پيرين ڀڄڻ جو آواز آيو. مان ٻاهر نهارڻ لاءِ وڌيس جو هوءَ

در وٽ اچي پهتي . ڪڙڪيءَ ڪان ڙڻي پـادر لاهي هٿ ۾ جهليا هٺائين، سهڪندي چوڻ لڳي: ”جنهن ڳالهہ جو ڊپُ هو سا نيٺ ٿي.“

”هان خير آهي؟“ منهنجون وايون ٻتال ٿي ويون.

”خير وري ڪهڙو نذير وارڊ ٻارهين وارو...“

مون ڪيس ڳالهہ ٿي پوري ڪرڻ ڪانہ ڏني ۽ تڪڙي وڃي روم ٻارهين وٽ پهتس . ڏٺم تہ نذير موت ۽ حيات جي ٻواٽي تي، ٿي دم پهر لاءِ بيٺو هو. هن دم جي مريضن وانگر وڏي تڪليف سان پئي ساهہ کنيو. مان سندس هٿ پير ڇهيا تہ برف جهڙا ٿڌا، نبض ڏٺم تہ پہ ڏڪ نہ هڻڻ جهڙو پئي هنيائين ۽ اهڙي سست پئي هلي جڻ اجهو بيٺي اجهو بيٺي . مون ڪوريمن جي شيشي کٽي ٻہ ڦـڙا مريض جي وات ۾ وڌا ۽ ٻال کي چيم: ”ڊاڪٽر ضرور اچڻ گهرجي.“

”فون ڪيونس، ڪهڙي سئنيما ۾ هوندو؟“

”الائي.“

”پوءِ ... پوءِ ...؟“ هوءَ گهٻرائجي هٻڪڻ لڳي.

”هاڻي ماٺ ڪري ويهي رهہ.“

”يعني تہ ... ؟“

”منهنجو مطلب آهي تہ ڊاڪٽر ناصر چاڻ آيو.“

”انجي اچڻ ۾ تہ اجا ڏيڍ ڪلاڪ کن آهي اوڪاڊ، اٿين ڪين ٿيندو!“ هو روئڻهارڪي ٿي وئي.

مون کو جواب ڪونہ ڏنو، هن وري روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو:
”ڊاڪٽر آفتاب کي چوڻ تي سڏين، هو ب ت ڪمپائونڊ اندر رهندو آهي!“
”هو اڄ الائي نہ، هن جي ڊيوٽي ڪونهي.“
”ڊيوٽي! ڊيوٽي، وات اي نانسنس!“ هن ڪاوڙجي چيو، پر وري منهنجي ڪاڏي کي جهلي ايلاز ڪري چيائين، ”تون فون تہ ڪرينس.“
”مونکي فون ڪرڻ ۾ڇاهي،پر پال، هو ڪونہ ايندو.“
ان سمجهائڻ باوجود هوءَ مونکي پاڻهن ڪان وٺي ڊيوٽي روم ڏانهن گهلي وئي. مون ڊاڪٽر جو نمبر ڊائل ڪيو. گهنٽي گهڻي مهل وڄندي رهي ۽ پوءِ رسيور کڄيو. مون آواز سڃاڻي چيو: ”ڊاڪٽر، سر، مان ليلا ٿي ڳالهايان، ڊيوٽي روم مان. هڪ مريض کي هارٽ اٽئڪ ٿيو آهي. اوهان مهرباني ڪري اچي سگهندؤ؟“
”پر اڄ تہ منهنجي ڊيوٽي ڪونهي، ڊاڪٽر ناصر ڪونهي ڇا؟“ ”سر، هو پندرهن منٽ اڳ تہ هتي هو پر هينئر تہ شايد هيٺ لهي ويو آ. اوهان ئي مهرباني ڪيو.“
”اتي ئي هوندو، ڪيس کولي وٺ،“ هن خار ۾ ٺپ ڪري رسيور رکيو.
مان رسيور رکي پال ڏي منهن ڪري چيو، ”ڏٺئي، اڃايو مون کي خراب ڪيئي.“

”پر هن ڪي ته ضرور اچڻ گهرجي، هتي ڪنهن
جي حياتي جو سوال آهي.“
”مان ته ڪيس وس ڪيو پيو چوان ڪيان؟“
”پوءِ مان ٿي پاڻ وڃانس.“
”نه نه، تون نه وڃينس، توسان ته چڙيل آ.“
”مان ويندس ۽ کيس ضرور وٺي ايندس.“

هوءَ پڇندي هلي وئي. مون سندس لهڻ جو آواز
ٻڌو. هن هڪ وڪ ۾ ٻه ڏاڪا پئي ٽپيا
تانجو آخري ڏاڪي ٽپڻ جو ۽ وري سنئين سڌي فرش
تي پچڻ جو آواز آيو. مان مريض وٽ اچي سندس
نبض ڏٺم ته اها ٺوري سڌري هلي هئي. مان وري
ڊيوٽي روم ۾ اچي ضروري انجيڪشن، سرنج، بلڊپريشر
انسٽريومينٽ، اسٽيٿسڪوپ کڻي ٽيبل تي رکيا ۽ وري
ڪاريڊر جي پرين ڇيڙي تي پيل آڪسيجن پلانٽ
کولڻ شروع ڪيم. پلانٽ ڪافي ڳورو هو ۽ رهندو
ان جي اسٽينڊ جو هڪ ڦيٿو ڀڳل هو سو مشڪل سان
پئي رڙهيو. ان ڪي مس مس کهلي کهلي اچي روم جي
ٻاهران بيهاريم. ٽڪ پٽي واچ ڏانهن نهاريم ته پنجويهه
منٽ گذري ويا هئا. ڊاڪٽر جو ڪوارٽر ڪمپائونڊ
اندر هو ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن ڇهن منٽن جو مفاصلو هو.
ان حساب سان ته ڪيل وقت گذري ويو هو. پر
پهريون ته ڊاڪٽر درئي نه کوليو هوندو، مس مس
کوليو هوندائين. اچڻ کان انڪار ڪيو هوندائين،

پر وري سنڌس ايلازن تي مس مس مڃيو هونڊائين . منهن تي پاڻي جو ڇنڊو هڻندو، ڪپڙا بدلائيندو ۽ اتي ته ڪجهه دير ٿيڻ لازمي هئي. البت جي هو اڄڻ واري نه ڪري ها ته پال جيڪر سوٽي به اچي ها. اهي ئي ڳالهيون پئي سوچيم ته فون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيم ته ڊاڪٽر آفتاب جو آواز سڃاتم؛ هن پڇيو ؛ "مريض جي پلس ڪيئن آ ؟"

"هينئر ٺوري سڌيل آ سر،"

"گڊ، چڱو تون ڪيس سئي هڻ ۽ آڪسيجن ڏي، مان منٽن ۾ ٿو پهچان." مان سرنج ڀري مريض کي سئي هنئي ۽ وري آڪسيجن پلانٽ کي چيڪ ڪري، ان جي ربڙ جي ٽيوب مريض جي نڪ ۾ لنگهائي، ان کي پلاسٽر سان قابو ڪيم. ان ڪم مان واندي ٿي واچ ڏانهن نهاريم ته پال کي وئي پورو ڪلاڪ ٿي ويو هو ۽ اڃا ڊاڪٽر ڪونه آيو هو. مان ڪمري کان ٻاهر نڪري ڪنايو، ڪاريڊر ۾ ڪو آواز ڪونه هو ۽ ڏاڪڻ ۾ اڄڻ جو کڙڪو ڪونه هو. ٿوري دير اتي انتظار ڪري، اڳتي وڃي وراندي مان ڪمپائونڊ ڏانهن نهاريم ته ڏٺم ڊاڪٽر آفتاب بئگ لوڏيندو، سيٽيون وڄائيندو اچي رهيو هو. سنڌس پويان ٿورو پرتي پيو به پاڇو هو جو شايد پال جو هو. ڊاڪٽر اڄڻ سان مريض جي دل نبض تپاسي ۽ خوش ٿي مونکي شاباس ڏيندي چيائين، "گڊ ورڪ سسٽر."

پنهنجي ڪم جي تعريف ٻڌي مونکي خوشي ٿي ۽
مان آڪسيجن پلانٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ؛
”آڪسيجن ٻه چيڪ ڪيو نہ سر ؟“
”بلڪل ٺيڪ آ ، هاڻي ٻتي وسائي ڇڏ.“
”آڪسيجن سڄي رات هلي سر؟“
”نہ نہ ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ ڪيڏي ڇڏجانءِ.“
ڊاڪٽر کي ڏاڪڻ وٽ ڇڏي پوئتي موٽيس تہ اوچتو منهنجي نظر پال تي پئجي وئي. هوءَ وارڊ نمبر ٻارهين وٽ، ٻـت کي ٽيڪ ڏيـو بيٺي هئي. هن جو منهن پيلو پيلو، چپ سڪل سڪل چڻ رت هجيس ئي ڪونہ - الائي چـو هوءَ مـونکي ان ڪنول جيان لڳي جنهن جي هيٺان بيٺل سيٽل ڊنڊ جو پاڻي سڪي وڃي ۽ اهو لوساڻجي ويو هجي. جيئن ڪين ويجهو ڏئم تيئن منهنجون اکيون ڪنهن خوف کان ڦوٽارجي ويون. مونکي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي پڇڻ لڳي ؛ ”ليلا، نذير ٻچندو نہ؟“ مان محسوس ڪيو تہ هن اهو سوال منهنجي ڌيان ڦيرائڻ لاءِ ڪيو هـو. مان ڪيس ان ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو، رهندو ڪيمس ڊونڊاڙي پڇيم : ”ڪر خبر پال، ايتري دير چو ڪيءِ؟“
هوءَ ٿورو ڪلي، پر هڪ ڦڪي ڪل، ذري گهٽ روئڻ جهڙي ۽ چيائين : ”شي، شي، ڪنواريون ڇوڪريون اهڙيون ڳالهيون نہ پڇنديون آهن.“
” پر تون وئين چو، تون وئين چو؟“ نار ۾ ۽ ڏک ۾ پڇيم.

”سنهنجي وچڻ مان تہ فائدو پيو نہ، اڳتي جنهن وقت فون ڪنداسونس تنهن وقت هليو ايندو. جي اعتبار نہ اچئي تہ ڪٿي هاٽي جو هاٽي فون ڪريس، ڏس اچي ٿو نہ!“

هن اسپتال جي هر شيءِ من موهيندڙ آهي، ڪمپائونڊ اندر وڏا وڏا، ساوا ساوا، اکين جي جوت وڌائيندڙ لان. وچبر اسپتال جي ڳاڙهي اوچي عمارت، ٻنهي پاسن کان مٿي وچڻ لاءِ ريلنگ واريون ڏاڪڻيون، جن جي مٿان بہ شاندار قباوان برج اندر پٽيون کير جهڙيون اڇيون ۽ پيلي موزيڪ جا ترڪٽا چلڪٽا فرش ڊگها ڊگها، ٿڌا ٿڌا، ڪاريڊر ۽ روشن روشن ڪمرا، وڏيون وڏيون فرنيچ ڪٽ دريون ۽ جن جي فلاوربيڊز ۾ ٽڙڪيل ڳاڙها پيلا گل.

ان سهڻي ماحول جي سونهن منهنجي ساهيڙي سسٽر پال آهي. جنهن جو رنگ گلاب جهڙو، جنهن جون اکيون سهڻي ڊنڊي جهڙيون، جنهن جا چپ نارنگي جي قار جهڙا آهن ۽ جا سفيد يونيفارم ۽ سفيد ڪلفدار رومال جي تاج ۾، برفباني ڊنڊي ۾ ٽڙيل ڪنول جيان لڳندي آهي.

# زماني جي گردش

جڏهن رئيس قيصر خان نئين آيل مهمان کان، جنهن جا ڪپڙا ميرا ۽ اڌوراٽا هئا، جنهن جو منهن جهولي ۾ مسافريءَ سبب ڪاراٽجي ويو هو، جنهن جي پٺڪي جي پير، هلت چلت ۽ ڪٽ ڪميت گهوڙي جي شان اوغان مان سندس معتبرائپ ظاهر هئي، خلاصا حال احوال ورتا تڏهن هن فهميدن لفظن ۾ چيو: "رئيس مان به توهان جهڙوئي زميندار هوس، پر زماني جي گردش سبب اڄ هي حال ٿيا آهن، توهان جي در تي لنگهي آيو آهيان ته پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهو سو ڏيوم پيسو توهان جي سر بخت جو خير."

" توهان جو نالو؟ " رئيس ڪانئس ٿي پڇيو.

"منهنجو نالو؟" هو ٿوري دير سوچ ۾ پئجي ويو پر جلد ئي هن اکيون هيٺ ڪري چيو، "منهنجو نالو واحد بخش آهي." رئيس ته ڪجهه ڪونه ڪڇيو، پر سندس پر سان ويٺل ڪمدار حاجي غلام علي چرڪ ڀري منجيءَ

تان ائين ڪڙو ٿي ويو، جيئن ڪنهن ڪانداري ڏنيو
سندس ويهڪ واري جاءِ تي ڏنگ هنيو هجي. هن
تڪڙ ۾ پڇيو، ”واحدبخش خان مرزاپور وارو؟“
آيل مهمان واتان اکر ڪونه ڪڇيو. صرف ڪنڌ لوڏي
هائو ڪيائين ڪمدار حاجي ٽڊو ساهه پري پنهنجيون
پوڙهيون اکيون کڻي رئيس ڏانهن نهارڻ لڳو، هن
جون اکيون رئيس کي ايلاز ڪري چوڻ لڳيون، ’رئيس
ههڙي مڙس جي مدد ڪرڻ مرڪ آهي،‘ رئيس به
ڪمدار جي اکين جو نياپو سمجهي ڪري ڪيسي مان
سؤ جو نوٽ ڪڍيو ۽ ڪمدار کي ڏنو جنهن وري
اهو وٺي واحدبخش خان جي ڪٽ تي رکيو. واحدبخش
خان سوڪلائي اٿي ويو ته رئيس، ڪمدار کي چيو،
”حاجي پڪ اٿئي ته واحدبخش هو؟“
”سائين خدا ڪري، جٽ ۽ اسير ڪوهن
کان پڌرو. مون سندس ديهه ڏٺي آهي، هينئر هڪ
چوڌريءَ جي هٿ ۾ آهي. اسان جهڙيون به ديهون
ٿين هنجي ديهه مان.“
”پوءِ اهڙا حال ڪيئن ٿيس؟“
”پڌو نه، زماني جي گردش“
پر رئيس جنهنجو مٿو خوءِ مان پريل هو تنهن
کي اهڙي ڳالهه تي ڪٿي ٿو اعتبار اچي. هن عجب
۾ پئجي چيو: ”حاجي هن جي ملڪيت اسان کان به
وڌي هئي ته ڪٿي ڪيئن؟ مان ٿي ڪٿي ٻڌي هئن

ساڻ لڏيان ته به منهنجي ڪمائڻ جي نه ناهي." رئيس پنهنجي خوشامدڙين وانگر چيو جي ٿوري گهٽي ڳالهه تي ڪيس چوندا هئا، 'رئيس، وڏو رئيس تنهنجي لاءِ ايترو ته چڏي ويو آهي جو تنهنجون ست پيڙهيون پيون اڏارن ته به جوکو ناهي."

حاجي غلام علي جيڪو پراڻي جڳ جو ماڻهو هو تنهن کي اها لاڦ نه وڻي هن فقط ايتروئي چيو، "شڪر ڪر رئيس، شڪر ڪر."

رئيس قيصر خان جي پيءُ هن دنيا ساڻ وصال ڪيو هو ته اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن جي وٽس کوٽ هئي. چار پنج سو ايڪڙ پوري لڏاشي زمين جنهن ۾ وڏن، وڏن جيترا ڏڳها ٿيندا هئا، ۽ ڪڏڪ چوسري پچندي هئي جو ڏڳهو ماڻهو هٿ آپو ڪري ته اهو به ڏسڻ ۾ نه اچي، وري ڪڙهه ۾ نظر وجهبي ته الاجي ڪهڙن ڪهڙن ولايتن جا سرخا، ڪميت ۽ سمند پيا اوبرين تي داڻا کائيندا ۽ ڏالهن تي هاهرون ڪندا، سڀ گهوڙا تصوير جهڙا جو لانگ ورائبي ته دونالي بندوق جي نرين جهڙيون سنهيون چنگهون ڪن تان پيون ورنديون ۽ شاختون سر تي ويندئيون . وري

زماني ترقي ڪئي ته بيا سڀ زماني آهر پنهنجو قدم
وڌائيندا رهيا. پر سنڌس پيءُ پنهنجي ابائي ڏاڏائي چال
ڪانه ڇڏي. ٻين وٽ سهڻي ماسي مختياڪار، ڊپٽي
۽ ٻيا ڪامورا شڪارن ۽ دعوتن تي پيا ايندا ويندا
هئا ۽ انهن ڪامورن سان رسم راهه ڪري سنڌن وڏي
هلندي پڄندي هئي پر سنڌس پيءُ وٽ ڇني ڇماهي
ٽپيدار ۽ ڪوتوار ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڪاموري جي
آمد ڪانه هئي. قيصر خان پيءُ جو ان طرف ڌيان
ڇڪائيندو هو پر پٽس چوندو هو. ’بابا، اسانجو
ڪهڙو ڪم جو ويٺا ڪامورن جون ٽنڊواليون ڪيون.
ڪين ڪاني سان سلام ڪبو ته سڪيو گذاربو.‘

پر قيصر خان جنهنجي رڳن ۾ جوانيءَ جو رت هو
ان کي اهي ڳالهيون نه اڳ وڻيون هيون ۽ نه هيئنر
پي وڻيون. هن جي مرضي هئي ته هڪ ٻيرو اهڙو
ڦرڪو ڦيرائي جو سنڌن زميداري وري سڄي جو مرڪز
ٿي وڃي، ۽ سڀ معاملا سنڌس سر تي پڄنچي ۾ پيا
فيصل ٿين. اها ڳالهه ڳٽي هن پيءُ وانگر پئسي ٻئي
تي ڳت ڏيڻ بدران زماني آڌار ڏيک ويک تي خرچ
ڪرڻ شروع ڪيو. ڪمدار حاجي جڏهن رئيس جي
نئين جيپ ۾ چڙهي ٻئي چڪر ڏنا ۽ رئيس سان گڏ
وڏن وڏن ڪامورن کي روبرو دعوتون ڏنيون ته هو
خوش ته گهڻو ٿيو پر تڏهن به هو سهڻي ماسي پيو
رئيس کي چوندو هو، ”رئيس تون ٻلي اهي شوق

ڪري، پر پير هميشه چادر آهر ڍڪها ڪجانءِ، ائين نه ٿئي جو سيان هٿ ڇيو نه ڪرئي ۽ دشمن ڪلن. هرڪو چوندو ته پيءُ جي قدمن تي نه هليو سڄي دنيا ڦوڪي ڇڏيائين." ڪڏهن ڪڏهن ته رئيس مانٺ ڪري ويندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ته رهڙ به ڏئي ونندو هوس. "حاجي توتي ڪهڙي سيار، تون آهين ٻاهتر ۾، دنيا سک لاءِ آ، يا رکڻ لاءِ. ڀلا ڪهڙو ابتو خرچ ڪيو اٿم؟"

"سائين جيب ورتئي پندرهن هزارين ۾، روز تي ڍهي زور تو خرچ ٿئي."

"ته تنهنجي مرضي آهي گهوڙن تي چڙهي چٽا ڪرايان." رئيس چڙي پيو.

"ڀلا رئيس وڏو به ته هو؟" ڪمدار حاجي، رئيس وڏي جو زمانو ڏنو هو سو ڪنهن جو مثال ڏي،

"اهو زمانو پيو هو، هي زمانو پيو آ. زماني آهر نه هلبو ته ڪو ليکندو ئي ڪونه" رئيس ڪيس سمجهائيندو هو.

ڪمدار حاجي، نوڪر ماڻهو، سيني ساهڻ بدران اهي دليل ٻڌي چپ ٿي ويندو هو، پر ٻيا نوان نوڪر، جي وڏي رئيس جي فوتي ڪانپوءِ هن رکيا هئا، اهي ڳالهيون ٻڌي رئيس کي چوندا هئا: "سائين انگريز چريا ڪونه هئا جو ڪراڙپ ۾ ماڻهن کي ٻن شن ڏيندا هئا. مڙئي اڇي ڏاڙهي اتو خراب. تون اڃا

پنهنجي گهرون دورن پيو خرچ ڪرين. ڪنهن ڪان اڌارو ڪونه ورتو اٿئي جو ڪيس فڪر ٿئي."

سنڌس خاص نوڪر رجب، جو ساڻس سفر ۾ گڏ هوندو هو ۽ ڳوٺ ۾ به اٿيءَ ويٺيءَ جو خيال ڪندو هو سو وري چوندو هو: "رئيس دنيا اهڙي بي پيري اٿئي ته جيترو چاهيندينس اوترو حرام ٿيندي، پري ڀڄندي — جيترو اڇليندينس اوترو مڙندي ويندي. سالڪن چيو ناهي ته سخي ۽ شوم جو بارهين سهيني ليکو پورو." ائين پئي گاڏو گڙڪندو آيو.

ڀهريون سيارو هجي. ڏينهن جو اونهاري جي پوئين ڏاڏر ۽ راتين جو سياري جون مٺيون مٺيون ٿڌيون. ڪڙمي ڪاري ربيع جي هرن کان فارغ ۽ خريف جي فصل ڪٽڻ ۾ به به مهينا دير. زميندار ته پڪيءَ جا مالڪ، انهن کي ته مولا جي ذات ڪو فڪر ڏنو ئي ڪونه آهي، اهائي موسم ٿيندي آهي ڀهراڙي ۾ وهانون ۽ شادين جي. ڳهوٽ ۽ ڪنوار به راضي، ڪاج وارن کي به تڪليف ڪانه ۽ ساڻهو به واندا، هر ڪو پيو پري وڃي. انهن ئي ڏينهن ۾ رئيس کي نينڍ آئي

نهاريندو ئي رهيو. اوچتو فتح خانُ پنهنجي پاڻهين ڪان رڙ ڪئي. ”ڪهڙن بي قدرن جي پاسي پئي ڳائين پائي، هيڏي آهه تہ تنهنجي هڪ هڪ مصرع تي نوٽ گهوريان.“ ائين چئي فتح خانُ ڏهين ڏهين جا پنج نوٽ تاس جي پتن وانگر جهليا. چوطرف ٺهڪڙو مچي ويو. هوءَ بہ قيرو ڀائي وڃي فتح خان اڳيان گوڏو ڀڃي ويٺي ۽ دستور موجب ڪيس مصرع پڙهائڻ لڳي. رئيس قيصرخان جي منهن ۾ سڄي بدن جو رت وري ويو ۽ هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن ڪرڙي اک سان پويان ويٺل پنهنجي نوڪر رجب ڏانهن نهاريو جنهن پاڻ اهو مذڪور ڏسي ڏند پئي ڪرٽيا. هن رئيس کي چيو،
”فتح خان ملهہ هٽي ويو رئيس.“

”هون، پوءِ؟“ رئيس خار ۾ پڇڪيو.

”پوءِ ڇا، رکيو نالو پٽ جو بہ چڱو نا هي.“

”گهڻا ڏوڪڙ آهن ٻٽون ۾.“

”ٻہ هزار تہ خوشي سان ڏيندا.“ ائين چئي رجب چمڙي جو ٻٽون ڪڍي اڳيان رکيو.

”انهن مان ڪهڙي پورت پوندي، آڌام وڃي پئسا ڪڍي آهہ جيب تي.“

هوڏانهن فتح خان پنجاهہ ڪڍيون ويٺو هو تہ رئيس سو جو نوٽ ڪڍيو. هوءَ مشڪندي اچي وٺس ويٺي. ٻنهي طرفن کان نوٽن جا سرڙاٽ ٿيڻ لڳا. ٻنهي کي اچي پنهنجي عزت جي لڳي، جيڪو گهٽ ڏئي سو

لوڪ اڇا ڪٽي ۽ راڇن ۾ بدنام ٿئي. مصرع مصرع تي رقم وڌندي رهي. جڏهن رئيس جو نوڪر پئسا ڪٽي موٽيو تہ مصرع مصرع تي ٻہ ٻہ سو رپيا ٿي ويا هئا. رجب وٽس پهچي چيو، ”نہ گهبرائجانءِ رئيس، ڪوڙ پئسا آندا اٿم.“

”گهڻا آهن؟“

”پنج هزار!“

” هائي ٺيڪ آ.“ رئيس بالم ٿي ويهي رهيو ۽ پوءِ تہ اڪيون پوتي ڏيڻ لڳو. ڳائڻيءَ بہ سنڌ جي رئيس جي هاٿ ڏسي، اوستائين بس نہ ڪئي، جيستائين سنڌس نڙي پڙ نہ ڪيڏي بيٺي. پوءِ جڏهن سنڌس وس نہ هليو، تڏهن نوڙندي ناز ڪندي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويٺي. رجب رئيس اڳيان پيل پئسا سنڀاليا تہ ڪو هزار ڏيڍ وڃي بچيو هو، پيو ڪل پيران دا خير. اڌ رات مهل جڏهن هرڪو نويڪلي جاءِ ۾ آرامي ٿيو تہ رئيس رجب کي چيو، ”رجب منهنجو ڪو بلو ڪر، نہ تہ مرانءِ ٿو.“

”چو، خير تہ آ سائين؟“

”اڇا ٿو خير پڇين!“ رئيس ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو.

رئيس جي ڳالهہ سمجهي، رجب ڏند ٽيڙي کلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: ”پرائو وهانءُ، هتي ڪا ڳالهہ ٿهندي! باقي صبر ڪر، هڪڙو سنڌس جهوليءَ ۾ ننڍ نہ ڪرائيمانءِ تہ

منهنجو نالو ٿيرائي ڀاڻ واري ڪاري ڪتي تي رکجانءِ.“
رئيس جنهن کي رجب جي قابليت تي ڀروسو هو ... اها دلجاءِ ٻڌي ٿوري دير ۾ ڪونگهرا هڻڻ لڳو.

ٽپ - ٽپ - ٽپ - رجب جي زورن تي رئيس اکيون کوليون ته ڏينهن مٿي چڙهي آيو هو. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائي رئيس آرس ڀڃي اٿي ڪڙو ٿيو. تڪ اچلي رجب کان پڇيائين،
”ڪهڙو حال آ.“
”سڀ خير آ.“
”هوڏانهن ويو هئين؟“
”اتان ويو هوس، هاڻي سوٽيو هان.“
”چا چيائون؟“
”چون چا، پهريون ته اهي بهانا ۽ نمونا ته اسان اهو ڪم نه ڪندا آهيون. پر مان به جو ٻڌايون مان ٽسريون ته اوهان واقعي تاجي پيڻي پٽ آهيو ۽ مصلي تي نماز پڙهندا آهيو، ته شڪي ٿي چوڻ لڳا، ”رئيس جي دل ڪنهن تي آهي؟“
”پوءِ چا چيوني؟“
”چيو مان ته ڪمال ٿا ڪريو: سڄي رات ڪوهياري ٻڌو، وري ٿا چئو ڪوهياري ٻڌاءِ. اوهان وٽ الماس

بولڙي واريءَ کانسواءِ کهڙي آهي رئيس جي هنڌ اُنڻ جهڙي."
رئيس ڪلڻ لڳو ۽ رجب کي شاباس ڏيندي چيائين،
"واه، ڙي رجب واه."
"سائين الماس جو ذڪر ڇڏي ڏيو،" چيائون،
هوءَ اڃا ننڍي آهي ۽ سندس نت به ڪانهي لڌل.
" ان چيو مان ته رئيس نت لاهيندس." رجب ايترو چئي
وري چوڻ لڳو، "سائين ٻي ڳالهه ته ٻڌو."
"ٻڌاءِ"
"الماس اڃا ڪنواري اٿئي، جڏهن ڪو جوان ماڻيندس،
تڏهن اها نت لهندس."
" هان! " رئيس عجب ۾ پئجي ويو ۽ وري تصور
ڪري مشڪڻ لڳو.
رجب وري چڙيل ڳالهه کي اتان ئي شروع ڪيو:
"سائين هو تيار تہ آهن پر چون ٿا ته پهريون رئيس
کي نت لاهڻ جي رقم ڏيڻي پوندي، گهٽ ۾ گهٽ
ويهه هزار، پوءِ ماهوار خرچ، بنگلو، سازسامان، نوڪر
چاڪر سڀ ڏيڻا پوندس. جي دل جهلي ته هليو اچي لاهور."
رئيس اهي ڳالهيون پکا خرچ ٻڌي سسي ويو ۽ ڪنڌ
هيٺ ڪري سوچڻ لڳو. اتي رجب ٻيو بم ڇوڙيو،
"سائين، هن حرامي فتح خان به پنهنجو چاري چڏيو آ."
"هان!" رئيس کان ڇرڪ نڪري ويو.
"ها سائين، صبح جو وڃان ته قادو پيو ڏڪڙين
سان ٺهڪڙا ڏئي ۽ سسڪا ڀرڪا ڪري مونکي ڏسي

ھليو ٿه ويو پر جڏھن ڳالھائي موٽيس ته وري سليو ۽
مچون وٽيندي چيائين، ”بابا ملھ جي شيءِ آھي، اٽي
واڪ ھلندا.“

رئيس جو ڪنڌ سيني سان لڳي ويو. رجب ٿوري
دير ڏانھس ٿڪي چوڻ لڳو، ”سنھنجي ڳالھ مڃين
رئيس، ته ان ڳالھ ڪان پاسو ڪري لنگھ. انھن ماڻھن
کي محبت جو کھڙو قدر، ڪين رکيو ته روڪڙ جام
گھرجي. پلي فتح خان جو ٿي پت گھاٽو ٿئي.“
رجب ڪيمن ٺيڪ صلاح ڏني. رئيس، جيڪو فتح خان
جو نالو ٻڌي سڙي ويو ھو، تنھن اھا ڳالھ ڪٽي ڇٽي
مڃي. ھن ڪڙڪيدار آواز ۾ رجب کي چيو، ”وڃي
کين چؤ ته اسين ان ڳالھ ۾ ٻڌل آھيون ۽ ھڪ ھفتي
اندر وٽن پھچي ويندا سون.“

لاھور جي تياري ڪندي رئيس گھر سنڀاليو ته
روڪ پئسو ته نالي ڪاڻ ڪونه بچيو ھو. وڏي رئيس
جي فوتيءَ بعد خرچ وڌي ويا ھا ۽ ھن ـ ھاڻ ۾ پيو
خرچ ٿيندو ھو. شڪار، دعوتون، جيپون، اليڪشن ۽
پيٽرول ته سڀ اٽان نڪتا ھئا، پر ٽن راتين جي راڳ
۾ ڪيس ڇڳي چوٽ ڏني ھئي. ان مسئلي بابت ڪمدار

حاجيءَ سان تہ صلاح ڪرڻي ڪانہ هئي جو هو ڏاڙ گهوڙا ڪندي چوي ها، 'ڏٺئي رئيس، چوندو هو مانءَ تہ چادر آهر پير ڊگها ڪجان.' سو رجب کان وڌيڪ ڪير هڏ ڏوکي هو. رجب کي گهرائي سڄي ڳالهہ سمجهايائين. رجب بہ تي منت سوچي چيو: "سائين ٿيڻ جو فصل لهڻ تي آهي، سيٺ سان اڳوات ڳول ڪبي تہ ڏوڪڙ جام تي پوندا. باقي اگهہ ٿورو گهٽ مليو تہ ڪهڙي ڳالهہ، شي پنهنجي آهي."

"ائين تہ ڪٿي ڪيون، پر پورت ڪيئن پوندي."
رئيس دل ۾ حساب ڪندي چيو.

رجب وري ٿيءَ ۾ پنجي ويو ۽ ڳپل مهل کانپوءِ چيائين، "سائين اوهان کي هاٿي خير سان جيپ آهي، هينئر ايترن گهوڙن جي ڪهڙي ضرورت آ. چڙهو بہ چٽي چماهي ٿا. بيٺي بيٺي پير کاري ويندا. هزار ڏيڍ ۾ تہ هڪ هڪ وهت ويندو گهٽ ۾ گهٽ،" ايترو چئي رجب رئيس ڏانهن نهاريو. هن رئيس جو رد عمل پئي جاچڻ گهريو. رئيس کي غور سان ٻڌندي ڏسي هن وري چيو، "سينهون بہ کوڙ بيٺيون آهن، پورو سايو بہ ڪونہ ٿو ٿئي، ڪير لاءِ چار ڪن ڪافي آهن."

رئيس رجب جي صلاح ٻڌي ٻهڪڻ لڳو ۽ ڪمدار حاجيءَ کي گهرائي اهو حڪم ڏنائين. هو اهو حڪم ٻڌي وائڙو تي ويو: "رئيس وهٽ ۽ مال تہ زميندارن جو ڀاڳ آهن. پنهنجو ڀاڳ ٿو وڃائين!"

رئيس تڪڙو پوڻ ٻہ ڪيس ڏي سيني سان سمجھائڻ لڳو، "حاجي، گھوڙن تي چڙهان ڪونہ، ٻيٺي ٻيٺي پير ڪاري ويندا، مينھون بہ اجايون ڪوڙ ٻيٺيون اهن."

پر ڪمدار حاجي، جو ننڍي رئيس جي هڪ هڪ ڳ ڪي وڏي رئيس جي ڳالھہ سان ڀيٽيندو هو، تنھن کي اها ڳالھہ وڏي رئيس جي "سنت" کان ابتڙ لڳي، سو هو چوڻ لڳو، "رئيس وڏو بہ پچاڙيءَ ۾ اٺن تي چڙهندو هو، پر دل ۾ اهو خيال بہ نہ آندائين تہ ڪو فلاڻو يا فلاڻو وهٽ وڪڻي ڇڏيو. رهندو ڇڏي چماهي پيو چوندو هو، 'ڪمدار، ڪو پلو گھوڙو نظر ۾ هجي تہ ٻڌائجانءِ.'" رئيس، حاجي جي ڳالھہ ٻڌي ٽپي ويو ۽ چوڻ لڳو، "تو کي سو ڀيرا سمجھايو اٿم تہ اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ."

ڪمدار حاجي ڏڙڪو ٻڌي مات ڪري ڏانھن نھارڻ لڳو. رئيس وري حڪم دهرايو.

"سواءِ سمند جي ٻيا سڀ وهٽ وڪڻي ڇڏ، مينھون بہ چڙيون چار جھل، ٻيون تين واڪ ڪر." ائين چئي رئيس ٻئي طرف نھارڻ لڳو.

جڏهن رئيس سڀ سامان موجود ڪري لاهور پهتو تہ الماس جو واڪ چڙهي ويو هو. استاد ٻندو خان،

جنهن سان رجب ڳالهايو هو ۽ پڪان پڪ هئي، تنهن پنهنجي لاچاريءَ سمجهائيندي چيو: "مان چا ڪيان. ٽيون ڏينهن هتي فتح خان اچي پهتو هو، هن چيو ته مان رئيس کان پنج هزار متي ڏيندس ۽ بنگلو به مسواڙ تي وٺڻ بدران خريد ڪري الماس ڪي لکي ڏيندس. الماس جي ماءُ جي ته گگ ڳڙي پئي. پر شاباس آهي الماس کي، جنهن ماءُ کي صاف صاف جواب ڏنو. ماڻس کيس گهڻو سمجهايو ته رئيس، فتح خان کان وڌيڪ پئسا ڪونه ڏيندو، پر هن ماءُ کي پڪ ڏني ته جي وڌيڪ نه ڏيندو ته گهٽ به نه ڏيندو. رئيس جا پهريون ته چهه ڇڄي پيا، پر الماس جي قرباني ڀڏي نري پيو. وڌيل واڪ جي ڪيس گهٽي ڳتي ڪانه ٿي. گپ ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ڦهنگن کان ڪهڙو ڊڄڻ. رئيس استاد کي چيو، "ٺيڪ آ، مون کي سڀ شرط منظور آهن. باقي اها ڳالهه ڪليل اٿو ته مان کيس ڏنڊو ڪرڻ نه ڏيندس."

"ها اها ڳالهه ته ظاهر آ. اوهان جهڙا خاندان ڪٿي سهندا." "نه، پهريون ڳالهائڻ ٺيڪ آ، پوءِ ڪو ڪروڌ نه پوي."

"بس اوهان بنگلو خريد ڪيو ته پوءِ دير ڪانهي،" سنت ٿي بس ٽن ڏينهن ۾ بنگلو خريد ٿيو ته الماس ۽ سينگاري رئيس جي حوالي ڪئي وئي. رئيس خوشي ۾ ڀر ٿي ويو جو هن به هن وقت تائين ڳوٺائيون

رئيس تڪڙو پوڻ ٻه ڪيس ٺڏي سيني سان سمجهائڻ لڳو، "حاجي، گهوڙن تي چڙهان ڪونه، ٻيٺي ٻيٺي پير ڪاري ويندا، مينهون ٻه اجايون ڪوڙ بيٺيون آهن."

پر ڪمدار حاجي، جو ننڍي رئيس جي هڪ هڪ ٺوڪ ڪي وڏي رئيس جي ڳالهه سان پيٺيندو هو، تنهن کي اها ڳالهه وڏي رئيس جي "سنت" کان ابتڙ لڳي، سو هو چوڻ لڳو، "رئيس وڏو ٻه پڇاڙيءَ ۾ اٺن تي چڙهندو هو، پر دل ۾ اهو خيال ٻه نه آندائين ته ڪو فلاڻو يا فلاڻو وهٽ وڪڻي ڇڏيو. رهندو ڇڻي ڇماهي پيو چوندو هو، 'ڪمدار، ڪو ٻلو گهوڙو نظر ۾ هجي ته ٻڌائجانءِ'" رئيس، حاجي جي ڳالهه ٻڌي ٽپي ويو ۽ چوڻ لڳو، "توکي سو پيرا سمجهايو اٿم ته اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ."

ڪمدار حاجي دڙڪو ٻڌي ماٺ ڪري ڏانهن نهارڻ لڳو. رئيس وري حڪم دهرايو.

"سواءِ سمند جي ٻيا سڀ وهٽ وڪڻي ڇڏ، مينهون ٻه چڙيون چار جهل، ٻيون تين واڪ ڪر." ائين چئي رئيس ٻئي طرف نهارڻ لڳو.

جڏهن رئيس سڀ سامان سوجهوڻ ڪري لاهور پهتو ته الماس جو واڪ چڙهي ويو هو. استاد بندو خان،

جنهن سان رجب ڳالهايو هو ۽ ڪان پڪ هئي، تنهن پنهنجي لاچاري سمجهائيندي چيو: ”مان چا ڪيان. ٽيون ڏينهن هتي فتح خان اچي پهتو هو، هن چيو ته مان رئيس ڪان پنج هزار مٺي ڏيندس ۽ بنگلو به مسواڙ تي وٺي بدران خريد ڪري الماس ڪسي لڳي ڏيندس. الماس جي ماءُ جي ته ڳگ ڳڙي پئي. پر شابس آهي الماس ڪي، جنهن ماءُ کي صاف صاف جواب ڏنو. ماڻس ڪيس گهڻو سمجهايو ته رئيس، فتح خان ڪان وڌيڪ پئسا ڪونه ڏيندو، پر هن ماءُ کي پڪ ڏني ته جي وڌيڪ نه ڏيندو ته گهٽ به نه ڏيندو. رئيس جا پهريون ته ڇهه ڇڇي پيا، پر الماس جي قرباني بڌي ٺري پيو. وڌيل واڪ جي ڪيس گهٽي ڳٽي ڪانه ٿي. گپ ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ڦهنگن ڪان کهڙو ڊڄڻ. رئيس استاد کي چيو، ”ٺيڪ آ، مون کي سڀ شرط منظور آهن. باقي اها ڳالهه ڪليل اٿو ته مان ڪيس ڏنڌو ڪرڻ نه ڏيندس.“

”ها اها ڳالهه ته ظاهر آ، اوهان جهڙا خاندان ڪٿي سهندا.“ ”نه، پهريون ڳالهائڻ ٺيڪ آ، پوءِ ڪو ڪروڌ نه پوي.“

”بس اوهان بنگلو خريد ڪيو ته پوءِ دير ڪانهي، مٽ ٺي پس ٽن ڏينهن ۾ بنگلو خريد ٿيو ته الماس ۽ سينگاري رئيس جي حوالي ڪئي وئي. رئيس خوشي ۾ ٻر ٿي ويو جو هن به هن وقت تائين ڳوٺائيون

ساڏيون سوڍيون ميريون ميريون گدليون زائفون ڏنيون هيون، جي هٿ وجهڻ تي ڪجيءَ جي تڏي وانگر وچائجي وينديون هيون، پر ان جي بدران جڏهن هن الماس جي ڳاڙهن ڳلن، ڏکين ڏکين پلڪن ۽ هرڻيءَ جهڙين اکين ڪي ڏٺو ته هو بهار بهار تي ويو، ويتر جڏهن الماس پنهنجي گهنگرن جهڙي آواز پر ڪيس پنهنجي محبت جو يقين ڏياريو ۽ ڪيس وعدو ڏنو ته ڇهن اٺن مهينن کان پوءِ هوءَ ساڻس ڳوٺ هلي رهندي ته رئيس ڪي پنهنجا سمورا خرچ سجايا لڳا. صبح جو جڏهن رجب مشڪندي ڪائنس احوال ورتو ته رئيس ٺڏا ساهه پريندي چيو: "رجب، مان الائي ڪيئن ٻاهر آيو آهيان، نه ته دل نٿي گهري ته ڪو ٻاهر اچان مون کي ته چريو ڪري ڇڏيو اٿائين."

مهيني ڏيڍ کانپوءِ رئيس رجب کي حڪم ڏنو ته ڪيئن به ڪري موديءَ کان پئسا وٺي اچي. رجب حيران ٿي پڇيو، "چو، ڇا ڪندؤ سائين"؟

"رجب، کيس ٻئي زيور نهرائي ڏيڻا آهن- زيورن کانسواءِ ٻسي آهي."

"پر توهان جو کهڙو ڪم!"

”چا ڪيان رجب، ڪيس انڪار ڪندس ته روئي روئي منهن سڄائيندي، پر چاٽيءَ ۾ وري وڏيڪ ڏيٺو پوندو.“

”پر سائين ايترو خرچ ته ٺيڪ ڪونهي.“

”پر جتي درياهه تپي ويا آهيون اتي اڌ تي ڪهڙو بيهون گهبراءِ نه. سڀ خرچ سڄايا ٿيندا.“ رئيس الماس واري واعدي ڏانهن اشاري ڪندي چيو.

رجب حڪم جو بندو، انهي ڏينهن هليو ويو ۽ ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ پئسن آڻڻ بدران خود سيٺ خدابخش ميمڻ کي وٺي اچي نڪتو. سيٺ هٿ ٻڌي چيو: ”سائين سان اوهان جو نيمڪ خوار آهيان پر اهڙو تونگر ڪونه آهيان جو لک پيا هجن، ووٽن وارا پئسا به پٽ سٽ ڪري ڏنا هئم، رهندو ووٽ به مليا گهٽ. اليڪشن وارا به پندرهن هزار اجا بيٺا آهن.“

”ڪيئن سيٺ حساب ڪر.“

سيٺ ٻندي کولي: ”سائين هي ڏسو، پنجاهه هزار ورتو، ٻه هزار مڙ ٻوليو پنجويهن جي آگهه سان، ڏنو هڪ هزار مڙ. اگهه هيٺئر ووٽ لهن چاليهه روپيا چاليهه هزار ٿيا نه اوهان ڏانهن، اليڪشن وارا پندرهن گڏيو ته ٿيندا پنجونجاهه هزار.“

”حاضر سيٺ ڏينداسين، پر هيٺئر ته ڏهاڪو هزار ڪن ڏيار.“ ”سائين ڪاڏهون ڏيان؟ جي بينڪ مان ٿو وٺي ڏيان ته وياج ڳاتي پڳو پوندو. ايتري وڏي رقم ڪٺڪ مان ڪٿي لهندي. نه فصل ته اهو ووٽن جو هو.“

”پوءِ ائين ڪنداسين ته جيڪي پئسا ڪڍڻ ۾ لڳا، نه ته وري آئيندي واري ووٽن ۾.“

”نه سائين اتي سنهنجي پوري ڪين پوندي.“

اتي رجب رئيس کي ٻاهر ڪڍي سمجهايو ته سيٺ خدابخش ته پئسن ڏيڻ لاءِ ته تيار هو پر ڪيس پڪ ڪانه ٿي ٿئي. لاشڪ ته پوءِ اٿس ته پئسا نه مارجي وڃن. رئيس رجب جي ڳالهه دل سان هنڊائي ته برابر لڳي. هن رجب کان صلاح گهري ”پوءِ چا ڪيون؟“

”بس سيٺ کي پڪ لاءِ ڪو دستاويز لکي ڏيو“.

رجب ڪيس سمجهائيندي چيو.

رئيس ڳالهه سوچي سيٺ کي چيو: سيٺ هاڻي وات ٿو ڏيانءِ. تون ڏوتيل رقم جوڙ ڏاهي سون کان شرطي وڪري جو دستاويز لکي وٺ. جي ان مدت ۾ پئسا نه ڏناماناءِ ته سنهنجي زمين چٽي بس نه.“

”سائين خدا خدا ڪر. زمين الله اوهان کي اچا ٻه سرس ڏئي جو تنهنجي پگهر مان پيا کائون. اسان واپارين جو زمين سان ڪهڙو واسطو، اسين رڳو موڙيءَ جي سلامتي ڏسندا آهيون. جي اوهان دستاويز لکي ڏيندو ته مان ٻه پٽ ست ڪري اوهان جو ڳهو چاڙهيندس. پر سائين شرطي ٺڪرنجي پئدا ڪير ڪٺندو؟“

”مان، تنهنجو ڪم پئسن سان.“

”سائين اتي سنهنجي پوري ڪيئن پوندي. گهر مان سڀ پئسا ڪڍي ڏيان ته سنهنجو واپار وڙو ڪيئن هلندو. ڏنڊو، ڪار پٽ ڪيئن وڃائيندس.“

رئيس سن ۾ پنهنجي ويو. پر ٿوري دير ۾ هن ڳالهه ڳڻي ته جي فصل لهڻ کان اڳ هن بئنڪ مان يا سرڪار مان تقاوي وٺي سيٺ کي پئسا واپس ڪيا ته پوءِ سيٺ جو فصل تي ڪو حق ڪونه رهندو جو اهو شرطي وڪري جو دستور هو. هن سيٺ کي چيو: "چڱو سيٺ، تنهنجو ئي پٽ گهاتو، انهن ٽڪرن جي پئدائش تون ئي کڻجان، پر جنهن مهل توکي پئسا مليا ان مهل تنهنجي حقداري ڇني."

"ها سائين، پر منهنجا پئسا نه مارجو." سيٺ رئيس جي پيرن تي ڪري پيو.

"نه سيٺ، تون دلجاءِ ڪر، توسان ورهن جو وهنوار آ."

"سيٺ حساب ڪتاب ڏاهي رئيس کي ڏنو. رئيس ڏانهن ڪل رقم تي پنجهٺ هزار. رئيس ۾ سو ايڪڙ شرطي وڪرو ڪري سيٺ کي ڏني. پر سيٺ کي ويندي چيائين: "سيٺ، هن ڳالهه جي خبر ڪنهن کي نه پوي نه ته پوءِ ڪونه ڏهنداسون،" رئيس کي اچي پنهنجي عزت جو فڪر ورايو.

"ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين سائين. اسان واپارين جي دل ته کوهن جهڙي اونهي ٿيندي آهي."

رئيس کي ڳوٺ ڇڏي ڇهه مهينا گذري ويا، ان وچ ۾ هن پوريان جي ڪاسار سنڀال ڪانه لڌي وچوواڙي ڳوٺان خط پٽ پئي آيا. هڪڙي خط ۾ ڪمدار حاجي

فصلن جي کُهٽ ٿيڻ جو لکيو هو ته پندرهن ڏينهن کانپوءِ ٻئي خط ۾ خود ڪمدار حاجيءَ جي وفات جو ذڪر هو. رئيس ويو ڪونه، باقي ڪمدار جو ڪيس ڏک ٿيو. سڄو ڏينهن پئي رجب سان ڪمدار جون ڳالهيون ڪيائين: ”رجب، حاجي سڙس ڀلوڙ هو. اسان سان چڱا ڳن ڏنائين.“

”ها سائين، اهڙا خيرخواهه ڪٿي ليندا.“ رجب به ها ۾ ها ملائيندي چيو.

رجب کي ته حاجيءَ جو ڏک ٿيو هو يا نه ٿيو هو، پر ڳوٺ کان ايترا ڏينهن پري رهي ڪڪ ٿي پيو هو، ان ڪري رئيس کي چيائين: ” سائين هن موقعي تي هلڻو ضرور آهي.“

پر رئيس ڳالهه ٽناٽي ويو ۽ چوڻ لڳو: ” هينئر هلي ڇا ڪيون. هلجي ها ته بروقت. هتي به الماس کي اڪيلو ڪيئن ڇڏي هلبو. گهوڙا ۽ زالون ران سان نه هونديون ته ڪوسڙو هلنديون.“ اتي ته رجب مات ڪئي، پر هڪ ڏينهن رئيس کي زال جي بيماري جو خط پهتو ته ڳوٺ جي تياري ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونه هو. ڳوٺان لکيو هئائونس ته جي زال جو منهن ڏسڻو هجيس ته خط کي تار سمجهي. رئيس به نه وڃي ته لوڪ ڇا چوندو. زال سڳي سوٽ، جنهن سان هن شوقون لائون ڏنيون هيون، جا پوٽتان سندس منڊل کي

ٿاهيو ڏکيو وڃي ٿي. الماس به اهو ڀڄي ڪيس چيو:
”توکي ضرور وڃڻ گهرجي، هي وقت دير جو ناهي.“
”تون ڪڏهن هلندين؟ وعدو پاڙ ته!“

”تون سوئي آ ته هلنداسين.“ الماس ڪيس پڪ ڏني.
پر رئيس اڄ سڀان تياريون ڪندي جڏهن ڳوٺ پهتو
ته جوڻس قبرستان ۾ پورجي چڪي هئي ۽ پوٽتان سندس
ڳالهيون هيون ته ڪيئن هن آخري وقت تائين سندس
انتظار ڪيو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي دم ڏنائين. رئيس مات
سيٽ ۾ زال جا ختما جماٽا ڪري، پـوک پلاهه ۽
راڄ ڀاڳ ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺائين ته پوٽتان آونده
ٿي وئي هئي. ڪمدار حاجي ڪانپوءِ هر ڪو ميچ ٿي
ويو هو. جنهن کي جتان پئي وارو لڳو تنهن اتان پئي
ڪاڏو. پنهنجي سمجهه آهر مناسب انتظام ڪري جڏهن
هن وري لاهور جي تياري ڪئي، ته جيئن الماس کي
پاڻ سان وٺيو اچي، ته سندس نوڪر حيات، جنهن کي
الماس جي سار سنڀال لاءِ ڇڏي آيو هو، ڦيلهڙو منهن
ڪري اچي واپس نڪتو. رئيس کي چيائين:

”اوڏانهن هلڻ جو ڪو ضرور ڪونهي رئيس!“

”چو ڙي؟“

آتي هيڏيون اکيون ڦوٽاريو ويٺا آهن. چون ٿا ته
”ڪو رئيس الماس کي خريد ته نه ڪيو آهي.“

”باقي اهو بنگلو، ٽپڙٽاڙي، ڏاڏنهن جا آهن!“

پر الماس جي ماٺ رئيس جي دل جي پير تي زور سان ڏونڪو هڻندي چيو: "اها هتي ڪانهي، رئيس فتح خان سان گھمڻ وئي آهي."

رئيس جون اکيون اهو ٻڌي رت ڇڏڻ لڳيون. سندس ٻت سمورو ڏڪڻ لڳو. هن جو هڪ هٿ چيلهه ۾ ٻڌل ريوالور ڏانهن ويو، پر رجب ڪيس هٿ کان گھليندو ٻاهر وٺي ويو. ڪيس ٻانهون ٻڌي چيائين: ايترو آپهرو نه ٿي رئيس.

"اڃان آپهرو نه ٿيان. هنن پوءِ ڪاڻ ڇڏي آهي."

"هنن جو ڪهڙو قصور، هي ته پئسي جا پٽ آهن. مون کي ٻاهه هن حرامي فتح خان تي آهي، جنهن کي شرم ٿيو نه حياءُ، پرائي ڇڪاٽل مڇي به ڪانه وٺي آهي، هي ته زائفان ماڻهو هو." رجب ڪيس سمجھائيندي چيو.

ڳوٺ موٽندي رئيس کان ننڊ آرام وسري ويو. سڄي واٽ اها ئي ڳالهه سوچيائين. فتح خان منڍ کان وٺي ڪيس اچايو هو. پهريون پهريون سائس اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو هئائين. اتي رئيس وڏي دنيا خرچ ڪري هارايو هو، ته وري ساڻ کان سندس هارين نارين جون چوريون چڪاريون شروع ڪرايون هئائين. مٿس ڪا فلڪ ڪونه آئيندو هو ۽ رهندو چوندو وتندو هو، 'ڪلهوڪو ڇوڪرو ٿو مون سان سينو ساهي، نڪر سان ٿو مٿو هڻي!' راڳ جي محفل ۾ به هن اچاٽ ڪئي

ڪئي ۽ ڪيس طعنو هڻي ڦرايو هئائين، نہ تہ هو رڳو پير پرڻ خاطر آيو هو ۽ پنجاهہ سو روپيا ڏئي وڃي تنبڙ ڪري ها. وري جڏهن هن الماس کي ساهيو، هو تہ ماٺهو بچي واڪ وڌيا هئائين. اتي بہ ڪامياب نہ ٿيو تہ هي وار وري ان وقت ڪيو هئائين، جڏهن هو الماس پٽيان پنهنجون ڀنيون، مال متاع، زيور زاڙي دڦ ڪري پنهنجو پاڻ کي تباهہ ڪري چڪو هو. الماس، الماس جي ماءُ ۽ استاد بندو خان وارا پئسي جا ٻٽ هئا جو اهو انهن جو ڏنڊو هو، پر سندس اصل مدعي تہ فتح خان هو.

رئيس جڏهن پنهنجي ڳوٺ واري اسٽيشن تي لٿو تہ هو هر طرح سوچي فيصلو ڪري چڪو هو. هن اچڻ سان پنهنجي ٽولي کي گهرايو ۽ کين منهنو ڏيندي چيائين، ”اڙي شير آهيو ڪن لوغان؟“ منهنو ڀڏي همراهہ سري ويا. ٽولي جي اڳواڻ محرم پنهنجي اچي ڪهاڙي ۽ جي ڪهو جي ڳڻ کي سنڀاليندي چيو، ”رئيس، تو اصل ڪان آزمايو آ تہ شير آهيون.“

”تہ ٻوءِ فتو جنهن ڏينهن سوٽي اچي تہ ٻيو ڏينهن اکين نہ ڏسي!“

”ائين ٿي ٿيندو رئيس، پر ٻوءِ جون ٻارتون اٿئي.“ محرم دليري سان چيو.

”صوبيدار پنهنجو يار آهي، سون پر توري بہ ڇڏيندا اٿانوءِ.“ رئيس کين دلجاءِ ڏني.

فتح خان جي بہ قضا پڄي آئي جو ٻنهين سانگي ڳوٺ موٽي آيو. همراھ تہ اڳبر ئي ڪيس ڏاڙيو ويٺا هئا. ڇڻ ئي کھاڙين ۾ ڪيس سمھاري ڇڏيائون.

فتح خان جھڙي نامياري زميندار جي خون تي آپي ڏري پيو. ضلعي جي سڄي پوليس اچي ڪڙڪي. راڇن ۾ ٻاڪر ڪئا وجھي ڇڏيائون. آخر آھا ڳالھہ پوليس ڪان ڪيئن تي لڪي تہ فتح خان ساڻ ڪنھن جو مدائپو هو. توري ڳالھہ ڪلي تہ اڏڙندي وئي. آخر اھو ڏينھن اچي پھتو جو رئيس جو دوست صوبيدار هزار خان وڏي عملي سميت اچي رئيس جي ڳوٺ پھتو. رئيس کي چيائين ”رئيس، توتي فتح خان جي خون ڪرائڻ جو الزام ثابت آهي. توسان گڏ ان ڏوھ ۾ محرم، صفر، آدم ۽ دلاور آهن."

رئيس تہ ڦھريون کھٽي ڀڪائي ڪئي پر پوءِ جڏھن بي ڳالھہ ڪانہ سجھس تہ صوبيدار کي ڀڻڪا ميڙيون ڪري، دوستيءَ جا واسطا وجھڻ لڳو. پر ڦڦڙ نہ ڪوشت، ڪامورو نہ دوست، صوبيدار کي اهڙو وارو وري ڪيئن ھٿي مليو. هو چوڻ لڳو. ”نہ رئيس مون ڪان هي ڳالھہ زور آهي. هتي تہ عرش قاتل آهي." ”تون سيني ڳالھين

جو مالڪ آهين، پيا ڪاسورا تو ڪان ٻاهر ڪونہ ويندا."
رئيس کيس ايلاز ڪندي چيو.
"چڱو مان وڏي صاحب سان ڳالهايان ٿو. باقي
پئسا گهٽا لڳندا.
"چڱو مان وڏي صاحب سان ڳالهايان ٿو. باقي پئسا
گهٽا لڳندءِ."
"جيڪو انگ چوندين اهو ڏيندس. باقي هيءَ مهر هڻ."
"چاليهارو هزار تہ اوس لڳندءِ. مونکي تہ تو ڪان
پئسو وٺڻ حرام آ، باقي سپاهي ڪان وٺي ايس پي تائين
پيٽ پرڻو آهي." صوبيدار دستور موجب چيو.
اٿي رئيس رجب کي ٻاهر ڪيڍي صلاح ڪئي.
چا ڪيون رجب؟"
"سائين خون جو الزام آ ڪو چرچو ڪونهي. ڏنو
ٺٽ چئي جو."
"صوبيدار تہ وڏو چڪ هنيو آهي. ڪٿان ايندا
ايترا پئسا؟"
"سائين عزت ڪان مٿي پئسو ڪونهي. توں صوبيدار
ڳان مهلت وٺ، ڏوڪڙ ڪري وٺنداسون." رجب
کيس دلجاءِ ڏني.
صوبيدار ڪان ٻئي ڏينهن مهلت وٺي، رئيس هيڏانهن
هوڏانهن مدد لاءِ واجهايو تہ هرڪو پري بيٺو هو.
سيٺي کي ڪا نہ ڪا لاچاري هئي. آخر پيو ڪهڙو
رستو هو، سواءِ سيٺ خدابخش جي گهرائڻ جي. رئيس
کيس نيازي سان چيو "سيٺ ڀلاوڻ سڙسن تي ايندين

آهن، ڪو پاڙين تي ڪونہ اچ ڪا واهر ڪر."

رئيس حج واري جو قسم، کلهہ فتح خان جي پاڻ ڪمدار همت نياپو موڪليو هو تہ جي رئيس ڪي پئسا ڏئي تہ ڳانو ئي توکي پڌنداسين ۽ خون ئي توکان اڳاڙبو."

خدابخش ڪي پوتي ڪيڏائيندو ڏسي رئيس ڪيس ليلهڙات ڪيا، "خدابخش ائين ڪيئن ڪندين، توکان سواءِ ڪهڙو آسرو آ." "نہ رئيس مون ڪي معافي ڏي. مان ان باهہ ۾ تپو ڪونہ ڏيندس." پر رئيس جڏهن ڪيس پيا ٻہ سؤ ايڪڙ ٿوري مدي تي شرطي وڪرو ڪري ڏنا تہ سيٺ جو مس مس پؤ لٿو ۽ ٻڪي ٻوڙي پئسا پورا ڪري ڏنائين.

رئيس صوبيدار کي پئسا ڏئي پنهنجي تہ جان ڇڏائي، پر جي محرم وارن جي ڪورٽ ۾ پيروي نہ پئي ڪرائين تہ ڪيس وري لوڏو هو. هنن، ملاقاتين جي معرفت ڪيس نياپو بہ موڪليو هو ۽ چورايو هئائونس، تہ "رئيس اسان تنهنجي وانگار اڙها هئاسين، نہ تہ فتح خان سان اسانجو ڪو مڏيو ڪونہ هو. هينئر اهي سڀ هرج خرچ توتي آهن. اسانجو تدارڪ ڪر، نہ تہ پاڻ قبولدار ٿي توتي بيان ڏينداسون."

رئيس اهڙو اڻ چاڻ ڪونہ هوجو وساٽل باهہ کي وري چوچڙي ڏئي ڀيڙ ڪري. هن ڪين دلجاءِ موڪلي. سيٺ کان پيا پئسا وٺي اهڙو وڪيل ڪيو، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هن ڪيترن ڏوهين کي ڪورٽ ۾ تہ

چا، پر ڦاسي گهاٽ تان ٻ، ڪجهي مان ڦاهو ڪيڊرائي آزاد ڪرايو هو.

آخر هڪ سچ اهڙو ٻ اپريو جو سيٺ خدابخش، جنهن رئيس جو نمڪ کاڌو هو ۽ سندن واپار وڙي مان وڌيو هو، وڌي شان ۽ ٺٽ سان تعلقي مختيارڪار سان گڏ رئيس جي ڪوٺ آيو. مختيارڪار رئيس کي چيو. ”رئيس، تنهنجي لکي ڏنل دستاويزن موجب هيءَ سموري زمين، وٽن اڏن ڪيسن سميت سيٺ خدابخش جي آهي ۽ تنهنجي ڪابه حجت نه آهي.“

رئيس پهريون ته مختيارڪار سان گهڻو گوڙ ڪيو، پر مختيارڪار سندس هڪ به ڳالهه وزن تي نه آندي ۽ ڪيس صاف چيائين ته هو ٻالا آفيس جي حڪم موجب سيٺ کي سرڪاري طرح قابض ڪرڻ آيو آهي. ۽ جي هن ڪو گوڙ وغيره ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوليس کي گهرائي ڪيس بي دخل ڪندو.

رئيس وڌيڪ چا پئي ڪري سگهيو. سڄي ڳالهه سندس پنهنجي هٿ جي وڌيل هئي. هن مختيارڪار کان مهلت گهري:

”بس اڄوڪا تي پهر ترسو. مان رات جي پيٺ ۾ هليو ويندس.“ ان رات جي پوئين اسر جڏهن ڪڪڙن ٻانگون ڏنيون. تڏهن رئيس پنهنجي مسند جي هٿي ٽپي مٿس سنج وڌا. ۽ الين اکين سان پنهنجي ڪوٺ ۽ ٻنين ڏانهن نهاريندي، ٻن دسن ڏي ويندڙ ڪڪائين

سڙڪ ورتائين.

پوءِ، گهٽا گهٽا ڏينهن پوءِ جڏهن سندس ڪپڙا ميرا مٽيءَ جهڙا ٿي ويا هئا ۽ سندس منهن جهولي ۾ مسافري سبب ڪارائنجي ويو هو، هو هڪ اهڙي ڳوٺ ڪان لانگهائو ٿيو جو سهڻي نموني ٻڌل هو ڳوٺ جي چوڌاري پوريون لٽاشيون ٻنيون هيون، جن ۾ ووڻ ۽ جواريون ڏکڻ جي هير تي پئي جهوتيون ۽ وچم اوڏڪيون پٽيون، چناوان گهر، قبائين مسجد، شاهي ڪوٽ ۽ ان جي وچ ۾ ٻڪسري حويلي ڳوٺ کي ڪنيو بيٺي هئي. رئيس ڳوٺ جي ٻاهران بيٺل هڪ ماڻهو کان بي اختيار پڇي ويٺو، ”ادا ڪنهن جو ڳوٺ آ؟“

”وڏيري غلام عمر خان جو.“ ان ماڻهو کيس جواب ڏنو، الائي رئيس گهوڙي جي ٻاڻ واڳ موڙي يا ويچاري سمند ٽڪ سبب پاڻ، ڳوٺ ڏانهن رخ رڪيو ۽ شاهي کهٽي لتاڙي اچي اوطاق جي وڏي در تي بيٺو. رئيس گهوڙي تان لهي ان کي آهر سان ٻڌو ۽ اڳڻ ڏانهن نهاريو، جتي ڳوٺ جو وڏيرو کٽ تي ليٽيو پيو هو. سندس چوڌاري هيٺ تڏن ۽ منجين تي نوڪر چاڪر، ڪڙمي ڪاراوا ويٺا هئا. رئيس اهو نظارو ڏسي زمين ۾ ڪپي ويو. سندس قدم اڳتي وڌڻ کان پڙ ڪڍي بيٺا. پر جڏهن کيس سڄي ڏينهن جو لنگهڻ ۽ خالي کيسو ياد پيو، تڏهن هو هٽڪندو، ٻيهندو ٻيهندو اڳتي وڌيو ۽ وڃي اتي پهتو هو جتي ڪچهري لڳي پئي

هُئي. پوءِ جڏهن وڏيري غلام عمر خان ٻيا سڀ ماڻهو اٿاري ڪيس جيئ ڪئي، تڏهن هن ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون ٻوٽي چيو: خان، مان به تو جهڙو ئي زميندار هوس، پر زماني جي گردش سبب هي حال اچي ٿيا آهن. تو وٽ لنگهي آيو آهيان ته پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهين سو ڏئيم ته گذر سفر ڪري وڃي ڪي وڃان. پيو تنهنجي سربخت جو خير."

# ڳنڍس

گھڻن ڏينهن جي غير حاضري بعد، هو پنهنجي نئين ڳاڙهي شيو ڪي ڪراچي ڪلب جي پورچ ۾ بيهاري، اندر ٻار ڏانهن وڃڻ لڳو ته سامهون ڪنهن ڪي ڊيل وانگر ٽلندو ٻاهر ايندو ڏٺائين. هن جا قدم اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري ويا. هوءَ پنهنجي ساڙهي جي پلو کي هر هر ادا سان ٻانهن تي ٿاهيندي لڏندي لمندي سندس ڀرسان لنگهي، ته نه چاهيندي به هن کان بي اختيار سيٽي نڪري وئي. هُن نرڙ ۾ گهنج وجهي ڏانهس گهوريو ۽ هين شڪي ٿي منهن ڦيرائي ڇڏيو. پر جڏهن 'ڪورٽ شو، جي سريلي پياري ڪيٽ ڪيٽ اڳتي وڌي وئي، تڏهن هن منهن ڦيرائي ڏٺو ته هوءَ انهيءَ انداز سان، اوچو ڳاٽ ڪيو اڳين وڃي رهي هئي، جيئن ڪنهن تي فلڪ ڪاڻ هجيس. هو ٿڌو ساهه ڀري اڳتي وڌيو ۽ ٻار ۾ ويٺل سيمبرن کي سلام ڪندو پنهنجي سنگت واري مخصوص ڪنڊ ڏانهن هليو ته ڏٺائين سموري چنڊال چوڪڙي ويٺي هئي. ڪيس ڏسندئي سڀ، خوشيءَ مان رڙيون ڪري هنڪي چنبڙي ويا.

”اڙي تون ڪٿي هئين ايترا ڏينهن؟“ پروفيسر جيلاني کيس ڀاڪر پائي چيو.

”ڳوٺ ويو هوس، هارويسٽ جي سيزن هئي نه.“ هر ڪنهن کي سندس وڏي زميندار جي خبر هئي، پر تنهن هوندي به هن وري کين پڌائڻ مناسب سمجهيو.

”پوءِ اڄ ڪلهه ته کيسا پُر هوندا؟“ ڪئپٽن مسعود چيو،

”بلڪل.“

”تون ته ٻڌا موڪلائي هليو وئين، پر هتي ته گهڻا ماڙهو تنهنجي ڪاڻ سڪيا پئي.“ ڊاڪٽر سليم لفظ ’ماڙهو‘ تي خاص زور ڏيندي چيو. هن ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو، جنهنجي منهن تي شرارتي مشڪ هئي. اهو اشارو شاهده ٻرني ڏانهن هو. جنهن سان هن جو ’افيئر‘ هو، ۽ جا اوچتو ئي اوچتو سندس کلي پٺجي وئي هئي ۽ هنکي شادي جو زور ڀريو هئائين. هن ڊاڪٽر سليم سان صلاح ڪئي هئي، جنهن وري کيس به ٽي ڏينهن کسائي وڃڻ جي صلاح ڏني هئي. هو پنهنجو نينو ٽائون هليو ويو هو.

”اڄ ڪلهه ماڙهو ڪٿي آهن؟“ هن مشڪندي ڊاڪٽر سليم کان پڇيو.

”اتيئي، اوسي پاسي.“

هن نموني سان ڪنڊ ڦيرائي ڏٺو ته پريرو ’هوءَ‘ هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلي ويٺي هئي ۽ ڏانهس گهورڪري پئي نهاريائين.

”اڄ ڪلهه هتي وڏي لئي تي وٺي آهي. ڪافي نوان ميمبر ٿيا آهن. خاص ڪري...“ پروفيسر جيلاني مشڪندي چيو.

”ڪير آ هوءَ؟ پوري واقفيت ڪراءِ.“ هن جو شوق جاڳي پيو.

”مان تو بڌايانءِ.“ ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو، ”نالو اٿس پارس نياز احمد، هتان جي نئين ڪليڪٽر جي ڌيءُ- انٽرويو ڊيوس ڪرايانءِ.“

”اها به پڇڻ جي ڳالهه آ پيارا.“

”پر اٺئي انگور کٽا.“ پروفيسر جيلاني، حميد ۽ ناصر ڏانهن نهاريندي چيو، جي شڪي ٿيڻ لڳا.

”جڏهن مان نه پڇان تڏهن چئجو، وارو ڪيو، واقفيت ڪرايو.“ شاهده برني جي افيئر کان پوءِ هنڪي پاڻ ۾ وڏو پروسر ٿي پيو هو.

ڊاڪٽر سليم هال ۾ چوڌاري نظر ڦيرائي ڏنو ۽ چوڻ لڳو. ”يار، اڳهون اڳهون هتي ويٺي هئي، شايد هينئر بليئرڊ روم ۾ هجي، اٿ ته اوڏانهن هلون.“

الائي ڇو هنجي دل ۾ ڪڪي ويو ته شايد پارس اها ئي هئي، جنهن سان هو اڄڻ وقت ٻاهر دوبدو ٿيو هو، ۽ جنهن منهن ۾ سونڊ وجهي ڏانهس گهوريو هو. هو چوڻ لڳو، ”ڀلا انهي لاءِ ته نٿو چوين، جنهنکي اڄ آرينج بنارسي ساڙهي پئي هئي، جنهنجي ڳچي ۾ جيڊ جو وڏو هار پيو هو ۽ جنهنکي ڪارو ڪوٽ شو...“

ڊاڪٽر هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽي ڪيس گهوريندي چوڻ لڳو، ”اڙي اهائي، اهائي. ڪاٿي ملينس؟“
هن ڪوبه جواب نه ڏنو، پر اکيون ڦرڙائي سينڌ وڃائڻ لڳو.

•

ٻئي ڏينهن، هن ڊاڪٽر سليم کان پيرائتي پڇا ڳاڇا ڪئي ته هن سان هن جو 'افيئر' ته ڪونه هليو هو، ۽ ڪلب ۾ سندس گهڻو اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ گهتڻ ڪنهن سان هو. پر ڊاڪٽر کيس ٻڌايو ته خاص طرح ڪنهن سان ڪونه .
”اهڙي مغرور آ چا؟“ هن پڇيو.
”يار خبر نٿي ڪانه ٿي پوي. هر ڪنهن سان ڳالهائي به فضيلت سان ٿي، پر ڪو ڊيگهه رکڻ جي ٿو ڪري ته ونءُ ٿي وڃي“ اهي ڳالهيون ٿئي ٿيون ته هوءَ بار ۾ لنگهي آئي ۽ ڪنڊ ۾ خالي ميز تي ويهي رهي. هن ڊاڪٽر سليم کي انٽروڊيوس ڪرائڻ لاءِ ٺونٺ هنئي. ۽ ڊاڪٽر سليم هن کي هٿ کان وٺي ان ڪنڊ ڏانهن وٺي ويو ۽ ويجهو پهچي چوڻ لڳو، ”مس نيازاحمد، ليٽ مي انٽروڊيوس، ماءِ ٽڪ فريڊ مسٽر ذوالفقار علي خان.“

هوءَ اِخلاقا اٿي بيٺي ۽ مشڪندي لاڏ سان چيائين،
”پليز... زڊ نو ميٽ يو.“

”پر اسان سنگت ۾ ڪيس ان ڏکي نالي بجاءِ
زلفي سڏيندا. آهيون.“ ڊاڪٽر وري چيو.

ڊاڪٽر سليم ٿوري دير ويهي بهانو ڪري هليو ويو
ته هن ڪائنس پڇيو، ”ڪجهه پيئندئُ، مس نياز احمد.“

”ڪا خاص ضرورت ته ڪانه آهي.“ هوءَ نٽائڻ لڳي.

”ڪڏهن ڪڏهن، ضرورت ڪانسواءِ به ٻئي جي دل
خوش ڪرڻ لاءِ هائو ڪبي آهي.“ هن ڏانهس ٿورو
جهڪي مشڪندي چيو. اهي سڀ گُر ڪيس ياد هئا.

”چڱو مان شيري پيئنديس.“ پارس چڻ ته مجبور
ٿي چيو.

هن خوش ٿي ويٽر کي اشارو ڪري شيري ۽
سڪسٽي نائين آڻڻ لاءِ چيو. بيري ٻئي گلاس آڻي اڳيان
جهليا ته هن پاڻ وارو جام ٿورو مٿي ڪٽي چيو: ”ٽو
اور فرينڊشپ.“

پارس عجيب بي نيازي سان گلاس ڪٽي سپ ڪندي
چيو: ”ٽو اور اڪوئنٽنس“ هو ذڪ پچائي وڏا وڏا
ڍڪ پرڻ لڳو. هن محسوس ڪيو ته پارس سندس ڳالهه
کي رد ڏني، ڪلهوڪي سينڊ جو پلو ورتو هو. هن
کي ياد آيو ته شاهده برني مشڪندي به ٽي قدم اڳتي

ٽپي وٺي هئي، ۽ ڪيس ڪهڙي نگاهن سان ڏسندي
ڇيو هئائين، ”تو اور لو زلفي.“

هڪ ڏينهن هو ڪلب ۾ دير سان پهتو. بار ۽ بليئرڊ روم خالي پيون هيون. هو هڪدم بال روم ڏانهن ويو. اتي ڏٺائين ته هوءَ ويٺي هئي. سندس پرسان ڪو مرد ڪونه ويٺل هو. پر جي ڪو ويٺل هجي ها ته به ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي. تازو ڊانسنگ اسڪول مان سکيا وٺندي وقت اهي جملي آداب چڱي طرح سکيا هئا. رکو ويجهو وڃي اخلاق سان چوٽو پئي ها، ”مس نياز احمد سان ڊانس ڪرڻ جي اجازت آهي جناب؟“ ”آف ڪورس سر.“ هو مشڪندي اجازت ڏئي ها، اهي بال روم جا آداب هئا.

هو ڪيس اتي ويٺو ڏسي خوشي ۾ پر ٿي ويو. ڪنهن سان ڊيگهه وڌائڻ ۾ ڊانس هڪ وڏي مددگار هئي. هن سوچي ڇڏيو ته پهرين رائونڊ ۾ ڊانس ڪندي پري رهندو، پر ٻن ٽن رائونڊن ڪانپوءِ هو چڱي طرح ڳهاٽا ٿي ويندا ته هنڪي قدري ڇڪي پنهنجي ويجهو ڪندو ۽ سندس هٿ جو ڪهيرو ٿورڙو ٿورڙو تنگ ٿيندو ويندو، تانجو هوءَ سندس سيني تي ڪنڌ رکي ڊانس

ڪرڻ لڳندي.

آر ڪيسٽرا وڄڻ لڳو ۽ جوڙا ڊانس ڪرڻ لاءِ اٿيا تہ هن تڪڙو وڃي ٻئي ٻانهون نوڙائي ڪيس چيو "May I"

پر هن سندس وڏايل هٿن جي ڪا پرواهہ نہ ڪندي وڏائي سان چيو: "پر مان تہ اهڙي سٺي ڊانس نہ ڄاڻان."

"ٿهڙي سٺي ميوزڪ ۾ پاڻهي سکي ويندو." هن مشڪندي چيو. "نہ نہ مونکي معافي ڏيو تہ بهتر مان اوهان جهڙي هوشيار ڊانسر سان ڪونہ هلي سگهندس. ماڻهو ڪونهن ڪلاٽڻا." پارس صاف نٽائيندي چيو.

هو مجبور ٿي پوئتي هٽيو ۽ شاهده برني سان ڊانس ڪرڻ لڳو. شاهده ڪيمن حيرت سان تڪي رهي هئي. منڊ ۾ هن پاڻ آفر ڪيو هو تہ هو بهانو ڪري نٽائي ويو هو، ۽ هينئر هوءَ ٻئي ڪنهن سان ڊانس ڪرڻ لاءِ تيار هئي تہ پاڻمرادو ڪيس ڊانسنگ فلور تي وٺي آيو هو. بهرحال هوءَ خوش هئي، جو ذوالفقار ڪي وري سندس خيال ڏيڻ لڳو هو. هوءَ سندس ويجهو پوندي، هنجي سيني ۾ منهن لڪائي، ڪيس چوڻ لڳي: "آءٌ اسٽل لو يو زلفي."

هو ڪيس ڪتو جواب ڏيڻ ۾ هو تہ سندس نظر پر واري جوڙي تي پئجي وئي. اهي پارس ۽ ميجر اصغر هئا. هنکي ٻاهہ وٺي وئي ۽ سندس منهن ڳاڙهو ٿي

ويو. هن جا اسٽيپ بگڙجي ويا.

”آر يو آل رائٽ زلفي؟“ مس برني ڪيس ٻي دليو ڏسي چيو.

”نه مان خوش نه آهيان، منهنجو مٿو سور ڪان ڦاٽي ٿو.“ هن روئنهارڪو ٿي چيو.

”ته پوءِ تون ريسٽ ڪر.“ هو ڪانئس معافي وٺي ٻاهر نڪرڻ لڳو ته هن ڏٺو ته، پارس، ميجر اصغر سان ڊانس ڪندي، تيڏي اک سان ڏانهنس نهاري ڪيس چيڙائي رهي هئي.

هن جيڪو ٻاهر ڪي ’سمال‘ فيل ڪيو هو، ان جي لنوائي وسارڻ جو طريقو اهو هو ته هو سندس منهن بلڪل نه چڙهي، انڪري هو پنهنجون شامون ڪلب وچڻ بدران ڪلفٽن يا سئنيما هائوس ۾ گذارڻ لڳو. پر هڪ ڏينهن ڪلفٽن تان موٽندي سندي ڪار، پنهنجو ٻاهر. ائين اچي ڪراچي ڪلب ۾ بيٺي، ڇڻ ان جو اسٽيرنگ سندس هٿ ۾ ڪونه هو. هن ڏٺو ته. سموريون ڪرسيون ۽ ميزون لان ۾ پيون هيون ۽ جملي ميمبرن جي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ سبب وڏو گوڙ لڳو پيو هو. هو سمجهي ويو ته اهو تمبولا جو پروگرام هو، ان راند

۾ هنگي ڪا دلچسپي ڪانہ هوندي هئي، جو خسيس هائوزي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌ سڪي ويهڻو پوندو هو، ۽ هر وقت ڪن ڦاڙي اناؤنسر ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو هو تہ متان هو ڪو نمبر چوي، ۽ اهو مس تي وڃي. پر اندر بار ۾ اڪيلي ويهڻ ڪان ٻاهر ويهي ڪيڏندڙن جي خسيس هائوزي لاءِ هيج ۽ نمبر اچڻ تي هسٽريا جي مريضن وانگر رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ جو مزو ڏسڻ، زياده دلچسپ هو. ان ڪري هو هڪ ڪرسي ڏانهن وڌيو ۽ ان تي ويهڻ وارو هو تہ ڪيس پويان ڪنهن سڏ ڪيو. ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ پارس ڪيس سڏي رهي هئي. هنجي دل ٿي تہ جيڪر ڏانهس نہ وڃي ۽ سندس سڏ ڪي ڪو گوش نہ ڏئي، ماٺ ڪري ويهي رهي. پر چڻ ڪو ڪيس هٿ کان وٺي گهلڻ لڳو ۽ هو ڏانهس گهليو ويو.

"مس نياز احمد، اوهان مونکي سڏيو ڇا؟" هن ويجهو وڃي کانئس پڇيو.

"اوهان نتا کيڏو؟" هوءَ مشڪندي کانئس پڇڻ لڳي.

"نہ، مونکي هي راند نٿي وڻي." ائين چئي هو ٻوٽي موٽڻ لڳو تہ پارس هڪدم چيو، "تہ پلا مونکي هيلپ ڪيو نہ."

هو سندس پرسان ويهي رهيو ۽ کيس سمجهائڻ لڳو تہ ڪيئن نمبر ڪٽيا وڃيا آهن، ۽ ڪڏهن هائوزي پوري ٿيندي آهي، ايتري ۾ اناؤنسر مائيڪ تي اعلان

ڪري ڏيو ڪرڪائي نمر ڪڍڻ لڳو.
هٽ اينڊ رن سيون اينڊ ون...
ايٽ سيون ماءِ وائفس ايج...
هن پارس ڏانهن ڏٺو جا ڪارڊ ۾ اکيون وجهي نمبر ۾ مشغول هئي. هو ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي ڏانهس نهارڻ لڳو. ڪيس ڏهه سال ڏسڻ جو اهڙو ڪڏهن موقعو نه مليو هو. هن ڀرپور نظرن سان سندس وڏن وڏن وارن کي ڏٺو جي جوڙي جي شڪل ۾ چڪي ٻڌل هئا ۽ جن سندس اڇي ۽ ڪنڌ کي قدري ڍڪهو ڪري وڌي رونق بخشي هئي سندس ڪياڙي تي ٻچيل سنهڙا سنهڙا وار، جي جوڙي ۾ نه اچي سگهيا هئا، پيارا پيارا پئي لڳا. لوڪٽ بلائوز ڪري، پئي، اڳ ۽ پيٽ جو گهڻو حصو جارجٽ جي ساڙهي سان ڍڪيل هئڻ جي باوجود جرڪيو پئي. هنجا گلابي اڌ کليل چپ ۽ برسي چهپل جي ٻن پٽين ۾ سهڻا صحت مند پير، هنجي حسن کي ڏڪائڻ لڳا.
اناڻونسر دستور موجب نمبر ڪڍي رهيو هو.
پنجو پنجو ففٽي فائيو...
لٽل لالي نمبر ٽري.
هن پنهنجي لٽل لالي جي ڪارڊ تي اوچتو نظر وڌي جنهن ۾ اهو نمبر هو، پر ڪٽيل نه هو، هن جهڪي ميز تي رکيل ڪارڊ ۾ اڻ ڪٽيل نمبر ٽري تي آڱر رکي، ۽ هو سندس اشارو سمجهي ان کي ڪٽڻ لاءِ هيٺ جهڪي ته هن جي نظر ڇپي کان ترڪندي

سندس سيني تي پنجي وئي، جو بلائوز جي قيد کي ڦاڙي ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتو هو. اچتو پارس جي نظر کيس گهوريندي پڪڙي ورتو ۽ مشڪندي چوڻ لڳي، ”اوهان سمورو وقت منهنجي تپاس پٺيان ڪئي آهي، نظرهٽندو ڇا؟“ ائين چئي هو وري ڪارڊ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

هو ٿورو مشڪيو ۽ وري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو. سوچيندي سوچيندي هن فيصلو ڪري ورتو ته هو اهائي هئي، جنهن جي انتظار ۾ هن شاهده ٻرني ۽ صوفيہ احمد جهڙين پيارين ڇوڪرين کي ٻ، جن هنجي هر جائز ناجائز گهر ٻ پوري ڪئي هئي، پنهنجو نہ ڪيو هو هن کي منزل تائين پهچڻ لاءِ فقط آرام ۽ ٿڪ پچڻ کان وڌيڪ اهميت ڪانہ ڏني هئي. لاشڪ تہ هن جي انتظار ۾ هن پنهنجي مڱيندي سان ٻ لائون ڪونہ ڏنيون هيون، جا سندس اوسيڙي ۾ ڳوٺ ويٺي هئي. هن محسوس ڪيو تہ پارس بنا زندگي گذارڻ هڪ عذاب هو، جو هو ڪنهن ٻ حالت ۾ سهڻ لاءِ تيار نہ هو. هن ٿورڙيون اکيون ٻوتي همت سان چيو، ”پارس منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌ.“

پارس جا ڏکيا ڏکيا ايرينگ لڏيا ۽ ڏانهس ڏسڻ لڳي.
”پارس آئو يو••• آئ لو يو سور دين ايني ٿنگ ان دي ورلڊ.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. پارس ڪو جواب نہ ڏنو هو وري دل ٻڌي کيس چوڻ لڳو: ”پارس، ان ڏينهن، ماں پهريون ڀيرو توکي ڏٺم تہ ائين محسوس

ڪيم ته تون ٿي اها هستي آهين، جنهن جو مان ورهين کان انتظار ڪري رهيو آهيان ۽ ان انتظار ۾..."

"مسٽر ذولفقار، ائين، جيئن مان هن نمبر سيون جو ڪيتري وقت کان انتظار ڪري رهي آهيان." هن ڪلنديءَ پنهنجي ڪارڊ ۾ رهيل نمبر سيون تي اگر رکي جو چڙو ڪنجڻ کان رهجي ويو هو.

هو پنهنجي پيار جو مذاق سهي نه سگهيو، هن جون اکيون آليون ٿي پيون. هو چوڻ لڳو: "مان توکي پانهون ٿو پڌان پارس، تون سيريس ٿي، هيءَ منهنجي زندگي ۽ موت جو معاملو آهي."

"اوهان ۽ پيار؟" هوءَ طنز سان چوڻ لڳي، "اوهان جا پيار مان چاڙو، اهي اوهان جو پانهن پڌي پيار جو يقين ڏيارڻ، سڀ 'بوڪي' آهي." ائين چئي پارس اتان اٿي وڃي پري رضيه سلطان علي سان ويٺي. هو اکين جي ڪنڊن ۾ آيل ڳوڙهن کي ضبط ڪري اٿي ٻاهر وڃڻ لڳو ته شاهده برني پري کان تڪڙي وتس آئي ۽ کيس چوڻ لڳي، "مونکي لفٽ ڏيندين زلفي."

"نه مونکي ٻئي پاسي وڃڻو آهي." هو کيس رکو جواب ڏئي اچي ڪار ۾ ويٺو.

ان بعد هن ڪلب وڃڻ صفا بند ڪري ڇڏيو. سمورو وقت پنهنجي گهر ۾ اڪيلو ويٺو هوندو هو.

سندس سنگتي ساٿي فون ڪندا هئا تہ ڪين بزي هجڻ جو بهانو ڪري ٽاري ڇڏيندو هو. پر ڪيترا ڏينهن؟ هڪ ڏينهن سندس دوست اچي ڪڙڪيا. ڪيس عجيب حالت ۾ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. ”ڇا حال آ ڊان زوان.“

”ٺيڪ آهيان.“ هن ڦڪي کل کلندي چيو.

”ٺيڪ وري ڪٿي آن، يہ پيلي پيلي مي رنگت...“ ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو.

”ڪائي ڳالهہ ڪانهي“ هن ڪين يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پوءِ هيءَ حالت ڇو؟“ پروفيسر جيلاني هن جي وڌيل شيو ۽ ميرن ڪپڙن ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.

”در اصل مونکي ٻن ٽن ڏينهن کان بخار هو. ائين جو ائين هنڌ ۾ پيو هوس.“

پيا اٿي ويا تہ سليم هن کان سموري ڳالهہ آهستي آهستي ڪڍي ورتي ۽ چوڻ لڳو، ”مان هن سان صفن صفا ڳالهايان؟“

”جيئن وڻيئي تيئن ڪر، پر مان مران ٿو.“

پر ٻئي ڏينهن هو آيو تہ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري چوڻ لڳو:

”يار هوءَ تہ فلرٽ آهي. توکي نظرثاني ڪرڻي پوندي.“

هن سليم جي ان ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو وري ڪائنس پڇيائين، ”تو ساڻس ڳالهايو؟“

”ها، پر سندس چم ۾ ٿي ڳالهہ ڪانہ ويٺي.“

”ڇا ڇيائين؟“

”ڇا چوندي، ڇيائين ته ڪو ڪلھ ڳالھائڻ ڪي غلطي ۾ پيار سمجهي ته اها ٿوٽ مٿس ته ڪانه پئي. مطلب ته هن صاف جواب ڏنو.“ سليم مجبور ٿي ڪولي پڏايو.

”ھوءَ سچ ته ڇئي ٿي سليم،“ هو هوريان چوڻ لڳو، ”ڪنهن وقت شاهده برني ڪي ڊ. مان اهڙوئي جواب ڏنو هو.“

آچر جي صبح جو ڪيس ڊاڪٽر سليم فون ڪيو ۽ چيو، ”ريس تي هلندين؟“

”نه يار“ هن ننائيندي چيو.

”اڙي سڄي سنگت ٿي هلي.“

”ڇڱو.“

”ته جلدي تيار ٿي، اسان توڏي اچون ٿا؟“

”ڪجهه پئسا ڪٽان ڇا؟“

”پلي جي شوق ھجيئي.“

ريس ڪورس تي هر عمر جي مردن ۽ زالن جو هجوم هو. هٿن ۾ فلاسڪ، ڳچي ۾ بائنيڪيولرس — زور شور سان ڳالھائڻ ۽ بحث مباحثا. هر ڪنهن کي هيڪوڻ سان ڇئوڻ ۽ اٺوڻ جي لالچ، ان ڳوڙ ڪي رهندو

وڏائڻ وارن هاڪرس جون رڙيون ۽ هوڪا: ”لڪي پورس، لڪي سڪندر، لڪي رستم.“
”ڪهڙي گهوڙي تي شرط رکندين؟“ سليم کانئس پڇيو
”جنهن تي چوين؟“
”تو اڄوڪي اخبار ۾ ريس جو صفحو ڪونه پڙهيو آ ڇا؟“
”اون هون.“ هن نهنڪر ڪئي.
”تہ پلا هي پڙهہ، هن ۾ ڪجهہ ٽپ بہ ڏنل آهن.“
هن سليم کان اخبار ورتي ان ڏينهن ڊڪندڙ گهوڙن جا نالا پڙهيا. هڪ نالو پڙهندي ئي هن اخبار سليم کي واپس ڏني ۽ چيو، ”مان چوٿون نمبر گهوڙي پسند ڪئي آهي.“
”نالو ٻڌاءِ.“ سليم اخبار ڏسندي چيو،
”پارس.“
سليم هڪدم چرڪ پري ڏانهس نهاريو ۽ سامهون بيٺل گهوڙن مان چوٿين نمبر گهوڙيءَ ڏانهن ڏسندي چيائين. ”تون هاڻي چتو ٿيندين. تڪي جي گهوڙيءَ تي شرط رکندين، جو ان جو نالو پارس آهي.“
”توکي گهوڙن جي ڪهڙي خبر، اسان ان معاملي ۾ بنيادي آهيون. تہ بہ اسان وٽ پنجاهہ گهوڙا آهن طنبيلي ۾،“ هن سليم کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
”اڙي اها گهوڙي اڄ تہ ڪانہ ٿي ڊڪي جو ان جي قابليت لڪل هجي. اهڙيون مرزيل گهوڙيون ڪين

ريس ڪٽنديون.“

”مونکي اها نٿي وڻي ٿي.“

”ڇڏو گهٽا پئسا ٿو رکين.“

”جيترا ڪيسي ۾ هوندا.“

”ڪيترا پئسا آهن تنهنجي ڪيسي ۾.“

”پنج هزار.“

سليم خار ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ پرتي بيٺل پروفيسر جيلاني ۽ ڪئپٽن مسعود کي سڏي چيائين، ”هي، هن سنڌ جي مجنون جي ڳالهه ٻڌو؟“

”ڇو ڇا هي؟“ هو پڇڻ لڳو.

”هي خانصاحب، چوٿين نمر گهوڙي تي پنج هزار ٿو شرط رکي، ان جو نالو پارس آهي.“

”ڪمال ٿو ڪرين!“ هو ڪيس چوڻ لڳا.

”توهان کي ڇو ٿو سور ٿئي، پئسا توهان جا آهن ڪن منهنجا؟“ هن کي خار اچي وئي ۽ هڪدم ونڊو تي پيسا ڏئي ڪوپن وٺي آيو.

جڏهن گهوڙا اسٽارٽنگ پوائنٽ تي بيٺا هئا، جڏهن ريفري ٺڪاءُ ڪري ريس شروع ڪئي هئي، جڏهن هر ڪو پنهنجي گهوڙي ڏانهن ڏسندي رڙيون ڪري رهيو هو، تڏهن هو سرندو ٻاهر پارڪنگ لاٽ وٽ اچو پهتو هو. هن کي جڻ ڪا دلچسپي ڪانه هئي، جڻ هو ائين ئي آيو هو. هن هٿ ۾ مروٽيل ڪوپن هيٺ اڇليو، گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ پارڪنگ لاٽ مان ڪڍي گهر هليو آيو.

ريس ڪورس تان موٽڻ بعد، هو هيڏانهن هوڏانهن رلي شام جو گهر موٽيو هو ته سندس زبان خشڪيءَ ۾ تارونءَ سان چنبڙي پئي هئي. هو دروازا ڀيڪڙي پنهنجي اساٽ ختم ڪرڻ لڳو. جيئن اونده پئي ٿيندي وئي تيئن هن جي اچ وڌندي پئي وئي. اوچتو اوچتو ڪنهن جي 'ڪورٽ شو' جي ڪٽ ڪٽ هن جا ڪيپ ڪڙا ڪري ڇڏيا. هن اکيون ڦوٽاري ڏٺو ته ڪو ٿورو پريرو بيٺو هو.

"ڪير آن تون..." هن رڙ ڪري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس چنگهن ۾ ڪو ست ڪونه هو.

اونده ۾ بيٺل پاڇولي ڪو جواب نه ڏنو.

"سان سان تو چوان ڪير آن تون؟" هن رهندو ڏاڍيان رڙ ڪري چيو.

"رڙيون نه ڪر." ڪوٽ شو جي ڪٽ ڪٽ سندس ويجهو اچي ٻيهتي ۽ ڪنهن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو. "مان...مان پارس آهيان." هنجي دل ڪي چڻ ڪنهن زور سان ست ۾ جهلي قابو ڪيو. هنجو ساهه اڊڙڻ لڳو. هن ڪو جواب نه ڏنو.

پارس وڌي اچي سندس سيني ۾ منهن لڪايو ۽ چوڻ لڳي "زلفي سان تنهنجي آهيان، هميشه لاءِ تنهنجي آهيان."

هوءَ جواب ٻڌڻ لاءِ ٿورو چپ ٿي ويئي، پر ڪيس ڪو جواب نه ڏيندو ڏسي، هن پاڪر پائي سڏڪا

ٻڙرينديءَ چيو، ”تنهنجون ڪوڙ ڳالهيون ٻڌيون هئم. ڇون پيا ته تنهنجو پيار ڇڙو ٻه ڏينهن هلندو آهي هڪ ڏينهن هڪ سان، ته ٻئي ڏينهن ٻيءَ سان. مونکي به تومان، پڪ ٿيندو هو ته مٿان انهن وانگر مون سان به... ؟“

هن ڪان الائي ڇو وري به اکر نه نڪتو. هوءَ وري ڪيس چوڻ لڳي: ”پر اڄ ڪنهن انجام سوچڻ بنا توڏي هلي آئي آهيان. وٺي ته هميشه لاءِ پنهنجو ڪرين، يا وٺيئي ته شاهده برني ۽ صوفيه وانگر... جيئن تنهنجي مرضي.“

پوءِ ان وقت زلفي جي اکين جا جهرڻا وهي پيا ۽ ڪيس، زور سان ڀاڪر پائي چوڻ لڳو، ”پارس... ڊارلنگ، مان توسان شادي ڪندس هن هفتي ۾ ئي.“

ڪراچي ڪلب جي رسيپشن هال ۾، جيڪو رنگ برنگي بتين سان جرڪيو پئي، گهوٽ ۽ ڪنوار پهتا ته ان موقع تي آيل بيگمات، جي پنهنجي ڏين ڪي نئين ماڊل جون ڪاريون ڏيئي سوسائٽي جي وڏي سمنڊ ۾ ڪنديءَ وانگر اڇلي ڇڏينديون آهن ۽ پاڻ فشنگ راڊ ڪي قابو جهلي ويهنديون آهن، گهوٽ کي ڏسي چپ پئي چٽيا ۽ پنهنجن ڪنوارين نياڻين جي بجاءِ

ڪنهن ٻيءَ ڪي ڪنوار جي حيثيت ۾ ڏسي افسوس جا هٿ پئي مليائون. بيگم برني اسپورٽنگ اسپرٽ ڏيکاريندي بيگم نياز کي چيو، ”ڪانگريچوليشنس بيگم نياز.“

”ٿئنڪ يو بيگم برني.“ بيگم نياز پنهنجو وڏو وڏو پرس لوڏيندي چوڻ لڳي، ”پر اهو سڄو ڪريڊٽ ٻارس جو اٿئي.“

”ها مونکي خبر آهي.“

”اوهانکي تہ وڏو ڏاج نہ ڏيڻو پيو هوندو؟“ بيگم برني رشڪ سان پڇيو. هنکي خبر هئي تہ ٽڙ ٽڪڙ جي شادين ۾ لومبڙيجن ۾ ڪجهہ نہ ڏيڻو پوندو آهي.

”نہ بيگم برني، اهو بہ خدا جو شڪر آهي، نہ تہ اڄڪلهہ اهڙا ڇوڪرا تہ لکن ۾ بہ ٿا ملن“ بيگم نياز خوش ٿي کهوٽ ڏانهن نهاريو جو پنهنجي ڪنوار ڏانهن هر هر اکيون ٽمڪائي ڏسي رهيو هو.

”ٻڌون ٿا تہ وڏو امير ماڻهو آهي؟“

”ويري رچ بيگم برني. پنج ڏهہ هزار تہ هن لاءِ ڪائي ڳالهہ ڪونهين.“

۽ـ وري جيڏهن بيگم نياز ٻين بيگمات سان ڳالهائڻ لڳي تہ بيگم برني پنهنجي ڌيءَ شاهده برني کي، جا ٻن مهينن کان پنهنجي ’پيريڊ‘ مِس ٿي تي پريشان هئي، وڏيءَ خارءِ ڏک مان چيو: ”پر افسوس نيلي ڊارلنگ جو تو ۾ اهڙا گُڻ ڪونهن.“

# ڪچو رنگ

هڪ ڀوپاڙيءَ جو جڏهن رئيس شاهنواز خان پنهنجي بنگلي جي ڪشادي اڱڻ ۾ ڪٽ تي ليٽيو بلگاري حقي مان ڇڪ ۽ تماڪ جون ٽڏيون ۽ سڦيون ڦوڪون ڀريندي ڪمدار ڪاروان ڪان سڄي ڏينهن جي ڪار گذارين بابت پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو، تڏهن منشي احمدعلي جو ٽازو ذوالفقار علي خان ڏانهن هڪ وڏي رقم چيلهه سان ٻڌي ويو هو سو سهڪندو اچي واپس وريو. هن رئيس ڪان پيرن تي هٿ رکي، جيڪا سندس ڪن ۾ ڦوڪ ڏني، تنهن ڀنڀور ڪي ٻاهر ڏئي ڇڏي. رئيس جا وارثي ڪرڙا ٿي ويا. سندس ڳهاٽيون جاڙيون ڀروون پنهنجي جاءِ بدلائي هيٺ مٿي ٿي ويون حقي جو نڙ ڇپن مان ملڻ جي انتظار ۾ ڪار مهل سندس آڱرين ۾ ڦرندو رهيو. گهڙيءَ گهڙي مهل ڪانپوءَ رئيس هڪ ٻي دلي ڦوڪ ڀري ۽ نڙ کي ناري ڏانهن اڇلي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چڱيءَ طرح بوٽ پائڻ کانسواءِ بوٽ کي گهليندو، حويلي ڏانهن وڌيو. اندر گهرواريءَ کي ڏسڻ شرط ئي

پڇي ڪان چيائين، ”هي ٻڌءِ زائفان“

”چو خير تہ آهي.“ وڏيري جيڪا تازو ننڊ مان اٿي هئي، تنهن پوري سارو گوش ڏيندي چيو. هوءَ روز ئي اهڙيون ڳالهيون ٻڌندي هئي. ڪنهن نہ ڪنهن ڪڙميءَ جي ڪنواري ڌيءَ جو ڀڄڻ، ڪو خون ڌاڙو، سڙئي اهڙي قسم جون ڳالهيون هونديون هيون رئيس کي ٻڌائڻ لاءِ.

”خبر وري ڪهڙي، چوري ڪاري ڪري ڇڏي.“

وڏيري پٽ جو ذڪر ٻڌي سمجهي وئي تہ رئيس جو اچوڪو اچڻ خيري ڪونہ هو ۽ ڳالهہ اهميت واري هئي. ان ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رئيس کان پڇيائين، ”چو ڇا ڪيو اٿئين؟“

”ڪراچيءَ ۾ سنڌم سان نڪاح پڙهيو اٿئين.“

”هتي سئيس.“ وڏيريءَ زور سان گوڏن تي ٻئي هٿ هنيا.

هونئن تہ وڏيري پٽ جي شادي جو ٻڌي خوش ٿئي ها، جو هوءَ سالن کان ان انتظار ۾ هئي، تہ سنڌس پيٽ ڄائو ڪنهن ٻئي پيڙهاش جي قابل ٿئي. پر هتي تہ معاملو ئي ابتو هو. هڪ تہ پاڻس جي ڌيءَ سنڌس پٽ جي منگ هئي ۽ ٻيو، تہ سنڌمون هن کي پاڻءِ ئي ڪونہ پونديون هيون. ڪيترا دفعا جڏهن رئيس صاحبلوڪن ۽ سنڌمن کي شڪار جون دعوتون ڏنيون هيون، تڏهن هن ماڙيءَ تي چڙهي جافرين وارين درين

موڪلن ۾ ٻوٽ هوندو هو ته حويلي ۾ ڪم ڪار ڪندڙ
جوان ٻانهين سان ڪيچل ڪا ڪائنس ڳجهي ڪانه هوندي
هئي. اها اڻ ٽيٽي ڳالهه ڪانه هئي جو هو شهر ۾
نڪاح پڙهڻ کان سواءِ ئي، شادي وارا مزا وٺي سگهي.
منشي برابر اڪين سان ڏسي آيو هو ۽ اڪين ڏٺي ڳالهه
تي به ويچار ڪرڻ لازمي هو. انڪري وڏيريءَ رئي
جو پلؤ مٿي تي ٺاهيندي اکيون هيٺ ڪري چيو،
”نڪاح ڪونه ڪيو هوندائين، ائين مڙيئي...“ زائفان
ماٺهو وڌيڪ ڇا ٻئي چئي سگهي.

رئيس به وڏيريءَ جي ’مڙيئي‘ کي سمجهي ويو سو
ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو، ”ائين ٻيڻ ڪانه آهي. خود
منشي سان پاڻ سچي ڳالهه مڃي ڪيس ايلاز ڪيائين ته
مون کي اها ڳالهه ڪونه ٻڌائي، پر منهنجو منشي،
مون کان اهڙيون خون جهڙيون ڳالهيون لڪائيندو؟“
رئيس ٺهه پهه وڏيريءَ جي ٿوري گهٽي شڪ کي دور
ڪندي چيو ۽ پوءِ ڏانهس ائين تڪڻ لڳو ڄڻ ڪيس
چوندو هجي، ’ائين ٻئين هجي ها ته ڪا ايڏي فڪر
جي ڳالهه هئي؟‘

وڏيري ڳالهه تي اعتبار ڪري سن ۾ پئجي وئي.
ويچاريءَ کي ياءَ ۽ پاڇائي جا مهٽا ياد اچڻ لڳا.
هوءَ پريشان ٿي وئي ۽ مڙس ڏانهن ڪنڌ کڻي پڇيائين،
”پوءِ؟“

”پوءِ چيو، بس ائين سمجهه ذوالفقار چانئو ڏي ڪونه هو.“

ٻاهر نوڪر چاڪر منشي احمد عليءَ جي جهار وانگر وٺي ويا هئا. هرڪو ان راز جي معنيٰ ڳولهڻ لاءِ بيچين هو، جنهن رئيس کي ڪچهري مان اٿي گهر پهچڻ تي مجبور ڪيو هو. پر منشي احمد علي ڪنهن کي ترين تيل لائڻ نه پئي ڏنو. هرڪنهن کي پئي جواب ڏنائين: ”ٻڌائڻ جو امر ڪونهي، رئيس کان پاڻ پڇجو.“

ڪمدار بيگ محمد، جنهن کان رئيس تيستر جيتري ڳالهه به ڪانه رکندو هو، تنهن کي منشيءَ جي تيڪِر تي ڏاڍي خار پئي آئي ۽ هن مهٽو ڏيندي ڪيس چيو، ”چڱو منشي تون نه ٻڌاءِ، باقي رئيس اچڻ سان ڳالهه ڪندو.“

ان ئي ڳالهين ۾ هئا جو رئيس موٽي آيو ۽ ٻاهر اڳڻ ۾ ويهڻ بدران ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويٺو. منشي ۽ ڪمدار بيگ محمد به سندس ڪِڍ لڳا ويا. ڪٽ تي ويهندي ئي رئيس ڪمدار ڏانهن نهاريندي چيو، ”چڱو ٿيو ڪمدار جو تون آيو آئين، منشي جو احوال ٻڌ؟“

”نہ سائين،“ ڪمدار منشي ڏانهن وڏائي سان ڏسندي چيو، جڻ ڪيس چوندو هجي، ’ڏٺئي تو اجايو پٺي سنهنجو مان وڃايو.‘

”چڱو منشي، تون پيرائتو احوال ٻڌاءِ.“ رئيس منشي کي چيو.

منشي دستور موجب منڍ کان احوال شروع ڪيو تہ ڪيئن هن سڄي رات گاڏيءَ ۾ اڪ ٻہ ڪلاڪ ٻوتي هئي متان ڪو ٻشني چيلهہ سان ٻڌل رقم چورڙي ڪيس ٿلهو نہ ڪري وڃي. ڪيئن صبح جو هو ننڍي رئيس جي بنگلي تي پهتو هو، تہ ڪيس اڪيلو ڏسڻ بجاءِ هڪ منڊم صاحب کي بہ ڏٺو هئائين، جنهنجي هٿن تان اچان ميندي‌ءَ جو رنگ بہ ڪونہ لٿو هو. ڪيئن سندس پچڻ تي ننڍي رئيس جو منهن وَنُ وَنُ ڪري ويو هو ۽ ڪيس ايلاز ڪيا هئائين تہ اها ڳالهہ ڪنهن کي نہ ٻڌائي. ايتري ڳالهہ ٻڌائـي منشي احمد علي، ڪمدار ڏانهن داد طلب نگاهن سان ڏسندي چيو، ”ادا ڪمدار، ڏس نہ هيءَ ڳالهہ گندڙي جو تنگ تہ ڪانہ هئي جو ليڙو ڏيانس تہ بند ٿي وڃي، هتي تہ ٻنپ قاتل هو سو مان ڪيئن پٺي لڪايو.“

ڪمدار بيگ محمد، جنهن ننڍي رئيس کي ڪلهن تي گهمايو هو ۽ جيڪو ننڍي رئيس کي ڏاڍو پيائيندو هو، تنهن کي منشي جي ان تڪڙي ڳالهہ تي خار آئي. هن کي جي اها ڳالهہ ڪن پئي ها تہ شايد ان تـي

ڪک به رکي ها، پر رئيس جي سامهون هو منشي کي
چا پئي چئي سگهيو؟ هن فقط ايترو ئي چيو، ”ها ادا
منشي، بابي سان کهڙا ڪوڙ.“
رئيس جنهن کي اهي ڏکيون ڳالهيون نه پئي وڻيون،
تنهن منشي کان پڇيو، تو ذوالفقار کي اهو ڪونه چيو
ته مون کي اها ڳالهه ڪانه وڻندي.“
”سائين مان چا چوانس، پاڻ کي نه پئي سجهيس.“
منشي جواب ڏنو.
رئيس سات ڪري سوچ ۾ پئجي ويو. ٿوري دير
کان پوءِ ڪمدار بيگ محمد منشيءَ کي چيو: حقيقت
۾ هن اها ڳالهه رئيس جي ڪن تي هٽڻ پئي گهري.
”ادا منشي، ننڍو رئيس به سياڻو آهي، جي هٿ هنيو
هوندائين ته ڏسي وائيسي ڪنهن خاندان گهراڻي ۾.“
سائين چئي ڪمدار رئيس ڏانهن نهاريو جنهن کي اهو
گفتو نه وڻيو. نرڙ تي گهنج وجهي هن رهڙ ڏيندي
ڪمدار کي چيو، ”ڪهڙا خانداني آهن وڏن شهرن
وارا ڪمدار. تون هرو ڀرو ذوالفقار جي پر وٺندو آهين.
هاڻي تنهنجي خير خواهي اها آهي جو تون صلاح ٿو
ڏئين ته ڪيس ان ڳالهه تي ڪجهه به نه چئجي.“
”سائين ڀلا هاڻي هٿن وڌي ڳالهه، چا ڪري سگهبو؟“
”اڙي ته، تنهنجي مرضي آهي ته ان ڇوڪريءَ کي
گهر ۾ آڻيان، جنهن کي چادري ته چا پر رئو پوتي به

مٿي تي ڪونهي.“ وڏيس جون اکيون ٽانڊاڻي وانگر
لالا ٿيڻ لڳيون.

ڪمدار دب ڪائي مات ٿي ويو پر رمز سهي ڪري
ويو ته جي هن هڪ اکر به ننڊي رئيس جي پر ڳالهايو
ته پوءِ عزت جو خير ڪونهي. هونئن به هي معاملو
وڏيڪ ڳالهائڻ کان چڙهي ويو هو. هو رئيس کي اها
ته صلاح ڪونه ڏئي ها ته ان حويلي ۾، جتي نر پکي
جو به حڪم ڪونه هو، هڪ اهڙي ڇوڪريءَ کي
آڻي جا منهن اگهاڙي هئي. هو چپ ڪيو ويٺو هو.
جهٽ پلڪ کان پوءِ رئيس ٺڏو ٿيو ته. وري به پاڻ
اهو گفتو ڪيائين، ”ڪمدار هاڻي صلاح ڪر ته ڇا
ڪيون. رستم خان جو پنهنجي ڌيءَ کي گار ڏني آهي،
ان جو ڇا ٿيندو؟“

ڪمدار رئيس جي سوال پڇڻ سان ئي سهي ڪري
ويو ته رئيس کي ’گار‘ جو ته فڪر ڪٿي هو، پر گهٽي
گهٽي ان ملڪيت جي هئي جنهن جي وارث رستم خان
جي نياڻي هئي ۽ جنهن جي ڪري ئي هن پنهنجي پٽ
جو مڱڻو، گهر ۾ پائيتيءَ هوندي به، رستم خان جي
نياڻي سان ڪيو هو. ڪمدار رئيس جي گهٽي لاهڻ لاءِ چيو،
”سائين، ان جو فڪر نه ڪريو. اها ٿوري ڇڏيندو.“

پر رئيس کي ان جڙڪي عقل تي ڏاڍي خار آئي.
هن ڪرڙيون اکيون ڪٿي ڪمدار کي چيو، ”اڙي ڪميڻ

ڪري سگهندو ٻي شادي، اها پڙهيل ڳڙهيل ڪيئن صحيح ڏيندي؟" وجهائيندي سيٺ کي ڪاٺ ۾."

ڪمدار بيگ محمد جواب ٻڌي چپ ڪري ويو. رئيس جي ڳالهه پوري هئي. حڪومت ٻي شادي تي بندش وڌي هئي. ڪمدار ويچاري چڱڪي عقل موجب هڪ صلاح ڪڍي ڦهڪائي هئي ۽ جا ثاب نہ پئي هئي. زمينن جي ڪس پڪائي، فصلن جون ڪٿون، ڪاٽڪاٽا فيصلا هجن ها ته هو اهڙي صلاح ڏئي ها جيئن منڊي تي ٽڪ، پر هتي ته معاملو ڪائنس چڙهيل هو. هو عقل جون ڊوڙون هلائي ٿڪو هو، سو ماٺ ڪري رئيس ڏانهن اٿين تڪڻ لڳو جيئن ڪيس چوندو هجي، 'سائين، اسان جون چڱڪيون صلاحون کهڙيون ٻيهنديون. توهان ئي پنهنجي وڏي مغز ڪان ڪم وٺي ڪا سهڻي صلاح ڪڍو.'

رئيس جيڪو ڀڪو سوچ ۾ پئجي ويو هو، سو منشي ۽ ڪمدار کي ماٺ ۾ ڏسي سمجهي ويو ته سندس فيصلي جي انتظار ۾ هئا. هن ٿورا دير جي ڪمدار کي چيو، "ڪمدار، توهان ذوالفقار ڏي وڃ ۽ کيس چئو ته شرا جا ٽي پتر ڏئي هڪدم هيڏي علو اچي. ٻي صورت ۾ اسان اٿين سمجهنداسين ته هو اسان لاءِ مري ويو."

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪمدار بيگ **محمد** واپس آيو، ته حوالن وٺڻ کان اڳ ئي سندس منهن جي رونق مان ظاهر هو ته ڪيس ڪهڙو جواب پلو پيو هو. هن اشراف ۽ بنا لڪ لڪاءَ جي مختصر لفظن ۾ ڪولي ٻڌايو، ”سائين نندي رئيس جواب ڏنو ته وٽن تان سر جون سئون ڏيون آهن، ڪين ڇڏي نه ڏبو آهي. وڌيڪ هن خط ۾ لکيو اٿوَ.“ ائين چئي ڪمدار صدري جي اندرين کيسي مان لفافو ڪڍي رئيس کي ڏنو، جنهن ۾ لکيل هو:

’بعد پيرن چمڻ جي عرض ته ڪمدار اوهان جو نياپو ڏنو. جيڪڏهن اوهان حڪم ڏيو ها ته ٻاڻ کي ماري ڇڏيان، ته اها منهنجي لاءِ ڏکي ڳالهه ڪانه هئي. پارس منهنجي حياتي آهي ان کان سواءِ جيئڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. زياده حد ادب.‘

اوهان جي خاڪپاءِ
ذوالفقار

رئيس خط پڙهي خار ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ خط کي ڇيهاڙيون ڪري اڇلي ڇڏيائين. ٿوري دير کان پوءِ اندر حويلي ڏانهن ويو ته گهرواري کي چيائين، ”ٻڌءِ ذوالفقار جو جواب؟“

”ڇا ٿو چئي؟“

”چئي ڏو ته پارس ڪي ڪونه چڏيندس، جيستائين سري ۾ ساهه آهي.“

”پارس ڇا؟“ وڏيري نه سمجهي سگهي.

”پارس آهي ننهڻين جو نالو.“

وڏيري ننهن جو نالو ٻڌي عجب ۾ پئجي وئي. سندن خاندان ۾ پهريون سنڌي سليمي نالا هئا هدايت خاتون، فاطمه، حاجران، ۽ جنت پارا جي گذاري ويل وڏڙين، ڪراڙين، نانين ماسين جا ڦيرائي آسيس طور چمنڊڙ ڇوڪرين تي رکيا هئا. ان کان پوءِ ٿوري ترقي ٿي هئي ته پارسيءَ جي ڪتابن مان نالا رکيا هئا. مثال طور: زبيده، زينبِ النساء. پر ههڙو نالو نه هنن ڪڏهن ٻڌو هو، نه رکيو هو. وڏيريءَ کي پڪ پئجي وئي ته سندس پٽ ڪنهن واٽياڻي سان نڪاح ڪيو آهي. انڪري هن گهبرائجي رئيس کان پڇيو، ”مارئي، ڪنهن واٽياڻي سان شادي ڪئي آهي ڇا؟“

رئيس کي ته پارس جي معنيٰ جي خبر هئي، جو هن ٻڌو هو ته پارس پاهڻ ڏورانهين جبلن ۾ ڪن ڀاڳ وارن کي ملندو آهي، جنهن جو تاثير اهڙو ٿيندو آهي. جو ڪنهن لوهه کي گسائجي ته اهو به سون ٿي پوي. هو ڪٽڪ جي گوٺڊن ۾ آيل ڪونجن کي ماريندو هو ته انهن جون گجيون ڀاڻ ڪولي هڪ هڪ پٿر جي ذري کي آزمائيندو هو، جو هن ٻڌو هو ته فلاڻي ڪن فلاڻي زميندار کي ڪونج جي گجيءَ مان پارس هٿ

آيو هو. رئيس کي پارس نالي پڻ سان ڪو گهڻو عجب ڪونہ لڳو هو جو، هن ان کان بہ اوُر نالا پڌا هئا، پر جيئن تہ هن کي ذوالفقار تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي انڪري هن وڏيريءَ کي بہ برغلائڻ پئي گهريو. هن فقط ايترو جواب ڏنو، ”پيو نہ تہ پنج وقت نمازڻ سان شادي ڪئي اٿئين؟“

وڏيريءَ اهو جواب ڏدي سوچ ۾ پئجي ويُي. منٿ ڪن کان پوءِ پڇيائين، ”هاڻي ڇا ٿيندو؟“

”ٿيندو وري ڇا، مان سڀان ئي وڃي ٿو سڄي ملڪيت انور علي نالي داخل ڪريان. باقي رهيو رستم خان، ان ڏي تون ۽ مان گڏجي ۾ ڪڙو پائي هلي معافي وٺنداسون.“ رئيس ٺهه پهه جواب ڏنو.

وڏيريءَ جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويُي. انور علي بہ برابر سندس پيٽ جائو هو، پر تنهن هوندي بہ ذوالفقار علي سندس پهريئي پٽ جي ڪئي پئي جاءِ پري سگهيو. برابر پئي سندس اکين جو نور هئا، جي ذوالفقار سڄي اک تہ انور کيس اک ۽ انور سڄي اک تہ ذوالفقار کيس اک، پر هڪ اک جي سونهن پئي اک سان ئي آهي. وڏيريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ ۽ هن روئڻهارڪو ٿي چيو، ”خدا خدا ڪر، ائين ڪيئن ڪندين.“

رئيس جنهن کي پنهنجي پٽ تي ڏاڍي خار هئي، تنهن گهرواري کي رهڙ ڏئي جواب ڏنو، ”خدا جو قسم،

هتي هجي ها ته ٽولي هٽانس ها. مان اها ڳالهه ڪيئن سهندم ته ابن ڏاڏن جي گڏ ڪيل ملڪيت ۾ سيٽائي منهنجو پٽ حصيدار ٿئي. اهو به الائي ڪنهنجو؟ ڪو سچو ڏينهن ذوالفقار، زال تي ڀروو ڏيندو؟"

وڏيري ان وقت ته ڪجهه ڪونه ڪڇيو، پر رئيس سمهي رهيو ته هڪ ٻانهيءَ کي گهرائي سمجهايائين ته وڃي ڪمدار بيگ محمد کي چئي ته جي سڄي عمر جو نيمڪ هڪ گهڙيءَ ۾ ملهائڻو هجيس، ته ڪيئن به ڪري رئيس کي ان انڌ جي گهوڙيءَ تان لاهي. ٻئي ڏينهن صبح جو رئيس پنهنجي ڪاغذن جون دستيون ڪٽائي، تعلقي ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪتو ته ڪمدار بيگ محمد ڪيس جيپ ۾ وهڻ وقت هٿ ٻڌي چيو، "سائين جوانيءَ ۾ گهوڙا ۽ پٽ اڙدائي سونهندا آهن. گهوڙن جي اڙدائي وڃائي راهه تي آڻڻ سوارن جو ڪم آهي ۽ پٽ کي ڳراٽڙي پائي ٿڌي سيني سان سمجهائڻ پيءُ جو ڪم آهي."

"ڪهڙو مطلب آ تنهنجو!" رئيس منهن ۾ گهنڊ وجهي چيو.

"قربان ٿيان، منهنجو مطلب آهي ته هڪوار ٻاڻ ڪيس ٿڌي سيني سمجهايوس، جي نه سمجهي ته پوءِ هوءَ گوءِ، هو ميدان. ڪاتو به پڳهو نٿو وڃي پوءِ به ڦيرائي سگهبو."

رئيس جيستائين سوچي جواب ڏي، تيستائين ڪمدار نب ڏئي جيپ جي پوئين سيٽ تي ويهي رهيو ۽ رڙ

ڪري منشي کي چيائين، ”منشي، هي ڪاغذن جون دستيون هٿيڪيون ڪري اندر سوڪل. رئيس ۽ سان نندي رئيس ڏي هڪ هڪاڻي لاءِ ٿا وڃون.“

رئيس شاهنواز 'پارس ڪوٽ' جي ڪمپائونڊ اندر قدم رکيو ته سندس سٺوئي چرخ تي ويو. حالانڪ هن اها جاءِ اونهاري جي سک لاءِ پاڻ خريد ڪئي هئي، پر هينئر اندر نئين ڊزائين جي رکيل گل ٻوٽن، وڏي لان، ڪوٺي جي نئين رنگ روغن ۽ ان جي مٿان ڪارن اکرن ۾ لکيل نالي 'پارس' سڄو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو هو. ڪمدار بيگ محمد جو هي سڀ ڪجهه اڳ ۾ ڏسي ويو هو، تنهن رئيس کي ٺارڻ لاءِ چيو، ”سائين، جاءِ هميشه وسٽن ڪهرندي آهي. هينئر ڏسو، ڪيڏا نه قدم تي ويا آهن.“

رئيس کي دل ۾ ته اهي قدم ڏاڍا وڻيا، پر ڪمدار کي ڪو جواب نه ڏنائين. انٽرنس گيٽ تي پهچي هن ٻٽڻ دٻايو ۽ جنهن دروازو کوليو سو ذوالفقار ئي هو. ٻيءَ جي رعبدار چهري ۽ ٺانڊاڻن جهڙين اکين کي ڏسي

ٿن جا ٽاڪ نڪري ويا، پر پاڻ سنڀالي پيرن تي هٿ رکي سندس آجيان ڪئي ۽ اچي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. رئيس پٽ تي ٽنگيل وڏين وڏين تصويرن ۽ فرش تي وڇايل غاليچن کي ڏسندي ذوالفقار کي چيو، ”ذوالفقار، سان تنهنجا هي ٺٺ ڏسڻ ڪونه آيو آهيان، پر توسان آخري دفعو ڳالهائڻو اٿم.“

ذوالفقار پيءُ جي رعبدار منهن ڏانهن نهاري ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. هن جواب ڏيڻ چاهيو، پر ڪائنس هڪ اکر به ڪونه اڪليو. وري به رئيس چيو، ”جوڻي کي سمجهاءِ ته مون سان ملڻ نه اچي، نه ته ڏڪو ملهه ڪندوسانس. بهتر ته ائين ٿيندو ته ڪيس ڇڏي ته پڻ ٿن ڪلاڪن لاءِ پيڪين هلي وڃي جو متان سان ڏڪو مٿو ڳالهائين.“

ذوالفقار دل جهلي جواب ڏنو، ”اوهان بابا بلاشڪ ڪٿي ڳالهايو، هو صبوح کان پيڪين وئي آهي.“

ننهن جي غير حاضري ٻڌي رئيس جي ڀرپور دل ته ٿي ته جيڪر پٽ کي چئي، ’پيڪين وئي آهي يا پي پاسي؟‘ پر پوءِ هن سوچيو ته ننگ پولن کي به پيارا آهن، هتي ته سندس اڪيان ذوالفقار هو، انڪري هن فقط ايترو ٿي ”چيو، چڱو ٿيو جو منهنجي اکين ٿي ڪانه ڏٺي.“

ٿوري دير چپ ٿي وئي. رئيس سوچڻ لڳو ته

مطلب واري ڳالهه کي ڪهڙي نموني شروع ڪري ۽ ڪٿان شروع ڪري. پر جڏهن رئيس کي خيال آيو ته اڳلو سندس پٽ ٿي ته، هو جنهن سان ڪنهن تمهيد جي ضرورت ڪانه هئي تڏهن هن کي جلالي اچي وئي:
"اڙي ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي؟"

"مان ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو سگهان، بابا!"

"نيٺ ڪجهه ته ٻڌ."

"مان پارس کي ڪونه ڇڏيندس."

"پوءِ ان جي نتيجي جي خبر اٿئي." رئيس ڌاڙ مان پڇيو.

"ها، ڪمدار ٻڌايو هو."

"نه، توکي پوري خبر ڪانهي. توکي مان ملڪيت مان ٽڪو به ڪونه ڏيندس. هي بنگلو به منهنجو آهي ۽ اهو به خالي ڪرڻو پوندءِ." رئيس ڪولي ٻڌايو.

"جيئن حڪم ڪندؤ تيئن ڪندس."

رئيس ڪجهه چوڻ پر هو ته، ايتري پر بيري اچي ذوالفقار کي ٻڌايو ته ڪليڪٽر صاحب ڪيس فون تي سڏي رهيو هو. ڪليڪٽر جو نالو ٻڌندي ئي رئيس جو ٽنگ تي ٽنگ چاڙهيون ويٺو هو سو ڪڙو ٿي ويهي رهيو. رئيس بنيادي زميندار ۽ وڏيءَ حيثيت وارو هو. ضلعي جي مختيارڪارن ۽ ڊپٽين سان سندس ياروِسي هوندي

هئي. پر ڪليڪٽر هميشه آگرا هوندا هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرائي پوءِ باريابي جو حڪم ڏيندا هئا ۽ وري ٻن منٽن ۾ نشائي ڇڏيندا هئا. پڳ ٻڌڻ کان پوءِ رئيس جو گهڻن ئي ڪليڪٽرن سان واسطو پيو هو. ڪيترن جا نالا به ڪيس ياد هئا. هڪڙو ٿانٿن هو ٻيو سليڊن هو، ٽئين جو نالو هيليفاڪس هو ۽ وري ٻوٽ هو جنهن کي سڀ ٻوٽ سڏيندا هئا. پوءِ به ٿي ديسي به آيا هئا، پر سڀ جا سڀ ڄڻ هڪ ئي سريگر جي هڪ ئي قالب جا نڪتل هئا. سڀني کي اها ئي رکائي اها ئي وڏائي هئي. ڪين ان رکائي ۽ وڏائي ڪرڻ جو سبب به هو. ڪنهن زميندار کي منٽن ۾ وڏو زميندار يا فقير به ڪري سگهندا هئا. حڪومت جو سندن لکيو مڃيندي هئي ته هرڪو ڪانئن ڪنبندو هو. ابتو ڪڇن يا سبتو ڪڇن، سندن ڪئي حلال هئي ۽ سندن ڪاني کي مٺيو هو. رئيس وڏو، پٽ کي هڪ اهڙي ڪليڪٽر سان فون تي ڳالهائڻ لاءِ ويندو ڏسي دل ۾ گهڻو خوش ٿيو. هڪ ڪليڪٽر کيس روبرو گهرائڻ بدران فون تي پئي ساڻس ڳالهايو. رئيس سمجهي ويو ته اهو ڦل فقط انڪري مليو هو جو سندس پٽ اعليٰ تعليم يافته هو، پر جي هو پڙهيل نه هجي ها ته هو به صاحب سان ٻه منٽ ملڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪري ها ۽ پوءِ مس مس کيس باريابي جو حڪم ملي ها.

ذوالفقار علي ڪليڪٽر صاحب سان فون تي ڳالهائي موٽي آيو ته رئيس ڪانئس پڇيو، ”ڪهڙي ڪليڪٽر جو فون هو؟“ رئيس جي پڇڻ جو مطلب هو ته نالو معلوم ڪري وچي ڳوٺ ۾ هلائي ته فلاڻي ڪن فلاڻي ڪليڪٽر سان سندس پٽ جي دوستي آهي. اوسي پاسي جي زميندارن ۾ وڏو اثر پئي ها.

”پارس جي پيءُ جو.“ ذوالفقار ته جواب ڏئي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو، پر رئيس جي زبان سو تارون سان چنبڙي وئي. هن جون اکيون ڦوٽارجي ويون. هن غور سان ذوالفقار ڏانهن ڏٺو، جنهن جو سهرو ڪليڪٽر هو ۽ جيڪو سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي هٿ ٻڌيو ادب سان ويٺو هو.

ايتري ۾ رئيس جي پويان ڪنهن زناني ڪڙي جي ’ڪٽ ڪٽ‘ جو آواز آيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته هڪ بنا برقعي، بنا پوتي رئي، وارن ڪنيل سهڻي ڇوڪري بيٺي هئي. هن وري ذوالفقار ڏانهن ڏٺو جو اهو مذڪور ڏسي گهبرائجي ويو هو. رئيس شاهنواز خان سمجهي ويو ته اها ڇوڪري ئي ڪانه پر سندس ننهن پارس هئي. هو تپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ کيسي مان پنجن پنجن سون جا ٻه نوٽ ڪڍي پارس جي هٿ تي اڻين رکيائين جيئن هو پنهنجي ضلع آفيسرن جي ٻارن کي خرچيون ڏيندو هو، ۽ پوءِ پارس جي مٿي کي چمندي چيائين، ”پٽ

مون کي هن قصي جي خبر ڪانہ هئي نہ تہ ائين هٿين خالي نہ اچان ها."

پارس نئين ڪنوار وانگر شرمائي ننهن ڪيي ڏندن سان ڪترڻ لڳي تہ رئيس آئيندي ڏانهن ڏکهي نظر ڪري وري چيو، "پٽ بيشڪ تون پارس آهين."

پارس ساڙهي جي پلؤ کي انداز سان هرهر ڪلهي تي ڏاهيندي لڏندي لمندي سهري لاءِ چانهہ جو انتظام ڪرڻ وئي تہ رئيس ذوالفقار ڏانهن پيار ۽ محبت سان نهاريندي چيو، "پٽ، مون کي اڄ ئي ڪليڪٽر صاحب سان ملائجانءِ."

پوءِ جڏهن رئيس ۽ ڪمدار واپس ڳوٺ لاءِ اُسهيا، تڏهن ڪمدار بيگ محمد جنهن سمورو عرصو سرونٽ ڪواٽر ۾ گذاريو هو ۽ جنهن کي ان سڄي قصي جي خبر ڪانہ پئي هئي تنهن رئيس کان پڇيو، "چا ٿيو سائين؟"

پر رئيس ان ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو، رهندو ڪمدار کان پڇيو، "خبر اٿئي ڪمدار تہ منهنجو سيڻ ڪير آ؟"

”نہ سائين، مون کي ڪهڙي خبر!“

”هتان جو ڪليڪٽر نيازمحمد سي ايس پي.“

جيستائين ڪمدار بيگ محمد، سي ايس پي لفظ کي سمجهي پوءِ ڪو اظهار ڪري ته رئيس وري چيو، ”سندس بدلي جو حڪم نڪتو آهي. گهڻو ڪري ھن تن مهينن ۾ پنهنجي ضلعي جي چارج وٺندو.“

# گڏريل واردات

جڏهن انسپيڪٽر دريشاڻيءَ کي واردات تي لٿي چار پنج ڏينهن گذري ويا ۽ سندس جاچ مان ڪو ڪرڙتيل ڪونه نڪتو ۽ جڏهن هو پوليسي دستور موجب ايس پي صاحب جي ميسيج جو بهانو ڪندي منزل پٽڻ لڳو، تڏهن پر واري لانڍي ۾ ويٺل وڏيرن مان سرائي رازقڏني کان بي اختيار دانهن نڪري وئي؛ ”هائوڙي انسپيڪٽر گونث بشڪ شاهه!“

وڏيرو آچر جيڪو سرائي جي پڙ ۾ ويٺو هو سو ٻه ڇڻ سڙيو پيو هو، ”ڀيهر ٻه چئجانءِ، سرائي. هي برٽش وارا ڪو پنهنجي رياست سان پڇي سگهندا.“

”هيئنٽر ڪٿي آ شاهه صاحب؟“ وڏيري عمر حقو پاڻ ڏانهن سوريندي پڇيو.

”هاڻي ته خير ’پنسن‘ تي آهي. پر اڄ ٻه لنڊو ڀهڙن تي سندس ڪنٽول آهي.“ رازقڏني جواب ڏنو.

ٽيڙ ڇوندو هو، ”اڙي منهنجو ڏالو پڏو اٿو؟“
سڀ کنڌ ڏوڻي هائو ڪندا هئا. هو ڪنهن کان
ڪجهو هو پڇا!
”پوءِ هڪدم چوري ڏيو. مان ڪڏهن خالي
ڪونه موٽيو آهيان، ۽ نه ڪڏهن رڪات تي بار وڌو
اٿم.“ هو شهرن ڪي وتيندي چوندو هو، ”ڏسو، جي
ساڳي چوري نه ملندي ته به اوهانجا مال ماري ڀيٽي
چوٽي چوري پراڻبي. اوهانجي ننگن جي جيڪا بي
عزتي ٿيندي سا تنهن کان الڳ. انڪري اشراف ٿيو
چوري ڏيو. هاڻي وڃو صبوح جو اچي جواب ڏجو.“
صبوح جو چوري سڄي سڳي لاءِ اچي سندس اڳيان
حاضر ٿيندي هئي ۽ چور انجام مطابق سهنڊڙ هرج
خرچ پري پانهن لوڏيندا ويندا هئا. پوءِ ڪٿي بالا
عملدارن جو ڪيترو ئي زور پوي، اهي چور چالان نه
ڪيا هئا. هرو پرو ڪو بالا عملدار تڻ مڻ ڪندو هو
ته ڪيس ڪتو جواب ڏنو هو، ته وڃو جيڪو باسي
تنهن کي پلي چالان ڪيو. هڪ پيري ڪنهن وڏيري
وڏڙي جي چوريءَ ۾ ناظم پاڻ مٿس زور رکيو،
”شاهه جوابدار چالان ڪر.“
”ڪير چالان ڪيان، سائين؟“
”چوريءَ جا چورــجن چوري ڪئي.“
”سائين، ائين ڪـٿي سمجهو ته مان ئي چوري
ڪئي هئي.“

قدر شناس ناظم سندس اهو جواب پڙهي ماٺ ڪري ويو هو. اڳين جڳ جا حاڪم پنهنجن لائق زيردستن جا انگل سهندا هئا. پر جيڪڏهن ڪنهن چور کي مالي مٽي لڳندي هئي، ۽ سانس ڪونه باسيندو هو، ۽ خدا نه خير ڪري، اها چوري مٿس ڦاٽي پوندي هئي، ته انجي ڪل نه ڪري ويندي هئي. جيترا ڏينهن انسپيڪٽر شاهه ان حد تي هوند هو ته ان چور کي گهر جي ماني کائڻ ڪونه ڏني هئي. جي هڪ ڏوهه مان ڇٽندو هو، ته جيل جي دروازي کان ٻاهر نڪرندو مس هو ته سندس سوار وري ان کي گهلي اچي ٿاڻي ۾ هڻندا هئا. ۽ ان رات ئي رسي ۽ رنبي سان ١٠٩ ۾ چالان ٿي ويندو هو. اها انهن لاءِ ڪتي گوري هئي. هڪڙي چور ته فتويٰ وقت ماجسٽريٽ کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو هو، ”سائين مان ڏوهه جو قبولدار آهيان. مونکي ڪپل سزا ڏجو.“

”اڙي چو تو وڏيڪ سزا گهرين؟“ جج مشڪندي پڇيو هو.

”انڪري، سائين، جو هتان ڇٽندس ته انسپيڪٽر شاهه ڪنهن نه ڪنهن ڏوهه ۾ ناحقي چالان ڪندو ۽ اجائي ڪيهه ڏيندي، تنهن کان جيل ۾ چڱو آهيان.“

پر جڏهن ملڪ جو ڦرڪو ڦريو ۽ سمورو ملڪ ون يونٽ ٿي ويو ته هڪ نئون ايس-پي بدلي ٿي آيو.

منهنجس ٽلهي بدن کي ڏسي چيائين، ”توهان ته پڪ رشوت نه ورتي هوندي. ائين ته ان ڪري رٽائر ڪري ماٺ ڪري جوڳو رهيو.“ هي مڙس اهڙو لڳو سهڻو وارو ڪٿي هو، ۽ هن به اتي جو اتي درخواست اچلي ڏني ۽ چيو: ”صاحب پوليس ڪاٽي ۾ مصلي تي نماز نه، توهان ٺپي پڙهندو آهيان ۽ نه مان، جو داڙهه هٿان ـــ اهڙا جي پاڪ داس ليني ته پلي پيا گهول.“

هن تڙ تڪڙ ۾ پنشن ته ورتي، پر ڪيس ان وقت اهو خيال ڪونه آيو ته نوڪريءَ تان لهڻ بعد ڇا ٿو ٿئي؟ هن سمجهيو هو ته رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجس وقت عزت جو گذرندو، چار ماڻهو سلامي هوندا، ۽ جي ڏوهن جو جاچون ڪري نه سگهندو ته به جاچ عملدار ۽ پيا زميندار زنب ڏوهن جي پيداواري جي طريقن تي صلاحون ڪرڻ لاءِ پيا وٽس ايندا. مڙيئي وٽس ڪچهريون لڳيون پيون هونديون، پر جڏهن هن ڏٺو ته جن ماڻهن جي وٽس گيگهه پئي پوندي هئي، تن ڪيس به آگريون نرڙ تي رکي سلام ڪرڻ جي ضرورت به نٿي سمجهي، ته هن جو هيانءُ ڪاڇي ويو. منهنجس وڏي اوطاق، جنهن کي هن اهڙين ڪچهرين

لاءِ وڏي شوق سان ٺهرايو هو، ۽ جنهن ۾ پنهنجي لاءِ هڪ وڏي آرام ڪرسي ۽ ملاقاتين لاءِ ٻه ڏهن کن موڙ پيا هوندا هئا سا گهٽو ڪري خالي پئي هوندي هئي. هو روز شام جو گهران نڪري، اوطاق ۾ اچي، پنهنجي وڏي آرام ڪرسيءَ تي ويهندو هو ته سامهون چڙو سنڌس پراڻو اردلي ٿي ويٺل هوندو هو، سڄو وقت چپ پيڪوڙي ماٺ ڪري ويهڻ ٻه هڪ ڏکي ڳالهه هئي، انڪري وقت ڪاٽڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون پيون ٿينديون هيون، جي ڦرندي گهرندي پراڻي وقت جي لڏل ڏوهن ۽ جاچن تي وڃي بيهنديون هيون.

"ڪئين، ڪوڙا خان، هـو واطئن وارو ڏاڙو ڪينءَ لڏو هئوسون!" "ڪوڙا خان، نـاريچن واري خون ۾ جوابدارن کي گهٽي سزا آئي هئي؟"

سنڌس اردلي ڪوڙو خان، جو پيتيءَ ۾ ته، تيل سنڌس يونيفارم ۾ ڪاري اسٽڪ وانگر، سنڌس رعب تاب جي زماني جي آخري بچيل نشاني هو، ۽ جنهن جو ان زماني ۾ ڪم پنهنجي صاحب جي خدمت ڪرڻ ۽ ننڍن زيردست عملدارن جي ورتل رقمن جي جاسوسي ڪرڻ سان گڏ، جاچن ۾ جوابدارن جون گوڏيون لهرائي سندن پير ڪٽائڻ ۽ ٻـه تـي موچڙا هڻائي ،جهل-جهل' ڪري جوابدار کي ٻاهر ڪڍي ڏوهه باسائڻ هوندو هو، سو ٻه اهڙين ڳالهين جي

ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو شوقين هو. شاهه صاحب جي رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ هنجي لئي به ختم ٿي وئي هئي. نوڪري جي زماني ۾ خاص اردلي هئڻ سبب سندس هٿن مان هزار ترڪندا هئا، ۽ ڪو خاص حساب ڪتاب ڏيڻو نه پوندو هو، پر هينئر ان ڏيڍيءَ وارن جي رهڻي ڏيڍ جي حساب تي روزان ڪرڪرڪيس پسند ڪانه هئي. ان ڪانسواءِ نوڪريءَ واري زماني ۾ ڪيس هر موسم ۾ پوليسي ڊريسون، نوان بوٽ ۽ چمپلون به ملنديون رهنديون هيون ۽ هينئر واقف سپاهين سڀن ڪان چوڙيل ڪپڙا ۽ بوٽ وٺڻ لاءِ به ڪيس سوين نخرا ۽ مهڻا سهڻا پوندا هئا. انڪري هنکي شاهه جي پنشن تي لهڻ ڪري، وڏو ڏک هو ۽ هو هميشه پنهنجي دوستن کي چوندو وتندو هو: "اڙي ٻڌو! ايس.پي. صاحب سائينءَ کي گهرايو هو. ڪيس چيائين ته ڏوهه وڌي ويا آهن پيداواري ڪانه ٿي ٿئي. تون وري اچڻ قبول ڪر ته گورنمنٽ سان لکپڙهه ڪيان، پر سائين انڪار ڪري آيو."

شاهه صاحب جڏهين ڏوهن ۽ جاچن جون ڳالهيون سائس ڪندو هو، تڏهن ائين محسوس ڪندو هو چڻ سندس صاحب ان ساڳي نوڪريءَ ۾ آهي ۽ هنجي هٿن مان ائين ئي ٽا هزار ترڪن. اهي ڳالهيون ٿوري ۾ سگهي وقت ڪاٽڻ جو هڪ آسان مشغلو هو، ۽ ٻنهي کي پسند هو. ڪوڙي خان ڳالهين ڳالهين

۽ ٻئي پيرا ڪيس صلاح ڏني هئي ۽ شاھ صاحب بہ سندس صلاح سچي لڳ چيو ۽ پهرين نوڪري تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن پنهنجي هئن سان پنشن جي درخواست لکي چڙ تہ پاڻ قبولداري ڏني هئي، جنهنڪي ڪو تاڪو لڳڻ ممڪن ڪونہ هو. شهر وارن تي اثر وجهڻ لاءِ هن پنهنجي واقف صوبيدارن تہ انسپيڪٽرن ڏانهن سفارشي چٺيون بہ لکيون هيون، پر اهي چٺيون ڪنهن وٽ پاڪ نہ پيون. سندس رهيل ڪهيل ڪي ليپو تڏهن آيو جڏهن سندس اردلي ڪوڙي خان ٽڪي جي ڪاسائي ڪان ڳاريون ڪائي مٿي ۽ ڏڏڙ وجهائي اچي ڪيمن دانهن ڏني. شاھ صاحب پڙڪوڏنو

”اڙي منهنجو بہ پوُ نہ ٿيو پان...ڪي؟“

”هون، توهان جو پوُ هاڻي ڇو ٿيندس! مان سوئر جي پٽ ڪي ڇيو تہ شاھ صاحب آبتو تنگرائي ڇڏيندءِ، پوءِ خبر اٿو ڇا چيائين؟“

”ڇا چيائين؟“

”چيائين بس ايمٿان مٿندي سو تيل تي پوندو.“

ڪوڙي خان بہ رڪٽي ڪانہ رکي.

”وڃ هڪدم ٿاڻي تي فرياد ڪر، ١٠٧ ڪپ ڪ ۾. مان بيان ٿاهي ٿو ڏيانءِ.“

”اتان بہ ٿي آيو آهيان.“ ڪوڙو خان ڏنڪ سان چوڻ لڳو، ”صوبيدار کي ڪهڙي پرواھ، چيائين تہ تون وڃ جاچ ڪنداسون. پڇيوسائنس تہ ڪڏهن اچان،

چيائين ته اچڻ جو ڪو ضرور ڪونهي."
"فرياد به ڪونه ورتائين ١٥٤ ۾؟"
روزنامچي ۾ ئي داخلا نه ڪيائين، ١٥٤ ته پري رهيو."

شاهه صاحب چپ پيڪوڙي ماٺ ڪري ويو. هو سياڻو هو ۽ سمجهي ويو ته هينئر چپ چاپ زندگي گذارڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ڪونهي هو. اها ڪرسي جنهنکي هرڪو نوڙي سلام ڪندو هو سا ڪائنس کسڪي نڪري وئي هئي. ڪوڙو خان جنهنکي ڳارين جو وڏو سور هو ۽ جو مارڪيٽ ۾ پنهنجي دوستن دڙن اڳيان وڏي ڊاڙ هڻي آيو هو تنهنکي ان چپ تي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ هو خار ۾ چوڻ لڳو، "ڪجهه ته مزو ڏيکاريو ڪتي جي پٽ کي."

"چا ڪيون، ڪوڙا خان!"

"تون انسپيڪٽر آهين توکي سڀ ڀانور آهن."

"آهيان نه ڇو ڪوڙا خان هوس." شاهه صاحب کيس فرق سمجهايو، پر ڪوڙو خان جنهنکي اٺ وانگر ڀتوئي ڪونه هو، سو اهي فرق ڪٿي ٿو سمجهي هو وري چوڻ لڳو، "پر شل تي آهين ته کهڙي ڳالهه، آهين ته انسپيڪٽر."

شاهه ٿڌي تي ڪو جواب ڪونه ڏنو. پر ٿوري دير ڪنڌ سيني سان هڻي سوچيندو رهيو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ سوچي سوچي هن ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ چيو: "چڱو سنهنجي هڪ ڳالهه ٻڌ، ۽ ان جو جواب ڏي؟"

ڪوڙو خان مات ڪري ڀڏڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ شاه صاحب کيس ڳالهه سمجهائڻ لڳو: ”ڏس فرياد داخل ڪندا هئاسون ته چورن کي ڦرڪٽي هوندي هئي، پر جڏهن واردات گذري ويندي هئي ته پوءِ ڪنهنکي پتو هوندو هو؟

”پوءِ پتو چو ٿيندن، سائين.“

”بس ائين سمجهه ته مان به هڪ گذريل واردات آهيان جنهنجو ڪنهن کي پتو ڪونهي.“

ڪوڙو خان اهي اکر ٻڌي سپ هٽي مات ڪري ويٺو رهيو.

شاه صاحب کيس ڪجهه نه ڪڇندو ڏسي چڙي ويو، ”اڙي تون جو چوين ٿو ته مونکي سڀ پاور آهن ته اهي پاور آهن ڪاٿي؟“

ڪوڙي خان وري به حرام جو اکر ڪڇيو ۽ چپ ڪري ويٺو رهيو جڻ سڪي ويو هجي. شاه صاحب ڏانهس تڪيندي ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ آهستي پيار سان کيس سڏ ڪيائين: ”ڪوڙا خان.“

”جي، سائين.“

”جي ڪنهن ڏوهاري خلاف فرسٽ رپورٽ داخل ڪندا هئاسون ته ڇا ڪندو هو؟“

”سائين، هو يا ته اسان سان منهن ڏئي جان ڇڏائيندو هو يا روپوش ٿي ويندو هو.“

”ڀاڻ ڪي به مٿهن ڏيڻ جي ڪا طاقت ڪانهي
ڪوڙا خان. اڄ ته تون ۽ مان روپوش ٿي وڃون.“

ستت ئي اوڙي پاڙي جي ننڍن ڇوڪرن سندس عجيب هلت تي ڪچڪو ڪري هوريان ڏيڻ آواز ۾ مٿس چٽرون به ڪيون ته به، هو ائين لنوائي ويو جيئن هو پنهنجي زماني ۾ ڪنهن ”اڻ ٻڌڻ جوڳي ڏوهه“ جي فرياد جي داخلا ڪان لنوائيندو هو. ڪوڙي خان جنهن اهو سمورو لقاءُ ڏٺو پئي، تنهن ڪان اهو مقرر ڪيل فيصلو وسري ويو ۽ هو خار ۾ چوڻ لڳو، ”ڇئبو ته هاڻي اسانکي آڱوٺي جيترا ڇورا به چيڙائيندا. ائين ڪونه ٿيندو.“ ائين چوندي هو هليو ويو ۽ هڪدم اهي جملي ڇوڪرا گهلي اچي سندس اڳيان ائين بيهاريائين جيئن ڪنهن زماني ۾ سندس اڳيان جوابدار بيهاريندو هو. شاه صاحب ڪوڙي خان کي ٿارڻ لاءِ ڇوڪرن کي گارين سان رنڊي ڇڏيو. ”مادر... پان...توهان سمجهو ٿا ته مان رٽائر ڪيو آهي ته مري ويو آهيان. اڙي اڄ به اوهان جي پيءُ ڏاڏن جون ڏاڙهيون پٽي، ٽري ڪرڻ جا پاور مونکي آهن. اڙي ڪيو اٿ وڃ.“

ڪوڙي خان جنهنکي اهڙا جوش ڏٺي ڏينهن ٿي ويا هئا، تنهن جي مٿان چڻ ڪوري دلي جو ٿڌو پاڻي

پنجي ويو ۽ هڪدم پراڻي جوڻ ۾ اچي هٿ ٻڌي
چوڻ لڳو: ”سائين جوابدار قبولدار آهن. اڄ معافي
ڏيون، آئينده ائين نہ ڪندا.“
”نہ نہ هنن کي ائين معافي نہ ملندي. ڪٺي آ نيٺي
لکڻ تہ پهريون سندن کل لاهيان پوءِ هٽين لاڪب ۾.“
”نہ، سائين، هنن کي معافي ڏيو. مان سندن ضامن
آهيان.“
”اڙي تون ضامن ٿو پئين؟“
”ها سائين، مان ضامن آهيان، آئينده چال سڌاريندا.“
ائين چئي ڪوڙي خان کن ڳوڇي ڪندڙ چوڪرن
کان پڇيو، ”اڙي ضامن کي تہ نہ ماراڻيندو نہ؟“
چوڪرا جي اهڙيون سخرج سان ڳاريون ٻڌي هيسجي
ويا هئا تن ميسٽو منهن ڪري. ڪيس ضامن پوڻ لاءِ
ايلاز ڪيا.
”چڱو وڃو مادر...اڄ توهانکي معافي آهي، پر
جي آئينده ڪا بدمعاشي ڪيو تہ پوءِ سر جو خير نہ
گهرجو،“ شاه صاحب گجگوڙ ڪندي چيو.
ٻئي ڏينهن صبوح جو هو هوا خوري لاءِ نڪتو،
تہ روڊ تي ڪيس ٽاٽي احمد پور جي حد جو وڏيرو،
سرائي رازقڏنو، مليو. هو ان ٽاٽي تي ايترو تہ گهڻو وقت
رهيو هو جو هن کان ان حد جي ڪا ڳجهائي ڪانہ
هئي. سرائي رازقڏني سان تہ وري سندس گهٽي ڏيگهہ
هئي جو هو منلس هر ڪيس جي مشيريءَ ۾

هوندو ٿي هوندو هو، انڪري سلام جو جواب ڏيئي اُٿِي وڃڻ هن لاءِ ڏکي ڳالهہ هئي. هن سرائي کان پڇيو.
"ڪيئن سرائي، خوش آن نہ؟"
"ها سائين، سڙيئي رب جون مهربانيون اوهانجون دعائون"
"ڪيئن آيو آهين هتي؟"
"سائين، هڪ غريب هاريءَ جي چوري ٿي وئي آهي، انجو فرياد داخل ڪرائڻ آيو آهيان."
"اڄ ڪلهہ اوهان وٽ ڪير آ؟"
"سائين دريشاڻي انعام الله."
"اڙي هو مون وارو جمعدار!"
"سڙيئي سائين، رب جي جوڙ! ڪنهنجي پيا ڳِـــ سان ڪهڙي ريس. اوهان تہ سائين خوش آهيو نہ؟"
"پيا ٽڳون، سرائـــي." شاه صاحب پـنـل دل سان جواب ڏنو. هنجي مرضي هئي تہ جيڪر سرائـــي سان زماني جي ناقدريءَ جي شڪايت ڪري،
"واهہ سائين، اوهان تہ ائين ڳالهايـو جڻ ڪو توهانکي نٿو ليکي."
"ليڪڻ جي ڳالهہ ڪانهي، سرائي. ڪراڙو ٿـــي ويو آهيان."
شاه صاحب ڳالهہ بدلائي ڇڏي.
"سائين، شينهن ڪي ڪراڙا ٿيندا آهن. سان ڪلهہ اوهانجي پاڙي سان جو لنگهيس تہ اوهانجي ڳارين جي ڳئي پئي پئي. وهيءَ جون سڪون پئي لاٿو. مان تہ ڪڙين تي زور ڏنو. ڪير هئا اهي سائين؟"

شاه صاحب سرائي رازقڏني ڏانهن غور سان ڏٺو جيڪو ان وقت به انئين مرعـوب پئي نظر آيـو جيئن سندس نوڪري واري زماني ۾.

"ڪلهه صبوح، سرائي؟" شاه صاحب ڪنڌ هيٺ ڪري ائين چيو، ڄڻ هو ياد ڪندو هجي ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ هن ڳالهه مٿي ڪري چيو، "ها، اهي پئي هستري شيٽر هئا. سڄو شهر تاراج ڪري ڇڏيو اٿائون. سرائي پنشن تي آهيون ته کھڙي ڳالهه، لنڊو پهڙن تي ڪنٽرول رکڻو ته پوي." شاه صاحب ائين چئي شهپر وٽڻ لڳو.

"بيشڪ، سائين، بيشڪ اوهان جو دٻدٻو قائم آهي،" سرائي ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو.

پوءِ جڏهن سرائي کان موڪلائي شاه واپس گهر ڏانهن اچڻ لڳو تڏهن سندس چنگهون، جي اڳ گهليبيون اينديون هيون سي ڦرت تي ويون، سندس ڪ'ري ڏٻرڪي پراڻي دستور موجب بغل هيٺان اچي وئي ۽ سندس ڳات اوچو ٿي ويو. هن اچڻ سان پنهنجي اردليءَ کي چيو:

"حوالدار ڪوڙا خان. انهن چورن وات ڳاڙهن جو دماغ تيستائين نه سڌرندو، جيستائين ساڻن روز ڪاروائي نه ٿيندي. انهنکي روز گهلي وٺي ايندو ڪر."

ڪوڙو خان، حوالدار جو لفظ ٻڌندي ئي پراڻي جوڻ ۾ اچي ويو ۽ هڪدم ڪڙو ٿي ايس-پي صاحب جـي اردلي کان ايلاز ڪري ورتل "چڳل لانگ بوٽ جي ڪڙين کي زور سان ملائي، پراڻي دستور سوجب سيلوٽ هنيو.

# زر ۽ زور

جيڪڏهن منشي ڪنياتي مل اسپيشل اوورسيئر جني جوڙيل نقشي سال ١٩٠٦ع تي نظر وجهبي ته ڏيهه سنجر خان ۽ چانڊڪيءَ جي پرسان ڪيٽي نورپور تي نظر پوندي. ان ڪيٽيءَ جي ايراضي ايتري ته وڏي آهي جو سڄو ڏينهن پلو وهٽ ڊوڙائجي ته به رات اڌ ۾ پوي. هن ڪيٽين وانگر انجي آبادي به درياهه شاهه تي ٽيڪيل آهي. جيتوڻيڪ درياهه شاهه مان ڪيترا واهڙ وهي پڪي پر ڪي آباد ڪن ٿا، تنهن هوندي به ساونڻ ۾ مهراڻ ڪي موج ايندي آهي ته چوطرف آٿل ڪري اچ تي ويندي آهي. اهي ٻئي ڏينهن ته ماڻهو ڏک سک ۾ ڪاٽين، پر جڏهن پاڻي لهي وڃي ته زمينون ڦٽنديون ڪپهه جهڙيون اڇيون ٿيو پون، جو ماڻهو پوکجي اهو به ڄميو پوي. پڪيءَ پر جون زمينون سالن کان دوبارا فصلن ٽيڻ ڪري ڦڪجي پون ۽ منجهن پوک ليلهائي نڪري، پر ڪچي ۾ هڪ ڪانوڙي هر سان رائي جهڙو ڪچو فصل به مهيني کن ۾ اهڙو

تي پوي جو خون ڪري ڪٽي اڇل، حرام جو ڪنهن
کي پتو پوي. ڪڏهن ڪڏهن قسمت سان ڪينٽي نه
ٻڌي ۽ ارڙ تي پوي ته پوءِ ماڻهو نار چاڙهين. اس ڪاٽل
زمينن ۾ جوئر جو فصل اهڙو ڀلو ٿئي جو زميندار جون
ٻه ٽسمي ۾ ٻه پليون ڀرجي وڃن ۽ ٻانهن جهڙن ٿلهن
ڪانن جا ڪرا تنهن ڪان الڳ.

اها ڪينٽي ٽرنسفر وقت ايتري ته ننڍي هئي جو
سروي وارن ان کي ڀر واري ٻي ڪينٽيءَ سان ملائڻ
جي سفارش ڪئي هئي ڀر درياهه جي ٻائينڊڙ سبب ان
ڪينٽي جا دنگ ۽ ڏڙيون ٻائجي ويون ته ان جي
سالڪ جو اچي وارو وريو. مڙس پڙهيل ڳڙهيل ۽
لهه لحاظ وارو هو. آفيسرن سان رسايون ڪرڻ سبب
اهڙو ڦرڪو ڦري ويو جو سندس ڪينٽي اڪ ڪان چئوٽي
پنجوٽي ٿي ويئي. جيئن لشڪر ڪانسواءِ سلطان ٽيڻ به
هڪ مشڪل ڳالهه هئي، انڪري ڪس ڪسرون ڪائي
ڪارائتا راڄ وهاريائين، ايتري قدر جو هڪ لڳا ضلع
انگريز حاڪم وٽس شڪار تي آيو هو، ته شاهي بند
ڪان پنهنجي ڳوٺ تائين ڀريا پنج ميل ڪڪائين مڙڪ
جي ٻنهي طرفن ڪان ماڻهو ماڻهوءَ ۾ بيهاريو هئائين.
اهي سلاميون وٺندو جڏهن صاحب سندس اوطاق تي
پهتو هو، تڏهن جيپ مان لهندي ئي سؤن ماڻهن جي
سامهون کيس چيو هئائين: "ويل ڊن خانصاحب ۽ ڊاڊو
خوش ٿيو آهي."

اُن مهل ئي صاحب جي اُن قدرشناسي جي خبر
ٽِڙَراجي ۾ پئجي وئي هئي، ۽ اُن ڏينهن ڪانپوءِ، هو
خانصاحب سڏجڻ لڳو هو.

گذريل رات خانصاحب ڪچهري ڪرڻ بعد گهر
موٽيو هو ته سندس قدم اڙيا ٿڙيا پئي پيا. سندس وڏي
گهر واري، عبدالمجيد ماءُ جو هنجي اهڙي حالت ڏٺي
ته هن ڊڪي وڃي کيس ٽيڪ ڏني ۽ آهستي آهستي
اچي کيس هنڌ تي سمهاريائين. وڏي اسر جو هوءَ وري
اٿي ته وڏيري پويان پساهه پئي کنيا. سندس رڙين تي
گهر جا سمورا ڀاتي ڀڳا آيا ۽ هينئر سندس کٽ جي
چوڌاري ٻنهي زالن ڪانسواءِ ٻئي جوان جماڻ پٽ
عبدالمجيد ۽ عبدالهادي به ويٺا هئا، جن جون اکيون
پنهنجي پيءُ جي سڪرات ۾ ڦڙڪندڙ چپن کي ڏسڻ
بعد هڪ ٻئي سان پئي مليون ته انهن ۾ نفرت، ڪيني
۽ ساڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو.

حويلي ۽ انجي شاهي ڪوٽ جي پرپرو ته لئي
اوطاق ۾ جيڪا سانوڻ ۾ ڪانڊيرن جي ڦوهارن ۽
هر وقت جي چٽڪار سبب ٿڌي بهشت ۽ سياري ۾ ڪنن
جي وچ ۾ وڏي مچ سبب گرم لڳي پئي هوندي هئي

ڏيٺهن ڪا ڪوڏر هنئي هجيم.“ وڏيري تڪل آواز ۾ چيو هو.

”بس، سائين، هاڻي هڪ ڳالهه ڪر. واندڪائيءَ ۾ پنهنجي جيئري ئي ڪانو ڪٽي ورهاست ڪري ڏيون.“

”پاڻ ۾ چڱا نتا هلن ڇا؟“

”الائي، سائين، پرائي دل پرديس آ.“

”ڪمدار، ڪا ڳالهه آ ڇا؟“ وڏيري ڪي وسوسو ٿي پيو هو.

ڳالهه ته ڪا ڪانهي سائين، ائين تنهنجي آرام لاءِ چيم.“

”ڪمدار، توکي سو ڀيرا چيو اٿم ته سونکان ڪا ڳالهه نه رکندو ڪر.“

”ابا، توکان ڳالهه رکڻ حرام آ.“ ٻوءِ هن کان سهڻن جي سانڍيل ڳالهه نڪري وئي هئي: ”ڳالهه هيءَ آهي ته عبدالمجيد خان جي سريت نوران آهي نه، ان سان عبدالهادي به ٺهڪي ويو آهي.“

”گهوڙا! ناحق ٻي شادي ڪيم. ڪمدار هيءَ ڳالهه ته مڙسن جا ڪنڌ ڪپائيندي.“ وڏيري ٽپ ڏيندي چيو.

”سائين خير جي ته وائي ڪيو. الله تنهنجو سر سلامت رکي، ڪجهه ڪونه ٿيندو.“

”اڙي اچا تو چئين ڪجهه ڪونه ٿيندو.“ وڏيري رڙ ڪري چيو.

”سائين، آهستي ته ڳالهاءِ ڪو ٻڌي نه وٺي.“

ماڻ ٻانهي ٻچندي آئي، جنهنجي ڏوڙ لڳل اگهاڙي
مٿي ۽ ڇيهاڙيون ٽيل چولي سڄو داستان ٻڌائي ڇڏيو۔

صبح جو ساجهر حويليءَ جي شاهي اڱڻ ۾ هشام زائفن
جا ٻيٺا هئا. پدر جي وچ ۾ وڏي کٽ پيل هئي، جنهن
تي ريشمي ۽ سوٽي اوڇڻ هيٺان وڏيرو ابدي ننڊ
سمهيو پيو هو. ڳوٺ جو ملان حاجي ڪبير رپيو في
قران جي حساب سان، خوش الحاني ۽ تڪڙائي سان
قرآن بخشي رهيو هو:

هي قرآن شريف ڪريم تنهنجو،
خاص مڪي محمد تي،
وسيلو ٻنهي جهانن جو،
واسطي آساني ٽيڻ عذاب سوڙهه قبر جي،
واسطي سوال جواب منڪر نڪير جي،
هن ميت کي تو بخشايان،
تون بخشينس۔

جڏهن سج مٿي چڙهيو تڏهن ميت کي ٻاهر آندو
ويو. جتي ٻه قرآن بخشائڻ ڪانپوءِ وڏي پٽ عبدالمجيد
خان کان اجازت وٺڻ بعد جنازي نماز پڙهي وئي۔
الحد ۾ لاهڻ کان اڳ ملان آخري پهرو ڪئن سوري

منهن ڏيکاريو ته هر ڪنهن ڏٺو ته شمع وانگر ٻري رهيو هو.

پوءِ جڏهن منيءَ جي شيءَ سڀ ۾ رلجي ويئي، جڏهن ڪاندي خالي ڪٽ ۽ خالي اوڇڻ جي گنڍي، ٻڌي واپس موٽي آيا، جڏهن سڄو راڄ ڀاڳ رضاالله ۽ پڳ ٻڌائڻ لاءِ عبدالمجيد خان اڳيان ويٺو هو، تڏهن ڪمدار جو عبدالهادي خان کي وٺڻ ويو هو سو واپس موٽي آيو ۽ راڄ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو:

”ڀهڙو انڌير، عبدالهادي خان ٿو چوي ته مان راڄ کان عذر پنهنجي اوطاق ۾ جدا وٺندس.“

”هتي نٿو اچي؟“ عبدالمجيد خان ڪمدار کان پڇيو، جو ڀاءُ جي انتظار ۾ ويٺو هو ۽ عذر ڪونه ورتو هئائين.

”نه سائين.“

”ڇو؟“

”چئي ٿو ته دشمن وٽ عذر ڪونه وٺبا آهن.“ ڪمدار ٻڌايو.

”وڃي دوڙ پائي، پڙهو قل.“ عبدالمجيد خان کي خار اچي وئي.

”پر، سائين، اڄ ٿي اهڙي وڇوٽي ڪئو ته اڳتي الائي ڇا ٿيندو،“ ڪمدار سوچيندي چيو.

اها وڇوٽي تڏهن هيڪاري وڌي وئي، جڏهن پورن پندرهن ڏينهن بعد هڪ شام جو حد جي ڪوٽوار، اڳڻ، مختيارڪار صاحب جو نوٽيس ڏئي عبدالمجيد خان

کان صحي ورتي. پڙهندي ئي کيس پيرن کان چوٽي تائين باهه وٺي وئي. نوٽيس ۾ لکيل هو:
مانوارو وڏيرو عبدالمجيد خان ولد خانصاحب نورمحمد خان زميندار ڪيٽي نورپور تعلقہ شڪارپور.
جيئن تہ مهربان عبدالهادي خان ولد مرحوم خانصاحب نورمحمد خان زميندار ڪيٽي نورپور اسانکي تاريخ ١٠-١٤-٥٤ع تي درخواست ڪئي آهي تہ فوتي خانصاحب نورمحمد خان جي ڇڏيل ملڪيت ۾ اڌ حصي جو وارث آهي ۽ کيس ٠-٨-٠ آنين جي ورهاست تي ملي.
انڪري اوهانکي هدايت تي ڪجي تہ تاريخ ٢٠-١٤-٥٤ع تي پنهنجي ڪيٽي ۾ حاضر رهندا، ٻي صورت ۾ يڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو عذر ٻڌڻ ۾ نہ ايندو. هي اوهانجي سڌ لاءِ لکيو ويو.
بحڪم مختيارڪار صاحب تعلقو لب درياهہ.

ڪمدار غلام محمد، جو پرسان ويٺو هو، سو نوٽيس پڙهڻ وقت سندس نرڙ تي پونڊڙ گهنجن مان سهي ڪري ويو تہ ڳالهہ ڪا مڙيئي ڳري هئي. موڙو سيرينڌي ويجهو اچي ڪائنس پڇيائين، "ڇا جو نوٽيس آ بابا؟"
"مختيارڪار نوٽيس ڏنو آهي تہ ويهين تاريخ عبدالهادي جي حصي جي ورهاست ڪندو،" عبدالمجيدخان

آهستي چيو.

”ڇگو ٿيو پلي اڇي.“

”ڇگو ٿيو؟“ عبدالمجيد خان رڙ ڪري چيو.

ڪمدار جو ٻوٽ نه سگهي ويو ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيو. ٿوري دير ڪانپوءِ عبدالمجيد خان ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ڪمدار کي چيو: ”مان مختيارڪار کي چوندس ته هو بي نڪاهو آهي ۽ سندس ڪو حق ڪونهي. پلي ڏئي ڪو سندس فائدي ۾ بيان.“

”ٿوري ملڪيت لاءِ پنهنجي مرحيات پيءُ تي ايڏو گلا جو گهانگهو ڏيندين، نينگرا!“ ڪمدار ٻهريون ڪيس نرمائيءَ سان سمجهايو پر پوءِ ڪيس اوچتو جهجڪي اچي وئي: ”ائين ڪونه ٿيندو. مان بيان ڏيندس.“

پوءِ عبدالمجيد خان کي پنهنجي فوتي پيءُ جي عزت جو خيال آيو يا پنهنجي ڪمدار جي راڄن ۾ اڪثريت ياد آئي، هو ان ڳالهه تان لهي ويو، نرمائي سان ڪمدار کي چيائين: ”معاف ڪجانءِ ڪمدار، ائين خار ۾ چئي ويس. تون پاڻ ٿي ٻڌاءِ ته هن وقت جڏهن بابي جي ٻني ٻه ڪانه سگهي آهي، ڪيس اها درخواست ڏيڻ واجب هئي؟“

”اهو برابر سندس ڏوهه آهي ۽ هاڻي جيئن ٿيو آهي تيئن ٿي ڪبو.“

جيتوڻيڪ ويهين تاريخ مختيارڪار، عبدالهادي وٽ ٿي منزل ڪئي، جو هو انجي ٿي درخواست تي آيو

هو، پر جڏهن هو ونس ويو، تڏهن مختيارڪار لانڍي
کان ڏهه پندرهن قدم ٻاهر نڪري سندس آجيان ڪئي.
ورهاست وقت به سندس وڏائپ جو لحاظ رکندي ڪيس
پڳ ۾ وڌيڪ حصو ڏنائين. پوءِ جيتوڻيڪ هو زمانــي
طور مختيارڪار سان ڪلي ڳالهائي رهيو هو پر تنهن
هوندي به سندس اندر ۾ باهه پري ٻيٺي هئي. هڪ
ڀيرو ته ڪيس خيال آيو ته مختيارڪار کي چنبڙ ڪڍي
۽ زمين جي ورهاست کان انڪار ڪري پر هن ڪمدار
جو لحاظ رکيو جنهن مختيارڪار جي اچڻ کان اڳ،
ڪيس سمجهايو هو 'نينگر، حاڪم فيل مست آهي ۽ سائن
مقابلو ڪرڻ ڪنهن به حالت ۾ چڱو ڪونه آهي.'

جيڪڏهن عبدالمجيد خان نوران جي لڏڻ جا سانباها
نه ٻڌي ها ته اهو ڳالهه مان ڳالهوڙو شايد نه ٿئي ها.
لڏڻ واري ڳالهه به ڪمدار ڪيس ٻڌائڻ نه پئي گهري،
پر سندس تيز مزاج جو خيال ڪندي صرف ايترو چيائين!
"سائين صديق وارا لڏيا ٿا وڃن."

"هان، ڪاڏي؟" وڏيري کان چرڪ نڪري ويو.
"عبدالهادي خان پنهنجي ڪيٽي ۾ نئون ڳوٺ ٻڌايو

آهي نہ اتي.“

”وڃي جهلين.“ وڏيري تيزي سان چيو.

ويچاري ڪمدار ان حڪم کان اڳ ئي پنهنجي وس آن ڪونہ گهٽايو هو. هو ٻئي ڏينهن نوران جي گهر ويو هو ۽ کيس ان فيصلي جو آڳو پيڇو سوچڻ لاءِ چيو هئائين پر هن ٽري تيل لائڻ ڪونہ ڏنو هو. ان هوندي بہ وڏيري جي حڪم جي پوئواري خاطر هو وري نوران جي گهر ويو ۽ ويندي ئي کيس دڙڪو ڏنائين: ”نوران، وڏيري وڏي نياپو ڏنو اٿيئي تہ تون نہ لڏ.“

”چاچا، هاڻي ڪيئن ٿو مڙيو. صبح جو گاڏيون ايندي يون.“

ڪمدار کي خار اچي وئي. هن کيس کولي ٻڌايو: ”نوران، تون عبدالمجيد کي ڇڏي وري عبدالهادي تي آڌر رکيا آهن، سا ڳالهہ تنهنجي لڏڻ کانپوءِ کانہ لڪندي. وڏو ڪلم ٿي پوندو.“

”ڪير ٿو ائين چوي!“ نوران پهرين پڪائي ڪئي.

”مان ٿو چوان، ڪيان‎ء ڇا پتا پڌرا؟“

”ڇگو جي آهيان تہ آهيان، ڪنهنجي پرواہ ڪونهيم.“

حالانڪ ڪمدار وري بہ وڏيري کي سموري حقيقت ڪونہ ٻڌائي ۽ کيس صرف ايترو چيائين تہ، نٽا مڙن، پر تنهن هوندي بہ ان ڪوڙ جو ڪو خاص فائدو ڪونہ پيو، جو ان ئي ڏينهن سومهڻيءَ جو جڏهن وڏيرو پنهنجي سر نوران کي پرچائڻ ٻئي ويو، تڏهن در جي چائنٽ ٽپڻ کان اڳ کيس عبدالهادي دوبدو ٽيو، جنهن

پوءِ جي خبر ڪراڙي لالان کي هئي، جنهن روا لاهي، منٿون ميڙون ڪري نوران جهڙي پٿر کي پاڻي ڪيو، نه ته پهرين دفعي ته هن تريون ئي ٽي هيون ۽ چيو هو، ”ماسي لالان، آهي ته قادو، ته نه ناهي ته قادو. وڏيري کي چؤ ته مونکان پاسو ڪري لنگهي.“

”نياڻي، گدڙ جي لت ڪان هاٿيءَ جي لت ڇڏي اٿئي. گهر پري ڇڏينديئي،“ ڪراڙي لالان، جا اهڙين ڳالهين ۾ پڙ هئي تنهن ڪيس سمجهائيندي چيو هو.

پوءِ جڏهن وڏيرو پهرين انجام سان هڪ اونداهي رات جو وٽس ويو هو ته هو اڳيئر ئي سندس اوسيڙي ۾ آيي بيٺي هئي ۽ ڪيس ايندي ڏسي چيو هئائين، ”ايتريون ديريون ڪيون آهن وڏيرا،“

هينئر اهائي نوران ڪائنس ڪسجي ويئي هئي ۽ ساڻس اهڙي جٽ ٿي هئي تنهن جي پلو لاءِ هر ڳوري ڳالهه پوري هئي.

١٥ هڪ اونداهي رات هئي، جڏهن سرخيءَ جهڙي اصيل گهوڙي، عبدالهادي جهڙي شهسوار جو لاشوڪٽي اچي ڳوٺ نڪتي. ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون جو عبدالهادي جهڙي سوار جو جڙ گهوڙين کي هڪ

ٿي هني ۾ ڪاهي سڏو ڪندو هو ۽ جو رڪيب مٿان رپيو رکي اهڙو پختو ٿي ويهندو هو جو مجال ڪٿي رپيو ڪري، تنهنجو رڪيب ۾ ڦاسي ڪرڻ ۽ سڻڪو پيچائڻ اعتبار جوڳي ڳالهه ڪانه پئي لڳي. انهن شڪ ڪندڙن مان ٻن پٽين جو ته شڪ ان وقت ٿي لهي ويو، جڏهن عبدالمجيد خان پاڻ جي لاشي جو ٻڏي پيرين مٿي اگهاڙو اچي پاڻ جي مٿان ڪريو ۽ پـار ڪڍي روئڻ لڳو. باقي ٽين پٽي جنهنجو مکيه، عبدالهادي جو ڪمدار هو، سو شڪ گمـان لاهڻ لاءِ صبح جـو ساجهر گهوڙيءَ جا ابتا پيرا ڪٽائي واردات ڏسڻ ويو هو، پر ڪانئس اڳ ڪنهن شنباٽي ٻروچ جي رڍن ٻڪرين جي ڌڻ لنگهڻ سبب ٻيرا ٿي ڊهي ويا هئا.

البت عبدالهادي جي فوتيءَ کـان ٻه ڏينهن پـوءِ جڏهن هرڪو اجا پٽر تـي ويٺو هـو ۽ رواج مـوجب مٿي ڌوءَ ٻه ڪانه ٿي هئي، تڏهن عبدالمجيد خان جي هڪ حڪم سندس پنهنجي ڪمدار جي دل ۾ انيڪ شڪ ۽ گمان وجهي ڇڏيا. هن حڪم موجب، ڪيٽي نورپور جو ڇاپي نقشو ڪٽي سندس اڳيان ميز تي کولي رکيو ته سراسر اڌ کي ڳاڙهو رنگ آيل ڏسي وڏيري ڪمدار کان پڇيو، ”هي پاسو ڇو ڳاڙهو آ؟“

”مختيارڪار جي ورهاست موجب هي پاسو اسانکي مليل آهي ۽ انکي رنگ ڏنل آهي، بقايا اڇـو پاسو عبدالهادي خان جو آهي.“ ڪمدار آگر مان ڪيس نقشي

جون ليڪون سمجهائيندي چيو.

”عبدالهادي جو نئون ڳوٺ ٻڌايو ۽ جتي صديق وارا وڃي وينا آهن، اها جاءِ ڪٿي آ؟“ وڏيري نقشي کي غور سان ڏسندي چيو.

”هيءَ چوڪڙي نئين ڳوٺ جي آهي، سنهن اڪرن ۾ لانڍيون ۽ لکيل اٿو،“ ڪمدار نقشي ۾ هڪ جاءِ تي آڱر رکي. ان جاءِ تي ڪو رنگ ڏنل ڪونه هو.

”پر هينئر ته سموري ڪيٽي پنهنجي ٿي نه. پوءِ ڇو نه سڄي نقشي کي رنگ ڏئي ڳاڙهو ڪجي.“ ائين چوندي وڏيري ست ڏئي ڪوٽ مان ڳاڙهي پينسل ڪڍي ۽ ڦهريون ڳوٺ واري چوڪنڊي تڪر کي ڳاڙهو ڪرڻ لڳو. ڪمدار حيرت مان ڪنڌ مٿي کڻي وڏيري ڏانهن ڏٺو، جنهنجو منهن به خوشي ۾، پينسل جي ڳاڙهي رنگ وانگر، ڳاڙهو ٿي ويو هو.

# ڳـــوٺ

جيتوڻيڪ اڄ سنڌس گهوڙي ڪي نوان زريءَ جا سنج پيل هئا ۽ سنڌس پشوري ڳاڏي تازو نڪل ٽيڻ سبب چلڪي پئي، پر تنهن هوندي به، جڏهن هو پنهنجي 'پنج ڪلياڻ بور' کي دڙڪي ڪاهيندو اسٽان تي پهتو ته ڪنهن به اکر ڪونه ڪڇيو. هڪوار سيٺني پنهنجو ڪنڌ مٿي ضرور ڪنيو پر ان دم ئي سيٺني پنهنجي ڪنڌن کي اڳين ڍاري ڇڏيو، ڇڻ ڪين ديد ئي ڪانه هئي. حالانڪ هڪ هفتو ڪن اڳ هو چڙي هاٿيلي دمبڇي وٺي آيو هو ته سڀ ڪيس ورائي ويا هئا.

”رئيس هي دمبڇي ڪٿان ٺهرايي؟“ امبلخ گهوڙي واري ڪائنس پڇيو هو.

”آهي سودو رئيس، گهڻو آتر ڏيانءِ؟“ خميسي، جنهنجو ڏنڌو ئي سوڏا ڪرڻ هو. پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ڪيس ڇيو هو.

”ڪلا ٿي خميسا، هھڙن بادشاهه وهڻن کي شيون ٻارائي ڪي ڪسبيون آهن!“ جيسين هو جواب ڏي،

تيسين رسولي بور کي ٽپڪي هٽي خميسي کي جواب ڏنو هو.

ڳاڏي ٻڌڻ کان اڳ، هن پنهنجي واڙي ۾ گهوڙي کي ڪرڪرو پٽي هنيو ته نورو مڏيءَ وارو وٽس لنگهي آيو هو، ۽ ڪيس ان 'ٻڌيءَ' جي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي هئائين. پر هن ٿهڪ ڏيندي نوري کي چيو هو.

”نورا، جڏهن هي بور اسٽان تي پهچندو ته اهي ٽوٽل پاٽهي ڊهي پوندا.“

”خير ڏسجي، پر گهٽو ڪري ته ڪونه ڳالهائيندءِ. اها سچي ڳالهه شهيد جي روضي ۾ قسما قسمي تي ٿيل آهي.“

”هن خارزيءَ واري ڏر ته برابر ڪونه ڳالهائيندي، پر ٻين جي گهرن ۾ ته ادا مان به ڪونه گهڙيو آهيان.“

هن کي ڪاوڙ اچي وئي هئي.

ڳاڏي بيهاري رينون ٽيڪ ۾ ٻڌي هن چوڌطرف نهاريو، سڀئي موجود هئا، سواءِ زوار ۽ هن خارزيءَ دينوءَ جي. هن محسوس ڪيو ته سڀ ڪانئس نٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سندس اچڻ کان پوءِ هرڪو ڪنهن نه ڪنهن ڪار کي لڳي ويو هو. ٻيا ته ٺهيو پر خيرو ۽ رسولو، جن ياعمر ۾ پنهنجي منهن تي به پاٽيءَ جو چنڊو نه هنيو هو، تن به پنهنجن گهوڙن جا منهن پٽي ڏوتا. هو به چپ پيڪوڙي ڳاڏيءَ تان لهي انگوڇي سان پکن ۽ پيرن کي اگهڻ لڳو. اگهندي اگهندي

اوچتو هن رڙ ڪئي ”آهي سودو خميسا جوت ئي جوت تي، ڳالهاءِ وچي شاه سان.“

خميسي چرڪ ڀري ڏانهس نهاريو پر ڪچيائين اکر ڪونه. ان شاه به ڪيمن کو جواب ڪونه ڏنو، جنهنکي سودي وقت امين مقرر ڪيو ويندو هو، ۽ جو پنهي ڌرين سان انگوچي هيٺان آڱرين ۾ ڳالهائي ڪار وجهي تاڙو هٿندو هو. هو به پنهنجي سندم چاپ کي اگهڻ ۾ مصروف رهيو. خميسي ۽ شاه جي وڏائي ڏسي هنکي باه وٺي وئي. هن کي پڪ هئي ته خميسو ته خميسو، پر سڀ ڀڳا ايندا. هو جڏهن به پوڳن ئي پوڳن ۾ بورکي وڪڻ جو خيال ڪندو هو تڏهن سڀ وتس ڀڳا ايندا هئا ۽ ڪيس چوندو هئا! ”رئيس، بورکي وڪڻ جو خيال دل ۾ به ڪندين ته الله ڪونه بخشيندءِ. ههڙا وهت دشمن تي داغ آهن.“

هن خار ۾ ڀيڙيءَ دکائي سونو ئي مس هنيو ته زوار به پر واري بنڪ تي اچي سواري لاتي. پاسينگر کان پاڙو وٺي هن گاڏي اچي سندس پر سان بيهاري. ”لڳئي ڪا چڱڙ سواري زوار؟“ هن زوار کان مرڪندي پڇيو. ٻين جي پيٽ ۾ زوار سان سندس گهاٽي سنگت هئي. هو ان ڏنڌي ۾ جهڙس ئي جهونو هو. پر زوار به پنهنجي وڏن شهپرن کي انگوٺي ۽ هٿ جي ٻڪيءَ سان مٽي ڪندي سندس سوال جو جواب ڏيڻ ضروري نه سمجهيو، هوڻئن اهو سا ڪيو زوان پڇڻ ڪانتواء

ٽي، سڄي ڏينهن جي ڪٿا ڪيس ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو، ”يار رئيس، پاسينگرن وٽ ٻه چلڪڻي شيءِ جو اکر گهٽ ئي اٿئي، سڄو ڏينهن رڙيون ڪندي نڙي ٽٽي سڪي وڃي ته مس ٽي ڪا سواري لڀي، وري ڀاڙو ڏيندءِ ٻه ڪر ڪر سان.“

”نه ڪيو رزق جي خدمت ته اهڙا حال ڇو نه ٿيندو! سڄو ڏينهن ٻوراڪن ڪي وهائي وهائي وڃي مڪان ۾ جهنين تي ويهو. پوءِ وٽن جو ڪير سماءُ ڪري؟“ هو ڦهريون سندس لاڪ لاهي پوءِ وري ڪيس منجهائيون ڏيندو، ”اڙي ڪجهه گهوڙي جي خدمت ڪر. پنهنجي هٿن سان گاهه ڀاڻي ڏينديس ته مهيني ڪن ۾ مڪ ڀئي ترڪندس.“

”ها يار، چئين ته سچ ٿو، پر اڄ روپيو ٻه ڪن ته ڏيارجان. مولا عليءَ جو قسم، رکو ٻه ٽڪريون پيون آهن گيدي ۾“ زوار ميسٽو منهن ڪري ڪيسي مان ٻه چاندي جا روپيا ڪڍي ڪيس ڏيکاريندو هو. پر اڄ اهو ئي زوار، پنهنجي ڀراڻي ٽانگي تي مڀ هنيو ائين سيٽيو ويٺو هو، ڄڻ هن ديگ دنيا جي لڏي هئي. رئيس ”آخ“ ڪري، سيني ڏانهن نفرت سان نهاريندي، زور سان ”ٿو“ ڪري ڪانگهارو ڪڍيو. سندس منهن تي مرڪ اچي وئي، ڇو اهو ڪانگهارو سيني جي منهن ۾ لڳو هجي، ۽ پوءِ هودي ۾ لڳل گهنٽي کي پيرن سان وڄائڻ لڳو.

آگوڻي جيترن چوڪرن جو هٿ مارڻ لاءِ، هن نيٺي لڪڻ ڪٺي ان پارٽيءَ جي مکيہ دينوءَ کي چيو هو، "دينو اهي چرچا ڀوڳ انهن سان ڪر جيڪو تنهنجا سهي. مونکي خار آئي تہ رت ڪڍي ڇڏيندوسانءِ."
"ڪهڙا چرچا چاچا؟" دينو مرڪڻ لڳو.
"آئون، هو پنهنجا بابا جو رکييءَ منهنجي سيٽ تي." هن ڪان خار ۾ ڪف وهڻ لڳي.
"اهي ميترا آهن چاچا. تون ميتري تي چڙهندو آن چا؟" دينوءَ کي رهندي مزو پئي آيو.
"بس ڪر لنڊا. وري اها تن تڻ. آئينده اهو ڀوڳ ٿيو تہ سر جو خير گهرجانءِ." هو پنهنجي گاڏي ڏانهن موٽندي شاه کي چوڻ لڳو! "شاه، هننکي سمجهاءِ متان پوءِ پڇتائين."
"سان چا ڪين سمجهايان. تون بہ جيترو چڙندين اوترو چيڙائيندءِ." شاه بہ مرڪڻ لڳو.
"نہ نہ مون سان ڪو کيچل نہ ڪري. منهنجي رت ڦرندي دير ڪانہ ٿيندي." هن خار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو.

پر پوءِ تہ رهندو سندن ڀيڳهي مچي وئي. نہ سهل نہ موقع، جاتي ملن تاتي چيڙ. اسٽيشن ڪان ايندي يا ويندي، جڏهن بگين جون قطارون پاسينگرن سان ڀريون هڪ ٻئي جي ڪڍ ايندڀون هيون، تڏهن لنگهندي هرڪو کيس چيڙائيندو هو. اها ڳالهہ برابر هئي تہ

هوبہ سنڌ پيڻ ماٺ ڪونہ ڇڏيند هو پر تنهن هوندي بہ دل ۾، اها ڳالهہ کيس خراب لڳندي هئي. جو ان جو اثر خراب پوڻ لڳو هو. هن محسوس ڪيو هو تہ ڪيترا معتبر پاسينگر جي اڳ سنڌس بگيءَ تي ئي چڙهندا هتا، هينئر ڪانئس پاسو ڪرڻ لڳا هئا. ڪيترا رونشي ڪوڏيا پاسينگر وري ٻڌ سڌ تي بگي وارن وانگر کيس چيڙائڻ بہ لڳا هئا. ان هاڙي هڪ ڏسٽي وائسٽي معتبر کي ڪنيو شهر پئي آيو. رستي کي ڪشادو ۽ خالي ڏسي هن بہ 'بور' کي ڍر ڏني هئي ۽ اڪين سان جنسي پاڻي پئي وهيو تہ اوچتو اهو پاسينگر ڪانئس پڇي ويٺو، ”رئيس تون متيري تي ڇو چڙهندو آهين!“ رئيس کي چڙ چوچڙي اچي وئي. هن خار ۾ ڏانهس ائين گهوريو ڄڻ کيس ڪچو ڪائي ڇڏيندو. سنڌس دل گهريو تہ جيڪر هنکي بہ اهي تسريون، زيرن زبرن سان ٻڌائي، پر ڪو خيال ڪري هن پشي ڏيئي کيس جواب ڏنو ”ارمان آ صاحب، تون بہ لوئين وارا سوال ٿو پڇين.“

هن ٻئي پير ڏينو ۽ سنڌس سنگت کي ٽڏي سيني سان سمجهاڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر حرام جو هو مڙيا. جيئن پوءِ تيئن ٻيا کين پاسو وٺائڻ لڳا هئا. پوءِ تنهن ڏينهن سنڌس وس ڪاڻ ڳالهہ نڪري وئي ۽ هو ڏو فوجداري ۾ هليو ويو، ان ڏينهن صبوح کان سنڌس متو ڦريل هو. هو روز صبوح جو گهوڙي کي

ڪرڪرو هٽي تيار ڪرڻ بعد، ٽيڻ پاڻي ڪري پوءِ گاڏي
ڀڏندو هو. ان ڏينهن گهوڙي کي جوٽڻ لاءِ تيار ڪري.
گهر آيو ته جوڙس اچا ان وقت اٿو پئي گوهيو. خار
۾ ويچاريءَ کي ٻئي چنبا هٽي لنگهڻ تي گاڏي ڀڏي
باهر نڪتو، ته ڪيس سواري ملي وئي، پريا ٻه ڪلاڪ
پاسينگر کي هيڏي هوڏي گهمائڻ بعد جو ڪيس روپيو
مليو ته مٿي ڪان پيرن تائين سڙي ويو. باهه ۾ پئسا
روڊ تي اڇلي هو استان تي آيو ۽ اچا پگهر به نه
سڪايو هئائين، ته هن پارٽي پنهنجا پوڳ وري شروع
ڪري ڏنا هئا.

”يار دينو، منهنجو ته بڪ ۾ ساهه ٿو نڪري
ها ته ٻئي گرهه ڪائي اچون،“ مرڪندي دينو کي چيو.
”تون ير پلي ڪائي آءٌ. مان ته جهٽ ڪن تي
مٽيرن جي پاڇي سان ٽيو ڪري آيو آهيان،“ دينو
رئيس، ڏانهن نهاريندي ڪلندي جواب ڏنو.

سڄي سنگت ۾ ڪوڪرو مچي ويو. رئيس کي باهه
وٺي وئي ۽ هن رڙ ڪري چيو، ”ڪتا بڪ بند ڪر.“
”چاچا مان توسان ڪو ڳالهايان ٿو.“ دينو ائين
ڪلندي جواب ڏنو.

”تنهنجي اچوڪي سچ ۾ لاڪ نه لاهرايم ته مان
بروچ سون ناهيان پر تنهنجو تخم آهيان.“ ائين چئي
رئيس گهوڙي کي چابڪ هٽي گاڏي کي استان مان
ڪڍي فوجداري ڏانهن هليو ويو. هن در وٽ پهچندي

ٿي مٿي ٿان انگوڇو لاهي فوجدار جي پيرن ۾ اڇليو هو.
”فوجدار، تون ٻه ڀروچ آهين ۽ مان ٻه ڀروچ آهيان. من ڀروچڪي تي نظر ڪري سنهنجو داد ڪرين. ڏينو کهڙي رن جو پٽ آهي جو هڪ ڀروچ کي 'ٺناون' جو نالو ڪٽي ڇيڙائي،“ هن روئڻهارڪو ٿي چيو هو ۽ فوجداري هڪدم ڏينو کي گهرائي ڪيس گڏهه وانگر ڪٽي بيگر ۾ سندس بگي ماري جاچ ۾ هليو ويو هو. پوءِ جڏهن شام جو دير سان ڏينو موٽي آيو هو، ۽ سيٺي کي پاڻسان ٿيل واردات جو ٻڌايو هئائين، تڏهن سيٺي شهيد جي روضي ۾ قسما قسمي تي اها ٻڌي ڪئي هئي ٻيا ته ٺهيو پر زوار ٻه وٽڻ جو نه هو. چي:
”رئيس ڏينوءَ کي ماءُ پيٽ تي گاريون ڏيندو هو ته ٻه اسان ڪجهه ڪونه ڪڇيو. هينئر رئيس ايڏي 'مگر' وارو ٿي ويو جو پنهنجي ڪرت واري کي فوجداري ۾ مارائي ۽ بيگر وهائي!“
”رئيس لقمان هلندين،“ هڪ پاسينگر ويجهو اچي سندس خيالن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.
”ها بابل ڇونه هلبو،“ رئيس سيٺي ڏانهن نفرت سان نهاريندي بگي استان مان ٻاهر ڪڍي ۽ پاسينگر کي وهاري زينن کي ساهه ڏني ته گهوڙو ڪنن وٽان ڏوڙ ورائڻ لڳو.

هُنيءَ ڏينهن ۾ ٽانگو وهائيندي صبح کان شام تائين
ڪيس ڪو نہ ڪو بگي وارو مليو. پر نہ ڪنهن هن
سان ڳالهايو ۽ نہ ڪنهن کو گِتو لفظ ڪڍيو. پيا تہ
ٿيو خود دينو سچي ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا دوبدو ٿيو
هو پر ڪيس ڏسندي ئي پري کان بگي روڪ تان لاهي
پئي چڙيائين، هن کان اڳ هو عام طور ان جاءِ تان
بيهڻ کان لهرائيندو هو جتي دينو يا سندس سنگت بيٺل
هوندي هئي، پر هُنيءَ ڏينهن هو هاسڪار هُنيءَ ڀيرا سندن
وچ ۾ بيٺو هو. هن موقعو پئي تاڙيو تہ ڀلي ڀيو ڪو
ساڻس ڀوڳ ڪري تہ هو فوجدار کي دانهن ڏئي انکي
۾ رنڊ ڏياري. پر ڪيمن اهڙو وجهہ ڪونہ مليو. سڀني
جا وات سڪي ويا هئا. شام جو گهوڙي کولڻ وقت
نورو وٽس آيو تہ هن وڏا ٺهڪ ڏيندي نوري
کي چيو:

”نورا سگهڙن سچ چيو اٿئي تہ سنڌ کلي سان
بدل آهي. ڏس ڪيئن نہ هن موچڙن ۾ گز ڪري
چڙيا اٿم.“

”اها ڳالهہ تہ برابر آ، پر رئيس توکي بہ سچو
ڏينهن ڪنهن سان ڳالهائڻ ڪانسواءِ مزو اچي ٿو؟“

”مزو؟ چو نہ تو اچي مزو.“ هن ڪڙائي تہ کٽي
ڏيکاري پر ان کان وڌيڪ هو الاجي ڇو ڪجهہ نہ
چئي سگهيو.

البت ٽئين ڏينهن جي شام جو جڏهن 'ايڪسپريس' جون سواريون لاهي سڀ استان تي ويٺا هئا ۽ ائين چپ چاپ لڳي پئي هئي تڏهن رئيس جي ڪنن تي صاحبزادي ٽرئفڪ جي سپاهي، جو آواز پيو. هو دينو کي چئي رهيو هو، "هل دينو، تو کي فوجداري صاحب گهرايو آهي."

رئيس ٽيڏيءَ اک سان دينو ڏانهن نهاريو جو ميسٽون منهن ڪري بگي، استان مان ڪيڏي رهيو هو چپ چاپ هئا. هر ڪنهن کي خبر هئي ته هن وقت دينوءَ کي بيگر ڪانسواءِ پيو چا جو سڏ هو.

اڃتو رئيس پنهنجي ڏور کي زور سان سٽڪو ڏنو ۽ رڙ ڪري چيو: 'صاحبزادا، وڃي پنهنجي بابي فوجدار کي چؤ ته دين محمد ڪونه ايندو، کيس اهو به سمجهائي ڇڏ ته اسان بگي وارا پاڻ ۾ وڙهون، يا ڀرچون تنهن ۾ هنجي ربيع يا خريف."

صاحبزادو، ٽرئفڪ جو سپاهي، عجب ۽ خار مان ڏانهس گهوريندي ڀوٽتي وريو ۽ رئيس سيني ڏانهن پيار مان نهاريندي، هودي ۾ لڳل گهنٽي وڃائڻ لڳو.

# ڪني آڳر

وڏيري نورمحمد خان جي ڌيءَ رات اوچتو بيمار ٿي پيئي هئي، سو ڳوٺ جون زائفون پڇڻ آيون هيس. نينگري سنوَڙ ۾ ويڙهي سيڙهي سمهي پئي هئي. ڪي زائفون مٿن ڪان ڪي پيرانديءَ کان ويٺيون هيس، ۽ ڪن ڪيس زور پئي ڏنا، ته ايتري ۾ ڦڦي نوران لمڪا ڏيندي اچي نڪتي. چيلهه تي هٿ رکي، زائفن ڏي منهن ڪري چيائين، "ٻيو ٻڌوَ!"

"ڇا؟" ٻن ٽن زائفن جي وات مان نڪتو.

"زينب کي ڀوليس ٻڌي ويئي!"

"هان!" زائفن جا وات ڦاٽي ويا. پيلا پيلا ڏند ڏيکاريون ڏيڻ لڳا.

وڏيري جي ڌيءَ جا اکي ئي پيلي ٿي پئي هئي، تنهن جو ويتر رت ڇڏي ويو. ويچاريءَ سنوَڙ کي ڇڪي ڪٽي مٿان وڌو. ان کان اڳ ته ڪا زائفان، ڦڦيءَ نوران کان ان جو سبب پڇي، نانيءَ حاجل ناس

ڄڀي ڏٻلي وَرَ مان ڪڍي ان ڪي آڱر سان ٺهڪائيندي پڇيو، ”ڇو؟“ ان ’ڇو‘ تي سڀني پنهنجون اکيون ڪٿي ڦڦي نوران ۾ کپايون. وڏيري جي ڌيءَ ۾ سوڙ ۾ ڇُرپسُر ڪئي— هن کي ۾ شايد سبب ٻڌڻ لاءِ آنڌ مانڌ هئي.

”حرامي ٻار ڄائو هوس، ڪوڏر سان کڏ ڪٽي پوريائين پئي، ته ڪنهن مُڙسالي ڏسي ورتس ۽ وڃي ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪيائين.“

ائين چپ ٿي ويئي، ڄڻ ڪو راڪاس کمي ويو. وڏيري جي ڌيءَ ۾ چرڻ پرڻ ڇڏي ڏنو، صفا پنڊپهڻ ٿي ويئي وري ۾ شابس نانيءَ حاجل کي، جنهن ناس جي چپٽي کڻ نڪ کي ڏيئي، پنهنجي هوش کي جاءِ ڪيو. کٽ تي سري جاءِ ڪيائين، ”آءٌ نوران، هٽ ويهه، سڄي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌاءِ.“

”نه ماسي، ويهڻ جي واند ڪانهي، ڳاهه تي ٿي وڃان.“ ڦڦيءَ نوران وڏائي ڪئي.

”کهڙي ته ويهه، ڇوري!“ ملياڻيءَ پنهنجيءَ عينڪ جا ڌاڳا ٽاهيا. ڦڦيءَ نوران ۾ هاڻي ڳالهه کي ڇڳيءَ طرح ٻڌائڻ کان سواءِ وڃڻ واجب نه سمجهيو، سو ويهي رهي.

”ڇا ٻڌايانءِ، ماسي،“ ڦڦيءَ نوران ڳالهه کي لانڍ سان شروع ڪيو: ”جماندار اهڙي مار ڏنيس، جو منهنجي توبهه... ڇنڊائي ڇنڊائي پٽيائينس!“

”چونه ماريندس جماندار، اهڙو ڪم ته ڪسبياڻين کان به نه پڄي!“ صفوران اندر جو ساڙ ڪڍيو.

”پر سائي اها به بدنامي، اوڙي پاڙي وارا ڳڌي ڇا چوندا!“ ناني حاجل چيو.

”ڀلا اڳي گهٽ بدنامي هئي ڇا؟ ڪاٿي رهي نصرپور، ڪاٿي رهي خميسي جي واندي. ڪنهن کان ڳجها آهن هن جا پرڪار.“ ملياڻيءَ ڳالهه کي ٽيڪ ڏني.

ملياڻي جي ڳالهه، سورهن آنا سچ هئي، ته به ڳهڻ ڪري سڄي ڪي سندس افعالن جي ڄاڻ هئي. ڀلا ڳوٺ جو ڪهڙو ڳڀرو جوان هن کان بچيل هوءِ هن جنهن سان به هڪ حرف ڳالهايو، يا چڙي اک ملائي، ته چندر جي رڪارڊ مصداق ان جي منهن ۾ صفائي ٿي ويندي هئي؛ ۽ پوءِ اهو همراهه پنهنجن مائٽن کان ميلي جي بهاني ڪجهه ڏوڪڙ وٺي، يا پيءُ کان چوريءَ پنهنجي ان جي هار مان ڪجهه حصو ڪلومل جي حوالي ڪري، پر جي ائين به نه پڄو ته پروراي ڳوٺ مان ڪنهن جي وڇير ڏڳي ڍڳي مهاديءَ واري کي اڌ قيمت ۾ ڏيئي، شهر ۾ هن لاءِ شبن ململ جا گهگهرا ۽ ملائي

ٻاڻ جهڙي هيس، ڏند تيڙي چيو هئائين: ”اميد آ الله ۾ ته اهي ٻه ٽي گهر ٻه نه ڇڏيندين!“ سندس ٻدچاليءَ ڪري ڳوٺ جي ڪنوارين ۽ جوان زائفن کي سندس گهر وڃڻ ته پري رهيو، پر ساڻس ڳالهائڻ جي به منع ڪيل هئي. جي اتفاق سان ڳاهه ڪندي يا پلي پٽيندي ڪنهن ڇوڪريءَ جو روح ست ڏيندو هو، ساڻس ٻه حرف ڳالهائيندي هئي، ۽ خدا به ڪري خير، جي اها خبر ان ڇوڪريءَ جي ڪنهن وڏي ڀاتي کي پوندي هئي، ته گهڙي ڪن ان گهر ۾ ٻرڙات پڌبو هو، ۽ ڇوڪري گيسيون ڪري توبهه ڪندي هئي. ويچارا ماڻٿ ٻـ ايترو خيال ڇونه ڪن؟ ڪريمت جو مثال سندن اڳيان هو. زينب سان ساهيڙپ رکڻ کان اڳ هو ڏاڍي شريف ڇوڪري هئي، مجال جو ڪنهن مرد ماڻهوءَ سان اک کڻي ڳالهائي؛ پر جڏهن کان زينب جي صحبت ۾ آئي ته ڪري خراب ٿي پيئي. اهڙي ڳالهه کان پوءِ، ڳوٺ جي پرين مڙسن کي نانگ ته ڪونه کاڌو هو جو پنهنجين جوان جماڻ زائفن کي زينب ڏانهن وڃڻ ڏين!

زينب عمر جي اڌ، رنگ جي سانوري هئي. سندس چپ مساڳ هڻڻ ڪري هميشه ڳاڙها نظر ايندا هئا. پنجن ٻارن جي ماءُ هئي. چار ته پنهنجن نالن سان سڏبا هئا، پر پنجون ’منڊو منڊو‘ ڪري سڏبو هو. ان ويچاري کي به الله منڊو ڪيو پر زينب ڪيو. ڳالهه ٿي هيئن،

ته راند کيڏندي ڏٺنس هڪ يتيم ڇوڪري کي مار ڏني.
اهو ڇوڪر روئندو وٽس ويو ۽ کيس دانهن ڏنائين.
ٻارن جي فطرت، گهڙيءَ ۾ رسڻ ته گهڙيءَ ۾ پرچڻ
سو ڀلا ان ۾ ڪهڙو قياس ٿو ٿي؟ پر هن ٻنهنجي
کي اچي ڏنڊن سان ورتو. ڪي ڏک رحماني ته ڪي ڏک
شيطاني، وري ٻار جو به ڪهڙو قوت... لڳي جو ڇوري
کي اولو ڏڪ، ته جهنگهه سڄي هٺ ٿي وئي. ڪنهن
ڏاڏيون لپريون ٻڌيون پر جنگهه ڪانه ٿي، ڇوڪر هميشه
لاءِ منڊو ٿي ويو، سندس ٻارن جا رنگ به عجيب هئا.
ڪي پڌورا باه جهڙا، ته ڪي ڪارا ٺڪر. انهن ٻارن
جي نسل بابت هوءَ ڪڏهن ڪريمت کي
ٻڌائيندي هئي. مثال طور، جڏهن کيس پريل ڄائو هو
۽ ڪريمت کانئس پڇڻ آئي هئي ته ڇوڪري کي ڏسي
ڇيو هئائين، ”ڇوري، پٽ تي واه جو ڇٽيو اٿئي.“
زينب کلندي جواب ڏنو هو، ”ڇو نه سهڻو هوندو،
پڻس به ته سهڻو آهي!“ ۽ پوءِ ڪريمت کي ڪن ۾
ٻڌايو هئائين ته صديق سان رستي رکڻ بعد مهيني
اندر ئي کيس پيٽ ٿيو هو. ڪريمت کي اها ڳالهه
دل سان لڳي هئي، جو صديق ڳوٺ جي ٺاهوڪن
جوانن مان هڪ هو. اهڙي طرح، کيس فريد ڄائو ته
هن ڪريمت کي چيو هو، ”مڙئي ليک لکيل هو،
ادي ڪريمت، نه ته امين ڪو منهنجو هيسي جيسي هو!
هي ڇورو به ان تي ويو آهي.“ وري منهن ٻجڙو ڪري،

پر ۾ سهيل فريد کي ڏسي چيو هئائين، ”رنگ ته چنڊ، جو مان ٻه سانوري آهيان، پر منهن جي تختي ۽ چنجهين اکين کي تکي ڏسينس ته سود امين آهي!“ ڪريمت ٿوري دير چوڪري کي تکي چيو هو، ”هانوڙي، برابر، تر ٻه ماريي امين مان نه لاٿو اٿس!“ ڪريمت جو جواب ٻڌي، زينب پڇڪ ڪري زمين تي ٿڪ اڇلائي هئي. ڪريمت کي خبر هئي ته زينب اها ٿڪ زمين تي نه، پر حقيقت ۾ امين جي زال صفوران جي منهن تي اڇلائي آهي، جو هوءَ ان وقت زينب سان گڏ هئي، جڏهن صفوران زينب کي پنهنجي ڪوهيءَ تان ڀاڻي ڀريندي گاريون ڏنيون هيون ۽ زينب مانڙي ڪري، بادشاهه پير دستگير جو قسم کڻي، ڪريمت کي چيو هو ته هوءَ صفوريءَ کان انهن گارين جو ضرور پلئه وٺندي... تان جو زينب امين جهڙي ڪاري رَم سان رستو رکي ڪيس اهڙي ته مار ڏياري هئي جو ڪيترا ڏينهن هوءَ کٽ تي پئي هئي.

زينب جو مڙس خدابخش ويچارو جيستائين جيئرو هو، تيستائين هن پنهنجيءَ زال کي سمجهائڻ کان نه گهٽايو. هن گهڻائي ڀيرا زال کي انهن افعالن تان ماريو هو، هڪ ڏينهن ته ڪهاڙي سان ڪيس صفا خون پئي ڪيائين، پر زينب جي رڙين تي همراهن اچي ڪانئس ڪهاڙي ڪسي. منهن مائٽن جي صلاحن جي باوجود هن

زال کي طلاق نہ ڏني. ڳالھ اصل هينئن هئي تہ زينب جي نالي سرڪاري رڪارڊ ۾ ڏھہ جريب زمين هئي، جا خدابخش آباد ڪندو هو. جي زال کي طلاق پئي ڏنائين تہ اها زمين بہ پئي هٿان ويس مڙئي دڙڪي داب ۾ ڪم ٽپائيندو پئي آيو — تان جو وچي پنھنجي ڏيھ پھتو. مڙس جي فوت ٿي وڃڻ بعد زينب کي ويتر ڇوٽ ملي ويئي. اهي ئي حال، آهي ئي افعال، البت اولاد جي خواهش سو ڇڏي ڏنائين. ڪجھ داين جي صلاح، ڪجھ دوائن جي مدد — مڙيئي ڪم ٽپندو پئي آيو.

”پر، پڦي نوران، ادي خدابخش کي گذري بہ ٻہ ٽي سال ٿيا تنھن بعد هوءَ هميشہ ان ڳالھ جو خيال رکندي هئي. ايترن سالن ۾ کيس ڪجھ نہ ٿيو، ۽ هاڻي اهو وري ڪيئن؟“

”مون کي تہ ڪا ٻي ڳالھ ٿي نظر اچي.“ هڪ زائفان عقل ويڙهايو.

وڏيري جي ڏيءَ سوڙ مان منھن ڪڍيو. سڄي ڳوٺ ۾ ونجي ويئي هئي.

”مائي، اهو قدرت جو ليک آهي، جنهن کي نه
دايون ٽاري سگهنديون نه دوائون.“ ناني حاجل سولوي
ڪهاڙي جي انداز ۾ چيو.

”پر، ماسي پاڻ به سچي ڪئي اٿس ته ٻار سندس
آهي!“ پڦي نوران چيو.

وڏيري جي ڌيءَ اهو جملو ٻڌي ته اونهو شوڪارو
پريو— ائين چڻ هن جي سيني تان ڪو بار لهي ويو
هجي، پر سندس اکيون ڪنهن عجيب احساس جو اظهار
ڪرڻ لڳيون. چڻ هن جي ڪا اصل شيءِ وڃائجي
ويئي هجي— ڪا اهڙي شيءِ، جا هن جي پنهنجي
وجود جو حصو هجي.

گهڙي کن ماٺ ڪري، پڦيءَ نوران وري ڳالهه کي
چوٽ چاڙهيو، ”هڪڙي سپاهيءَ پئي چيو ته ست سال
ٽيپ ملنديس.“

”ست سال!“ هڪ زائفان کان ڇرڪ نڪري ويئي.
وڏيري جي ڌيءَ جون اکيون به اهو ٻڌي پرجي
آيون. وري گهڙي کن سانت ٿي ويئي.

”هڪ ڳالهه ۾ ته اهو چڱو ٿيو، ناني ملياڻي!“
هڪ زائفان چيو.

”ڪهڙيءَ ڳالهه ۾!“

”زينب کان جند ته ڇٽي پئي!“

”ها، اها ڳالهه چئه، هونئن به ڪني آڳر وڌي پئي!“

وڏيري جي ڏيءَ شور مان ملياڻيءَ کي ڏنو، سندس ذهن ۾ ورور ڪري ڪني آگر، جا لفظ ڦرڻ لڳا. هن سوڙ ڇڪي ڪٽي پنهنجي مٿان وڌي. هن جي اکين مان شڪرگذاريءَ جا ڳوڙها وهي، وهاڻي کي پسائڻ لڳا. هن ڇپ ڇپن پڙڪيو: ”زينب، ماسي زينب......!“

## ه

## ڀسٽ

هن ڀهريون اٽي ڪوٺيءَ جو دروازو بند ڪيو جيئن ڀرواري ڪوٺيءَ ۾ سهيل ڀانس ڳالهائڻ تي اٽي نہ اچي. پوءِ الماري کولي ان مان هڪ ڳاڙهو چلڪڻو پئڪيٽ ڪڍيو. پئڪيٽ صاف هو، مٿس مٽي جي دز بہ ڪانہ هئي، ۽ ان جي باوجود ٻوٽن جي دوڪان وانگر اشهد آگرسان نڪ نڪ ڪري، هن روڊ ال سان اکهڻ مناسب سمجهيو. ان وچ ۾ مان نلڙي ٻار جيان وات ڦاڙيو ڏانهس ڏسندو رهيس.

”ڏس يـر،“ هن وڏائي سان مـون ڏي نهاريو. ”هن پئڪيٽ ۾ توکي هتان جي انهن سڀني سهڻين ڇوڪرين جا فوٽا لڀندا جن جـو هن وقت تائين مون سان لاڳاپو رهيو آهي. گهڻو ڪري سڀئي وڏگهرائيون آهن. زندگي ۾ پهريون ڀيرو توکي ٿي ڀيو ڏيکاريان، ڪڻ قرآن جو قسم تہ ڪنهن کي ڪونہ ٻڌائيندين؟“

”ها،“ مان الائي ڇو ’هـا‘ کان وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيس.

”چڙي ها مان ڪجهه ڪونه ساندو، اول ڪو پلو سائين به وچ ۾ هجي.“

ننڍي هوندي ڪو ڪن ڦاڙ جوڳي نانگ ڪٽي ايندو هو ته ويڙهي جا سڀ ٻار سندس چوڌاري ميڙ لاهي بيهندا هئاسين. نانگ ڏيکارڻ کان اڳ، جي هو مرلي وڄائڻ يا ٻڌائڻ ۾ ته هن اهو نانگ ڪٿان پڪڙيو ۽ ڪيترو مدو پيل آهي، گيسر ڪندو هو تہ اسان کي جڪ پيا ايندا هئا. اسان جي دل رکو چوندي هئي ته هو سڀ ڳالهيون پوءِ تي رکي، پهنجي ڪانڌ واري ڇٻي جو ڍڪ مٿي ڪري ته ڏسون: ڪاريهر آهي يا ڪنيارو— سندس ان اجائيءَ گيسر تي به اوتري ئي خار آئي ۾ سانڙي ڪري تڙ تڪڙ ۾ قسم ڪنيم جيئن وڌيڪ ڪا دير نه ڪري. جيئن ڪو پاڪ ڪتاب کولبو آهي تيئن هن آهستي پئڪيٽ کولي، ان مان هڪ فوٽو ڪڍيو. هن عجيب نظرن سان فوٽي کي ڏسندي، ٽڏو شوڪارو ڀريندي، فوٽو مون کي ڏنو ۽ چيو، ”اها ڇمپا اٿئي.“— مان ڇمپا کي ڏسڻ لڳس، فوٽو تڪڙ ۾ ڪڍيل پئي نظر آيو. سندس ڪاڇي هٿ ۾ ڪتاب هئا جن کي سيني سان لايو شايد اسڪول ڏانهن پئي وئي. ڪپڙن لٽن مان ڊيسنٽ واٽياڻي پئي لڳي. مان سندس مهڻن سهانڊن کي ڏسڻ لڳس ۽ هو مون کي هن بابت ٻڌائڻ لڳو. ”گرنگ سيٽ جي ڌيءَ هئي ۽ واٽڪي اسڪول ۾ پڙهندي هئي. هڪ ڏينهن ڪيس اسڪول

پوءِ گهڙيءَ گهڙيءَ سڪ لڳندي هئي. انهن ڏينهن ۾ دماغ شريف ۾ به عقل ذرو آندو هوم. پنهنجي جهوپڙي هيٺان صاف پاڻي هوندي پري پئي هنڌ وچي اچ لاهڻ به سياٽپ ڪانه هئي. تنهنڪري 'اول خويش ۽ پوءِ درويش' جي قول کي ياد ڪندي، پيا پاسا ڪجهه وقت لاءِ ڇڏي پنهنجي ممتاز ۽ ئي نظرون کپايم. روز صبوح شام جو وٽس وڃڻ لڳس، ڪڏهن ڪنهن حيلي ته ڪڏهن ڪنهن بهاني. گهريلو ڇوڪري معنيٰ گونگو پاڻي، جيئن ڪو پؤ ڪري تيئن پڏي: سو هڪ ڏينهن همٿ ڪري ڪيمس سڀ ڪجهه چئي ڏنم. دل ۾ پوٽا سورنهن آنا پڪ هيم ته جواب سريلو ملندم. ٿيو بس ائين، پٽي ڏينهن ئي نه گذريا هئا ته نيري لفافي اچي نڪاهه ڪيو. دل کي بهاري اچي وئي. ان وقت ئي سندس مهرباني مجھڻ لاءِ ڏانهس ويم. مونکي ڏسي سندس سهٽون اکڙيون هيٺ جهڪي ويون ۽ سندس مکڙي تي حياءَ ڪان لالاڻ اچي وئي. پر پاڻ کي ائين خالي خولي عشق پاڻ‌ءِ نه پوندو آهي ۽ وجهه تاڙڻ لڳس. هڪ ڏينهن جڏهن سندس گهر جا پاتي باهر ويل هئا ته مان وٽس پهچي ويم ۽ ان ڏينهن ئي ڪيس "سوٽ" بنائي ڇڏيم."

"هينئر ڪٿي آ؟" مان ڪانئس پڇيو.

"اتي پرسان ئي، پر اڄڪلهه وٽس ڪونه وڃان."

"ڇو؟"

”پاڻ کي پاروڻا مال نہ وٺن، اسان تازن مالن جا شوقين آهيون.“ هو ڪلڻ لڳو ۽ مان بہ، ڏند ٽيڙي ڪلڻ لڳس.

هن ٽيون فوٽو ڪڍي مونکي ڏنو. ڏسي بت مان سيراٽيون نڪري ويون. حسن جي راڻي، سائڪي بہ هن کان چا سهڻي، ڪپڙن هوندي بہ ڪنهن عظيم سنگتراش جو اگهاڙو بت پئي لڳي سندس سهڻا سهڻا نقش ڏسي قدرت جي ڪاريگري جي ڪمال ۾ ئي مچڻو پئي پيو.

”ڪير آ هيءَ!“ مان ڏڙڪندڙ دل سان ڪانئس پڇيو.

”هن بابت نہ پڇ“ هو مشڪڻ لڳو. سندس نگاهن ۾ اهڙي چمڪ هئي جا صرف وڏائي ۽ مغروري وقت پيدا ٿيندي آهي.

”نيٺ بہ؟“

”خانصاحب نورحسين خان جي ڌيءَ آهي. نالو اٿس نوري.“

”آهي بہ نور“

مان ڪيس ماٺ ڏسي ڏانهس ڏٺو ۽ اکين ۾ ايلاز ڪيا. هن ڪنڌ ڌوڻي نوري جي ڳالهہ شروع ڪئي.

”انهن ڏينهن ۾ مان بي. اي جي ٽئين سال ۾ پڙهندو هوس جو هوءَ بہ ڪاليج ۾ داخل ٿي. مان تہ ڪيس ڏسندي ئي چريو ٿي پيس. پنهنجو ڪلاس ڇڏي سڄو ڏينهن هن جي ڪلاس جا چڪر پيو هڻندو هوس. پنهنجي ڪلاس ۾ هجي ها تہ ڳالهائڻ جو

موقعو بہ ملي ها، پر هوءَ تہ سون کان هڪ سال هيٺ هئي. دل ۾ سوچيم تہ فلاڻا، جي هن گل جو واس وٺو ائٿي تہ فيل ٿي، هڪ سال. اهو سال امتحان ۾ نہ ويٺس ۽ ٻي سال هو بہ اچي ٻاڻ سان گڏ ٿي. پوءِ تہ نوٽس ۽ ڪتابن جي بهاني هڪٻئي سان ڳالهائڻ پيو ٿيندو هو. ڪاليج ۾ مان مکيہ شاگردن مان هڪ هئس، چيا راندين ۾، چيا ٻين ڳالهين ۾. منهنجي انهن قابليتن ڪي ڏسي روز بروز منهنجي ويجهو پوندي ويئي؛ هڪ ڏينهن، خالي پيرڊ ۾ ٻنهي لان ۾ گهمي رهيا هئاسين تہ ڳالهين ڳالهين ۾ هن ٻڌايو تہ، شايد هن سال ڪانپوءِ هوءَ نہ پڙهي. سندس اها ڳالهہ ٻڌي مان کيس ڪو جواب نہ ڏنو ۽ پرسان پيل بئينچ تي ڪنڌ جهڪائي ماٺ ڪري ويهي رهيس."

"چو ماٺ ڪري وئين؟" هوءَ بہ پرسان اچي ويهي رهي.

"ائين ئي" مان کيس ڪجهہ نہ ٻڌايو، خيال ڪيم تہ پلي ڪجهہ زور پري.

"ٻڌاءِ نہ؟" هن ڪجهہ اهڙي نموني پڇيو جڻ هن کي منهنجي هر ڳالهہ تي هڪ قسم جو حق هو."

"اهڙو وارو تہ ملي. هڪدم پنهنجي پيار جو اظهار ڪيومانس. اڳئين سال امتحان ۾ نہ ويهڻ جي بہ حقيقت ٻڌائيمانس. ڏٺم تہ سندس اکيون آليون ٿي ويون ۽ هن ٿوري دير سوچي منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿن ۾

وِلي چيو "مان تنهنجي آهيان." پوءِ پنهنجي رات تي ويئي. ڪاليج مان ڪسائي هت ايندا هئاسين نوڪر ٻاهرئين دروازي کي ڪلف ڏئي هليو ويندو هو، ۽ هوءَ هوندي هئي ۽ مان هوندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن پور پوندو هوس ته اڄ رات جو ٻه پاڻ جا ڪپڙا پائي هت اچي ٿڪو ڪندي هئي. سڄي رات رهاڻيون ڪري پوءِ موڪل ڏيندو هو مانس جلدئي سندس مائٽن تڙ تڪڙ ۾ هن جي شادي ڪرائي ڇڏي، هينئر پٽ ڄائو اٿس. بس ڪهڙي ڳالهه ٻڌايانءِ رنگ سو پورو اٿس، باقي هن کي لڪائي مون کي ڪيءِ" توري دير ماٺ ۾ رهي هن وري چيو "يار، ڏاڍو ڪارا ڏينهن، پاڻ ته حرام جو آنڪ ٻه مٽس خرچ ڪئي سين." هن پيا ٻه فوٽا ڏيکارڻ گهريا، پر منهنجو موڊ آف تي ويو هو. پنهنجي سڄي عمر ڇوڪرين پٺيان جتيون گسائيندي گذري هئي پر هڪ ڇوڪري ٻه منڙي مرڪ سان پاڻ ڏي ڪونه نهاريو هو. حالانڪ مان لڪ پيرا ڪاڻس شڪل ۾ چڱو هوس، سندس ڪارو ٿلهو بدن ۽ ڪدوءَ جهڙو نڪ ته الٽيءَ جهڙو هو اندر جي سور ڪان، نه چاهيندي ٻه ان ڳالهه جو سبب پڇي ويٺس.

"ادا شڪل تي ڪونهيءِ" هو مشڪندي جواب ڏيڻ لڳو "رڳو ساعت جي ڳالهه آهي، تون سهڻو آهين پر ساعت ڪانهيءِ. مان شڪل جو سادو آهيان ته ٻه پرين کي نوائي سگهان ٿو."

اتي کان اڪ فوٽا ڪيس موٽائي ڏنم. پاڪيٽ ۾ واپس رکڻ کان اڳ هو بکين وانگر فوٽن ڏي نهارڻ لڳو. الاجي ڇو مون کي هو انهن بکين مان ڏسڻ ۾ آيو جيڪي بک جي باوجود، گهربل شيءِ کي ڪنهن سبب کان نه کائي سگهندا هجن.

پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ هڪ شام جو ونس ڪچهري لاءِ ويس. اڱڻ لتاڙي ڪوٺيءَ جي ٻيڪڙيل دروازي وٽ پهتس ته، اندران سندس آواز ٻڌم. هو ڪنهن کي چئي رهيو هو.

”ڏس يار، هن پئڪيٽ ۾ توکي هتان جي انهن سٺين سهڻين ڇوڪرين جا فوٽا لڀندا جن جو هن وقت تائين مونسان لاڳاپو رهيو آهي. گهڻو ڪري سڀئي وڏ گهراڻيون آهن. زندگي ۾ پهريون ڀيرو توکي پيو ڏيکاريان. ڪڻ قرآن جو قسم ته ڪنهن کي ڪونه ٻڌائيندس.“

جيستائين ٻڌندڙ قسم کڻي، مان در کي ڌڪو ڏئي اندر ٿيس. ڏٺم ته سندس هٿ ۾ اهي ئي ٽي فوٽا هئا. مونکي ڏسي سندس منهن جو رنگ ائين لهي ويو، ڄڻ بند چالون کيڏندي ڪنهن سندس ”ڪول“ ڪرائي هجي ۽ هو رکو ”پٽ“ نڪتو هجي.